ماهوار

# پيغام

ڪراچي

- ٻوڏن جي تباهي ماحولياتي تبديلي سان جڙيل آهي...
- بکر جي تاريخي عظمت
- تهذيب ۽ تعليم
- مخدوم ابوالحسن: سنڌي الفابيٽ جو مؤجد
- عبدالله خان ورياهُ: سنڌ جي تاريخ سان پيار ڪندڙ
- پروفيسر ميرمحمد مقبول سومرو



سنڌ ۾ برساتي ٻوڏ جون تباهڪاريون




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه وقتي گورنر آغا سراج دراني سان گڏ
مزار قائد تي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه، وقتي گورنر آغا سراج دراني، صوبائي ڪابينه جي ميمبرن ۽
چيف سيڪريٽريءَ محمد سهيل راجپوت سان گڏ قائد اعظم محمد علي جناح جي مزار تي فاتحه پڙهي رهيا آهن.

ماهوار
# پيغام
ڪراچي

جلد 26، شمارو 09، سيپٽمبر 2022ع

نگران اعليٰ
**شرجيل انعام ميمڻ**
صوبائي وزير اطلاعات، حڪومت سنڌ

نگران
**عبدالرشيد سولنگي**
سيڪريٽري اطلاعات، حڪومت سنڌ
.......
**غلام ثقلين**
ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ رليشنز
اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ

چيف ايڊيٽر
**منصور احمد راجپوت**
ڊائريڪٽر پبليڪيشن

اسسٽنٽ ايڊيٽر
**ثناءُ الله سومرو**

لي آئوٽ ڊزائين
**نزاڪت علي ڪوڪر**

رابطي لاءِ
ڊائريڪٽر پبليڪيشن اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ
بلاڪ 95، سنڌ سيڪريٽريٽ 4B ڪراچي 74200
فون: 02199202610

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ سنڌ حڪومت جون ڪوششون | ايڊيٽوريل | 02 |
| ٻوڏن جي تباهي ماحولياتي تبديلي سان جڙيل آهي... | الهه بخش راٺوڙ | 03 |
| سنڌ ۾ برساتي ٻوڏ جون تباهڪاريون | شبير احمد مغيري | 07 |
| سنڌ ۾ برساتي ٻوڏن جي تاريخ | ثمرين ميمڻ | 11 |
| بلوچستان ۾ آيل ٻوڏ جا سنڌ تي اثر | عبدالستار بلوچ | 14 |
| بکر جي تاريخي عظمت | ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو | 18 |
| تهذيب ۽ تعليم | سنڌيڪار: هدايت الله سومرو | 48 |
| مخدوم ابوالحسن: سنڌي الفابيٽ جو موجد | طارق عزيز شيخ | 51 |
| عبدالله خان ورياهه: سنڌ جي تاريخ سان پيار ڪندڙ | اعجاز علي خواجا | 54 |
| ڪامريڊ دادا علي بخش خاصخيلي سنڌ جو ڪاهوڙي ڪردار | خاصخيلي عبداللطيف راولاٽي | 57 |
| پروفيسر مير محمد مقبول سومرو حقيقي مالڪ ڏانهن راغب ٿيڻ جو درس ڏيندڙ بزرگ ۽ شاعر | عبدالله نعيم | 59 |

**ڇپائيندڙ: اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ**
**ڇاپيندڙ: افيئر پبلشنگ هائوس، ڪراچي**
فلور 9، آفيس نمبر 924، ٽريڊ ٽاور، عبدالله هارون روڊ، ڪراچي. **021-35210405**

## ايڊيٽوريل

# سنڌ ۾ ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ لاءِ سنڌ حڪومت جون ڪوششون

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته صوبي ۾ ٻوڏ دوران ڏيڍ ڪروڙ ماڻهو بي گهر ٿيا آهن. ٻوڏ متاثرن لاءِ 15 لک خيما گهرجن. راشن لاءِ به سڀني سان رابطا ڪري رهيا آهيون. سيد مراد علي شاهه وڌيڪ چيو ته حڪومت کان مطالبا ۽ شڪايت ڪرڻ ٻوڏ متاثرن جو حق آهي، سنڌ ۾ تمام گهڻو پاڻي آهي، سنڌ جي زمين تي 120 ايم اي ايف پاڻي آيو آهي، ماهرن تجويز ڏني ته پاڻي کي گهُمايو ڇڏايو وڃي ته پاڻي کي ڪيئن گُهمائي سگهجي ٿو. هن چيو ته ٻوڏ رب پاڪ طرفان آزمائش آهي، هن چيو ته ڏيڍ ڪروڙ ماڻهو سنڌ ۾ بي گهر ٿيا آهن جتي به خيما دستياب هئا اسان ورتا ۽ اسان کي وڌيڪ 15 لک خيما گهربل آهن، راشن لاءِ سڀني سان رابطو ڪري رهيا آهيون، وڏي وزير چيو ته آئون ٻوڏ متاثر علائقن ۾ ٽيون ڀيرو چڪر هڻي رهيو آهيان ۽ حيدرآباد کانپوءِ ٽنڊو الهيار ۽ ان کان اڳيان ٻين ضلعن ۾ پڻ دورا ڪري صورتحال جو جائزو وٺي رهيو آهيان، وڏي وزير وڌيڪ چيو ته جيڪي ماڻهن کي ڇڏي ويا آهن انهن کان حساب بعد ۾ ڪنداسين، اسين ماڻهن ۾ وڃي رهيا آهيون تڏهن ته هو سنڌ جي وڏي وزير کان شڪايتون ڪري رهيا آهن، وڏي وزير چيو ته حڪومت سامهون مطالبو ڪرڻ متاثرن جو حق آهي. هڪ سوال تي وڏي وزير چيو ته جيڪڏهن ڪٿان به خيما ملن ٿا ته اهي اسين خريد ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، هن چيو ته اسان کي پنهنجن ماڻهن کي شيلٽر ڏيڻا آهن. اسان کي راشن خريد ڪرڻو آهي. سنڌ تي تمام وڏي آزمائش آهي ۽ مان پاڻ پوري سنڌ جو دورو ڪري رهيو آهيان ۽ اسين ماڻهن تائين پهچي رهيا آهيون، هن چيو ته ميڊيا ٻڌائي رهي آهي ته ماڻهو تڪليف ۾ آهن، ماڻهو واقعي تڪليف ۾ آهن، وڏي وزير چيو ته آئون چوان ٿو ته ميڊيا ماڻهن جي تڪليف ضرورت ڏيکاري، خاص طور تي بي گهر ماڻهن جون تڪليفون ڏيکاري ته جيئن عوام کي احساس ٿئي ۽ وڌ کان وڌ متاثرن جي امداد لاءِ اڳيان اچن، ميڊيا جا ماڻهو ضرور تنقيد ڪن پر اها زيادتي آهي ته ڪنهن هڪ جڳهه تي وڃي چون ته هتي ڪو به نه پهتو هن چيو ته ماڻهن کي جيڪا هن وقت تڪليف آهي اها جائز آهي. سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه حيدرآباد ۾ اجلاس کانپوءِ ٽنڊوالهيار پهتو جتي ڪيس عملدارن پاران بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته ٽنڊوالهيار ۾ برساتن سبب 125831 آبادي/ 53968 خاندان متاثر ٿيا آهن ۽ 280 متاثرن کي امدادي ڪيمپن ۾ رکيو ويو آهي، هڪ ٻي جاءِ ٽنڊو سومرو ويجهو ڪئمپ آهي جتي 250 متاثرين ترسيل آهن. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته ٽنڊوالهيار ضلعي ۾ 114906 مان 140764 ايڪڙ فصل تباهه ٿيو. شهر جي امدادي ڪمن بابت ڄاڻ ڏيندي ٻڌايو ويو ته ٽنڊوالهيار کي 5179 خيما مليا ۽ 20 هزار وڌيڪ گهربل آهن، مڇردانيون 46600 ۽ هڪ لک وڌيڪ گهربل آهن، راشن جا ٿيلها 9250 ملي چڪا ۽ 20 هزار وڌيڪ گهربل آهن جڏهن ته 8400 ترپالون ڏنيون ويون ۽ 10000 وڌيڪ گهربل آهن. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته پاڻي نيڪال لاءِ 19 مشينون مليون آهن جن کي وڌائي 25 ڪيو ويو آهي. سنڌ جي وڏي وزير آبپاشي، لوڪل گورنمينٽ ۽ پي ايڇ اي کاتي کي هدايت ڪئي ته ضلعي جي شهرن ۽ ڳوٺن مان پاڻي نيڪال جو عمل تيز ڪيو وڃي، ميرپورخاص پهچندي وڏي وزير تعلقو جهنڊو مري واري علائقي ۾ واقع ديوان فارم پمپنگ اسٽيشن وٽ پهتو. وڏي وزير حيسڪو چيف کي فون ڪري ان کي آپريشنل ڪرايو ۽ برسات جو پاڻي ڪڍڻ شروع ڪيو. ٽنڊي الهيار جي تعلقي جهنڊو مري جي ڳوٺ منو ميرجت ۾ وڏي وزير سنڌ جي ڳوٺاڻن سان ملاقات ڪئي جن ٻڌايو ته سندن علائقي ۾ بجلي جا پول ڪري پيا آهن جنهن سبب هو گذريل 20 ڏينهن کان بجلي کان محروم آهن. وڏي وزير حيسڪو چيف کان علائقي جي مختلف ڳوٺن ۾ بجلي بحال ڪري رپورٽ طلب ڪئي. ميرپورخاص ۾ وڏي وزير شجاع آباد جي ڳوٺ بروهي پرسان قائم ٽينٽ سٽي جو دورو ڪيو جتي روڊن سميت 15 کان وڌيڪ ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا. وڏي وزير ڊي سي کي هدايت ڪئي ته پمپنگ اسٽيشن قائم ڪري مورو چينل ۾ پاڻي نيڪال ڪيو وڃي. مراد علي شاهه عمرڪوٽ ۾ ٻوڏ متاثرن جي خيمي جو دورو ڪيو ۽ انهن سان ملاقات ڪئي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه عمرڪوٽ جو دورو ڪري مير حسن ڊونڪائي ڳوٺ پرسان خيمن ۾ ويٺل ٻوڏ متاثرن سان ملاقات ڪئي ۽ سامان پهچائڻ بابت پڇا ڪئي. سنڌ جي وڏي وزير اتي رهندڙ ٻوڏ متاثرن جي هر ممڪن مدد جو يقين ڏياريو. سنڌ جو وڏو وزير گاڏهه نان وٽ قائم ٽينٽ سٽي جو دورو ڪري ٻوڏ متاثرن سان ملاقات ڪندي ڪاڏو ورهايو ۽ مسئلا پڻ معلوم ڪيا. ان موقعي تي چونڊيل نمائندي صوبائي وزير سيد سردار شاهه وڏي وزير کي ٻڌايو ته ڪيمپ ۾ وقتي طور تي پچيل کاڌو ۽ راشن ڏنو پيو وڃي، ڪيمپ ۾ 2 هزار کان وڌيڪ خيما به لڳايا ويا آهن. هو ڏانهن انتظامي ڪمن کان مطمئن ٿي وزيراعليٰ سنڌ هاڪڙو ڊورو پهتو جتي ڪيس ڊي سي عمرڪوٽ پاڻي نيڪال بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته پاڻي جي نيڪال لاءِ نوان چينل کوٽيا ويا آهن جن ۾ ڪوٽ واهه، چوڙ واهه، ڊورو نارو کهنڙ حسيسار سيو شامل آهن. ڊي سي چيو ته کيت سنگهه ڳوٺ پرسان ڪينٽ وٽ چينل تي اليڪٽرڪ واٽر پمپ ۽ ڊيزل انجڻين سان ڪم جاري آهي، پاڻي جي نيڪال لاءِ 25 پمپنگ مشينون لڳايون ويون آهن. اتان کان ٿيندي وڏو وزير، ضلعي هيڊڪوارٽر اسپتال جو دورو ڪيو. ان موقعي تي صوبائي وزير سردار شاهه وڏي وزير کي ٻڌايو ته ڊي ايڇ ڪيو 250 بسترن تي ٻڌل اسپتال آهي جنهن ۾ ريڊيولاجي ڊپارٽمينٽ، ليب ڊپارٽمينٽ، آپريشن ٿيٽر، ليبر روم ۽ ٻيون سهولتون موجود آهن ۽ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال اڃا تعمير هيٺ آهي جڏهن ته اسپتال فعال آهي ۽ مريضن جو علاج هلندڙ آهي. سنڌ جي وڏي وزير ورڪس واري وزير کي هدايت ڪئي ته اسپتال کي جلد مڪمل ڪيو وڃي.

# ٻوڏن جي تباهي ماحولياتي تبديلي سان جڙيل آهي...

الهه بخش راٺوڙ

هيءَ ڳالهه ته گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس به مڃي ورتي ته پاڪستان جي عوام کي اڻ ڪيل گناهن جي سزا ملي آهي،اهي ملڪ جيڪي عالمي گرمي پد وڌائڻ جا اصل ذميوار آهن،اهي پنهنجن گناهن جو ڪفارو ادا ڪندي ٻوڏ ۽ برسات سٽيل، بي گهر ، بي يارو مددگار ماڻهن جي مدد ڪن. سندس چوڻ هو ته خوابن جهڙيون وستيون ۽ واهڻ،جيڪي زندگي جي علامت هئا،اهي سمورا مٽي جا ڍير ٿي ويا،عالمي قوتون انهن جي دل کولي مدد ڪن.ائين لڳي ٿو جڻ سنڌ ۽ بلوچستان قدرتي تباهي سبب مهين جي دڙي جو ڏيک ڏئي رهيا آهن.اسلام آباد کان سکر ايئرپورٽ، اتان بلوچستان جي علائقي اوستا محمد ۽ آخري منزل طور ڏوڪري پرسان مهين جي دڙي تي پهتل انتونيو گوتريس ،پنهنجن اکين سان تباهي جا منظر ڏٺا.ڪئين معصوم انسان، پنهنجي الهه تلهه کان محروم ٿيڻ ڪانپوءِ کليل آسمان هيٺ ويٺل هئا،هنن جو پنهنجا پيارا به ساٿ ڇڏي ويا،اهي فطرت جي ڏاڍ ۽ ڏمر اڳيان



سينو ساهي نہ سگهيا ۽ انتهائي اذيتناڪ انداز ۾ وچوڙي جا گهاو ڏئي ويا. کيت، فصل، گهر ۽ آباديون، جتي خوشين جا ٽهڪ هئا، سمورا درياهہ ۾ لڙهي ويا. هر طرف ڇر ئي ڇر، پاڻي ئي پاڻي نظر آيو. ايستائين جو پاڻي وڏڙن جون دفن ٿيل هڏيون بہ وهائي ويو. تباهي جو اهڙو منظر ورلي ڏٺو ويو هوندو. گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل، جن علائقن ۾ متاثرن سان مليو. اتي ڳالهائڻ دوران هن جو آواز ڇهيٽو ٿي ويو پئي، هن ماڻهن جي ڏکن ۽ پيڙائن کي دل جي گهراين سان محسوس ڪيو پئي.

پورچوگال جي سوشلسٽ پارٽي جو اڳوڻو سيڪريٽري جنرل، انتونيو گوتريس ماڻهن جي نرڙ تي ڏک جون ريکائون پڙهڻ ۾ ڪامياب ويو. چاڪاڻ تہ هن جو اسڪول آف ٿاٽ بہ ڏتڙيل عوام جي اهنجن تي پها رکڻ وارو رهيو آهي. هو چئي رهيو هو تہ عالمي گرمي پد ۾ واڌ ڪرڻ ۾ پاڪستان جو ڪوبہ هٿ ناهي، پر ان کي ملي سزا تمام گهڻي آهي. پاڪستان جنهن جو گرمي پد وڌائڻ ۾ رڳو هڪ سيڪڙو حصو آهي، پر عالمي طاقتن، آمريڪا، چين، فرانس ، روس ۽ ٻين ملڪن، جيڪي صنعتي ترقي جي نالي ۾ 90 سيڪڙو ڪان وڌيڪ زهريليون گيسون پيدا ڪن ٿا، دنيا کي وڌيڪ گرم بڻائين ٿا، اهي ئي اصل ڏوهاري آهن. ڪرونا ڪانپوءِ هي وڏي تباهي آهي، جنهن جي قيمت پاڪستان جي عوام کي ادا ڪرڻي پئي آهي. گوتريس، عالمي اڳواڻن کي مخاطب ٿيندي چيو تہ ٻوڏ ۽ برسات، جيڪا تباهي ڪئي آهي، ان جي نتيجي ۾ پاڪستان کي 30 ارب ڊالر گهربل آهن.

بقول انتونيو گوتريس، ٻوڏ ۽ برسات جيڪا تباهي ڪئي آهي، اها ختم نہ ٿي آهي. 30 ڪروڙ انسان، متاثر ٿيا آهن. 14 سو شهري حياتيون وڃائي ويٺا آهن. 12 هزار 700 ماڻهو زخمي ٿيا آهن. اهي جيڪي بچي ويا، اهي گهايل آهن. هنن جو جسم سورن ۾ ورتل آهي، روڊ ۽ رستا اکڙي پيا آهن. 17 لک گهر ڊهي پيا. هڪ ڪروڙ 38 لک ايڪڙن تي بيٺل فصل بہ لڙهي ويا. پليون ۽ ننڍا وڏا گس پاڻي جي پيٽ ۾ هليا ويا. جيڪڏهن ڪجهہ بچيو تہ اکين ۾ اداسي ئي آخري سرمي طور رهيل آهي، ايستائين جو انهن جي آس بہ نراس ۾ تبديل ٿي وئي.! بقول انتونيو گوتريس جي اسان فطرت جي خلاف جنگ ڪئي، ۽ ان تباهي مچائيندڙ انداز ۾ مڙي ڪري اسان تي وار ڪيو. پر نقصان ان جو ٿيو سزا ان کي ملي، جيڪو بيڏوهي آهي!. هو سموري دنيا کي ياد ڏياري رهيو هو تہ اڄ پاڪستان جنهن تباهيءَ جي ڪنڌي تي پهتو آهي، اتي توهان بہ پهچي سگهو ٿا. اسان کي ان تباهي کي هر صورت ۾ روڪڻو پوندو.

گڏيل قومن جو جنرل سيڪريٽري انتونيو گوتريس ٻوڏ صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ خاص طور تي سنڌ ۽ بلوچستان جون حالتون ڏسندي اهو واضح چيو آهي تہ پاڪستان ماحولياتي تبديلين جي تباهي کي منهن ڏئي رهيو آهي. اڄ پاڪستان موسمي تبديلين جي تباهہ ڪارين کي منهن ڏئي رهيو آهي سڀاڻي ٻيو ڪو ملڪ متاثر ٿي سگهي ٿو انهي ڪري ماحولياتي تبديلين جي خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ دنيا جي سڀني ملڪن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي ڳالهين جي روشني ۾ ڏسجي تہ هن وقت سموري دنيا ماحولياتي تبديلين جي اثر هيٺ آيل آهي. دنيا جا جيڪي ڏهہ ملڪ ماحولياتي تبديلين سبب تباهہ ڪارين جي نشاني تي آهن انهن ۾ هڪڙو ملڪ پاڪستان پڻ آهي. هن وقت ماحولياتي تبديلين سبب دنيا جا جيڪي مختلف خطا تباهي ڏانهن وڌي رهيا آهن. انهن ۾ پاڪستان سرفهرست آهي.

سال 2022ع ۾ ماحولياتي تبديلين سبب تباهہ ڪارين جا جيڪي مختلف انگ اکر سامهون آيا آهن انهن انگن اکرن سموري دنيا کي پريشان ڪري ڇڏيو آهي. ماحوليات تي ڪم ڪندڙ مختلف عالمي تنظيمن توڙي اقوام متحده دنيا جي مختلف ملڪن ۽ خطن کي اڳي ئي خبردار ڪيو هو تہ جيڪڏهن گرين هائوس (زهريلين گئسن) جي اخراج کي نہ روڪيو ويو تہ ايندڙ ڏينهن ۾ دنيا جي مختلف خطن کي اچا بہ وڌيڪ تباهي جو منهن ڏسڻو پوندو ۽ قدرتي آفتون مختلف خطن کي لپيٽ ۾ آڻينديون. موسمي تبديلين جي حوالي سان جائزو وٺجي تہ فطرت سان هٿ چراند، وڻن جي واڍي، گرين هائوس گيسن جي اخراج سبب عالمي گرمي پد ۾ 1.5 سينٽي گريڊ واڌارو آيو آهي. ماحولياتي تبديلين جي ڪري هلندڙ سال ايشيا جي ملڪن ۾ تيز برساتن تباهي آندي آهي جنهن ۾ چين جا صوبا تمام گهڻو متاثر ٿيا آهن. انهن خطن ۾ تيز برساتن جي وهڪرن سبب ٻوڏ واري صورتحال آهي. چين تہ پنهنجي ضلعن ۾ زبردست ريسڪيو آپريشن ڪيو آهي.

هن وقت اقوام متحده سميت سمورا عالمي ادارا، مختلف عالمي تنظيمون ڌرتي ۽ ماحوليات کي بچائڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهيون آهن پر اهي ڪوششون هاڻي ناڪافي



آهن. ماحولياتي تباهي جو اهم ڪارڻ فطرت سان هٿ چراند آهي. سنڌ ۾ اڪثر توهان ڏٺو هوندو تہ اتي هر روز ٻيلا ڪٽجي رهيا آهن وڻ وڍجي رهيا آهن. صنعتون دونهون اوڳاڇي رهيون آهن. گئسن جي اخراج سبب ماحولياتي آبي گدلاڻ ۽ فضائي گدلاڻ جنم ورتو آهي. دريائي پاڻيءَ ۾ زهريلي ڪيميائي مادي جي ڇوڙ سبب نديون ۽ ڍنڍون گند ڪچري سان ڀرجي ويون آهن پاڻي جا قدرتي وهڪرا ۽ لنگهہ بند آهن.ان ڪري اسان جي سنڌ جي ماحولياتي خطري هيٺ رهي آهي انهي ڪري اسان جيڪي هي تباهہ ڪاريون ڏسون پيا ان جو ذميوار اسان پاڻ آهيون. ڌرتي جي گرمي پد ۾اضافي سبب موسمن ۾ تبديلي اچڻ هڪ فطري عمل آهي.

عالمي گرمي پد ۾ واڌاري سبب سموري دنيا ۾ تباهيون ٿي رهيون آهن. گذريل سال آمريڪا ۽ ڪيناڊا جون رياستون شديد گرمي جي لپيٽ ۾ هيون جنهن سبب اتي جي مختلف رياستن ۾ ٻيلن ۾ باهہ لڳڻ جا مختلف واقعا پڻ رونما ٿيا.عالمي وايو منڊل ۾ وڌندڙ گرمي پد سبب گذريل سال ترڪي جي مختلف صوبن ۾ باهين لڳڻ جا 270 واقعا رپورٽ ٿيا هئا. انهن باهہ جي واقعن ۾ 36 هزار ماڻهن کي محفوظ جڳهين ڏانهن منتقل ڪيو ويو هو. جڏهن تہ ترڪي ۾ لڳندڙ باهہ جي واقعن يونان، اسپين ۽ اٽلي کي پڻ متاثر ڪيو هو.ترڪي جا 55 هزار ايڪڙ تي ٻيٽل ٻيلا مڪمل طور تي تباهہ ٿي ويا آهن. ترڪي، يونان، اسپين ۽ اٽلي جي ٻيلن ۾ باهہ لڳڻ جي واقعن سبب اتان جا ناياب جانور ۽ پکي جن ۾ سها، لومڙ، چيتا ۽ ڪڪڙيون ختم ٿي ويا. موسمي تبديلين جي اثر ڪري ٻين ملڪن جيان يونان هن وقت شديد قدرتي آفتن جي لپيٽ ۾ آيل آهي. سنڌ پڻ هن سال موسمي

تبديلين جي اثر ڪري تمام گهڻو پوڳيو آهي. موسمي تبديلين سبب سنڌ جو انڊس ڊيلٽا تباهه ٿي رهيو آهي . سنڌ ۾ هن سال جون مهيني تائين پاڻي جي سنگين کوٽ رهي، پاڻيءَ جي کوٽ سبب سنڌ سوڪهڙي جو شڪار بڻيل رهي ۽ سنڌ جي زراعت تباهه ٿي ويئي. ان کان پوءِ تيز برساتن سنڌ کي ٻوڙي ڇڏيو. گذريل ڏهن سالن کان سمنڊ ۾ مٺو پاڻي نه اچڻ سبب سمنڊ جي سطح ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ اچي رهي آهي. اهڙيءَ ريت سمنڊ سنڌ جون زمينون پائي رهيو آهي. سمنڊ جي سطح وڌڻ سبب سنڌ جا سامونڊي علائقا وڏ ۾ وڏ متاثر ٿي رهيا آهن . ٿر ۾ ڪجه سالن کان گهٽ برساتون پوڻ سبب ٿر جو صحرا پڻ وڌي رهيو آهي .ماحولياتي اثرن سبب ٿر جي جهنگلي جيوت پڻ متاثر ٿي آهي ۽ ڪيترائي مور پڻ مري ويا جڏهن ته شديد گرمي سبب ٿر ۾ جر جي پاڻيءَ جي سطح هيٺ هلي ويئي آهي. اهڙي ريت ٿر جي کوهن ۾ جر جو پاڻي ختم ٿيندو پيو وڃي۽ انهن کوهن ۾ پاڻي اٽلپ ٿيندو پيو وڃي.

مجموعي طور تي موسمي تبديلين جي اثر سبب سنڌ جو زرعي توڙي معاشي سسٽم متاثر ٿيو آهي. ماحولياتي گدلاڻ سبب عالمي گرمي پد ۾ واڌ ايتري قدر اچي چڪي آهي جو سموري ڌرتي جو وايو منڊل متجي ويو آهي.هن وقت جيڪي عالمي ماحولياتي تبديليون اچي رهيون آهن ان ۾ وڏ ۾ وڏ ڌرتي جو ايڪو سسٽم متاثر ٿيو آهي ۽پوري بايو ڊائيورسٽي تباهه ٿي وئي آهي. بهرحال climate change جي اثرن جي حوالي سان 2015 ع ۾ اقوام متحده سميت دنيا جي عالمي ادارن دنيا جي سمورن ملڪن کي خبردار ڪيو هو ته موسمي تبديلين سبب 2040 ع تائين دنيا ۾ وڏيون تبديليون اينديون۽ ماحولياتي تبديلين سبب هن ڌرتي تي وڏيون تباهه ڪاريون اينديون. گرمي پد ۾ مسلسل واڌ سبب گليشيئر تيزي سان ڳرڻ شروع ڪندا .جنهن سبب ڌرتي جا مختلف خطا دريائي ۽ شهري ٻوڏن جو شڪار ٿيندا. هن سال موسمي تبديلين ۽ وڌندڙ گرمي پد جي ڪري توهان ڏٺو ته مختلف خطن ۾ ٻوڏن سميت قدرتي آفتون آيون آهن. تيز برساتن ۽ طوفاني ٻيلن ۾ لڳندڙ باهه جي واقعن ۽ ٻين مختلف قدرتي آفتن جي ڪري هن ڌرتي(دنيا) جا ڪروڙين ماڻهو دربدر ۽ بي گهر ٿي چڪا آهن. اهو ئي سبب آهي جو دنيا ۾ موسمي تبديلين جي اثر سبب پاڻي ۽ خوراڪ جي کوٽ جهڙن اهڳر مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

اهڙي ريت موسمي تبديلين جا اثر ڌرتي توڙي انساني وسيلن تي اثر انداز ٿي رهيا آهن. انهي ڪري عالمي سطح تي اڀرندڙ ماحولياتي مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهيَ تي قابو پائڻ لاءِ اڳواٽ رٿابندي ڪرڻ، سرڪاري سطح تي مربوط پاليسيون مرتب ڪرڻ ۽ ماحولياتي تبديلين جي حوالي سان ماحول دوست پاليسين جي آگاهي ۽ ماڻهن ۾ شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ تحرڪ وٺڻ جي ضرورت آهي. ماحوليات کي بچائڻ لاءِ دنيا جا مختلف ملڪ جيتوڻيڪ سرگرم آهن ۽ اسان جو ملڪ پاڪستان پڻ ماحوليات کي بچائڻ لاءِ پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. موسمي تبديلين جي اثر هيٺ آيل سنڌ ۽ ٻوڏ جي حالتن کي پڻ سمجهڻ جي ضرورت آهي. موسمي تبديلين جي ڪري سنڌ جا ماڻهو مختلف وقتن تي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيندا رهيا آهن. جيڪڏهن دنيا جا مختلف ملڪ۽ اسان موسمي تبديلين جي اثرن کان بچڻ چاهيون ٿا ته اسان کي گرين هائوس گيسز جي اخراج کي روڪڻ لاءِ عملي قدم کڻڻو پوندو. وڻن جي واڍي کي روڪڻو پوندو دنيا جي مختلف خطن جي شهرن ڳوٺن ۾ وڻ پوکڻ لاءِ جاڳرتا مهم شروع ڪرڻي پوندي،فطرت سان هٿ چراند ڪرڻ بند ڪرڻي پوندي،صنعتي گدلاڻ کي روڪڻ لاءِ سگهاري رٿابندي ڪرڻي پوندي، سمنڊ ۾ مٺو پاڻي ڇڏڻو پوندو. ڌرتي ۽ ماحوليات کي بچائڻ لاءِ دنيا سان گڏ ڪلهو ڪلهي۾ ملائي هلڻو پوندو ۽ موسمي تبديلين جي اثر کان بچڻ لاءِ فطرت کي سمجهڻو پوندو۽ فطرت (Nature) سان دوستي ڪرڻ لاءِ اسان سڀني کي پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

سنڌ جي ٻوڏ متاثرن جا ڏک ونڊڻ لاءِ پهتل هالي ووڊ جي اداڪارا ۽ انساني خدمت گار انجلينا جولي چئي رهي هئي ته ”ماحولياتي تبديلي نه رڳو حقيقت آهي پر اهڙي تبديلي اچي چڪي آهي، جيڪا هتي مڪمل طور تي تباهي مچائي چڪي آهي.حقيقي ٽريجڊي هي آهي ته پاڪستان هڪ سيڪڙي کان به گهٽ دنيا ۾ ڪاربان جو ذميوار آهي،پر هتي ڪروڙين انسان پنهنجن پيارن کان وڇڙي، بي يارومددگار بڻجي چڪا آهن.هي دنيا لاءِ وقت آهي ته اها سجاڳ ٿئي ۽ ماحولياتي تبديلي بابت قدم کڻي، اسان وڌيڪ تباهي کي نظرانداز ڪري نٿا سگهون“.

# سنڌ ۾ برساتي ٻوڏ جون تباهڪاريون

شبير احمد مغيري

جڏهن جبلن ۾ برف پگهرندي آهي تہ سمورو پاڻي درياهن ۾ اچي پوندو آهي ۽ جڏهن درياهہ ۾ وڌيڪ پاڻي اچي ويندو آهي تہ پوءِ پاڻي پنهنجي وهڪري ڪان ٻاهر نڪرندو ايندو آهي ۽ پرپاسي جي سموري ڌرتي، فصل ۽ آباديءَ کي ٻوڙي ڇڏيندو آهي.ان سموري عمل ۾ جيڪڏهن تيز برساتون بہ شامل ٿي وڃن تہ پاڻيءَ جو وهڪرو ٻوڏ يا سيلاب جي صورت اختيار ڪندو آهي، جيڪو ڪڏهن ڪڏهن بچاءُ بند بہ ٽوڙي وجهندو آهي. دنيا ۾ وڏ ۾ وڏ ٻوڏ بنگلاديش ۾ ايندي آهي. 'ٻوڏ' کي 'اٿل'، 'ليٿ' ۽ 'سيلاب' جي نالن سان بہ اچاريو ويندو آهي. ٻوڏون دنيا ۾ تباهيءَ ۽ برباديءَ جو سبب بڻجنديون آهن. سنڌ ۾ اهڙين ٻوڏن مان هڪ تمام خطرناڪ ۽ تباهيءَ واري ٻوڏ لاڙڪاڻي ضلعي جي اولهہ ۽ ڏاکڻ تعلقن کي لڳ ڀڳ هر ٻئي ٽئين سال پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي تمام گهڻي نقصان جو سبب بڻجندي آهي. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ ٻوڏ جو سبب قدرتي طور تيز برساتن جي ڪري وجود ۾ اچي ٿو. جاگرافيائي لحاظ کان لاڙڪاڻي ضلعي جي اتر اولهہ ۽ اولهہ ڏکڻ ۾ بلوچستان صوبو آهي، بلوچستان جي جبلن ۽ نين جو لاهہ سنڌ واري علائقي ڏانهن آهي. جڏهن سنڌ ۽ بلوچستان ۾ تمام گهڻي برسات پوي ٿي، تڏهن ان برسات جو پاڻي جبلن تان هيٺ لهي کيرٿر ۽ ڪاري جبل جي پير وٽي سنڌ جي ميداني علائقن



ڏانهن رخ رکي ٿو. اول اهو پاڻي حمل ڍنڍ ۾ اچي چوڙ ڪري ٿو جيئن ته حمل ڍنڍ کي اوپر طرفان اهڙا مضبوط ۽ پڪا بند ٻڌل نه آهن جنهنڪري وارهه، شهدادڪوٽ، قنبر ۽ ميهڙ تعلقا زبردست ٻوڏ جي لپيٽ ۾ اچي وڃن ٿا. حمل ڍنڍ کي اوپر ۾ ٻه بند ڌنل آهن، جيڪي "ڪچي بند" ۽ "پڪي بند" جي نالي سان مشهور آهن، پر اهي بند ايڏا مضبوط نه آهن، جنهنڪري جڏهن به پاڻي ٿورو مٿي چڙهي ٿو تڏهن اهي بند پيجي پون ٿا ۽ قنبر تعلقي جو ڪوهستاني علائقو وارهه تعلقو مڪمل ۽ ميهڙ تعلقي جو ڪجهه حصو ٻوڏ هيٺ اچي ٿو ۽ ماڻهن جي معاشي زندگيءَ ۾ وڏي تباهي اچي ٿي. ٻوڏ ۾ جڏهن پاڻي تيزيءَ سان جبلن تان هيٺ لهي ٿو تڏهن اهو تيز پاڻي وڻ ۽ جانور به لوڙهي وڃي ٿو. هن ٻوڏ ۾ اڪثر مرون ۽ سوئر به لڙهي ايندا آهن، جنهن ڪري ماڻهن ۾ تمام گهڻو خوف ٿيندو آهي. هن ٻوڏ ۾ مٿي ڄاڻايل علائقن جا فصل بلڪل تباهه ٿي ويندا آهن.

حمل ڍنڍ اتر سنڌ جي تمام وڏي ڍنڍ آهي، جيڪا قبي سعيد خان شهر کان وٺي جبلن جي قطار ڏيندي اچي، منڇر ڍنڍ ۾ پوي ٿي. ٻوڏ جي ڏينهن ۾ هن ڍنڍ جي بندن تي مقامي ماڻهو رضاڪارانه طور چونڪي ڏيندا آهن ته جيئن بر وقت ٻوڏ جي تباهيءَ کان بچاءَ لاءِ ڪي اپاءَ وٺي سگهجن. سنڌ جيئن ته سنڌو درياهه جي پڇڙيءَ ۾ آهي، انهيءَ ڪري ڪشمير، سرحد ۽ پنجاب ۾ جڏهن آگسٽ – سيپٽمبر مهينن ۾ برساتون پون ٿيون ته انهن علائقن جي اٿل جو پاڻي سنڌو درياهه ۾ اچي ٿو. درياهه اڳ ئي چاڙهه ۾ هوندو آهي، انهيءَ ڪري اٿل جو پاڻي ڪاڏ ڪري ڪپرن جا بند ڀڃي سنڌ جي ٻهراڙيءَ ۽ شهري ايراضيءَ ڏانهن ڪاهي پوندو آهي. نتيجي طور سڄيءَ سنڌ ۾ ڇڙ ته ٻوڏ ۽ اٿل جي صورت پيدا ٿي ويندي آهي. لڳ ڀڳ هر چوٿين پنجين سال سنڌ ۾ ٻوڏ راڳا ڪري ڇڏيندي آهي، مٿان وري جي برسات به پوندي آهي ته هيڪاري سوين مسئلا پيدا ٿي ويندا آهن، ڪي سگهڙ ۽ شاعر وقت بوقت انهن ٻوڏن تي واقعاتي بيت به چئي چڪا آهن جن ۾ ٻوڏن مان ٿيندڙ نقصان کي ڳايو اٿن. انگريزن جي دؤر ۾ سانده ويهارو سال کن برسات نه پئي، پر جڏهن قدرت کي رحم پيو، تڏهن سڄو مهينو برساتون پيون. نتيجو اهو ٿيو ته صدين جا سڪل واهڙ به وهي اٿي هليا. ان وقت سگهڙ جلال ووگهڙ بيت چيا، جن ۾ ان وقت جي حالتن جو نقشو چٽيل آهي. سال 1929ع واريءَ برسات سنڌ ۾ جيڪي راڳا ۽ هاڃا ڪيا، سي تاريخ جي ورق ۾ محفوظ آهن. اها برسات چوڏهن ڏينهن وسندي رهي. هن برسات ۾ غريب ماڻهن کي سخت جاني ۽ مالي نقصان پهتو. پوکون ٻڏي ويون، شهرن ۽ ڳوٺن جون جايون ڪري پٽ پيون، هر طرف تباهي هئي، ماڻهو بک وگهي مرڻ لڳا، مائرن ٻچڙا ٻُڏندي ڏٺا. چوپايو مال مري ويو. مٿان وري اچي بيمارين منهن ڪڍيو. ان وقت جي سگهڙ شاعرن پڻ ان صورتحال کي پنهنجن بيتن ۾ بيان ڪيو آهي. 1929ع واريءَ زبردست برسات سبب ناري واهه ۾ به چاڙهه آيو جنهنڪري واهه ۾ ڪيترن هنڌن تي گهارا پئجي ويا ۽ سانگهڙ سميت ٿرپارڪر ضلعي جا ڪيترائي شهر ٻوڏ هيٺ اچي ويا، جيئن جيئن ٻوڏ پر وارن ڳوٺن تائين پهچڻ لڳي، تيئن تيئن اتي جا باشندا ساهه بچائڻ لاءِ ڳوٺن جا ڳوٺ خالي ڪندا ويا. ماڻهن جا مال متاع سڀ تباهه ٿي ويا ۽ هو فقط پنهنجا سر بچائي محفوظ جڳهن تي پهتا. سنڌ ۾ 1942ع واري ٻوڏ به مثال طور پيش ڪئي ويندي آهي. جنهن خاص ڪري دادو ضلعي ۾ وڏو نقصان ڪيو هو.

سال 1955ع ۾ به سڄيءَ سنڌ ۾ گهڻي برسات پئي. بدين، پٿوري، ماتلي، ميرپورخاص، ڪوٽڙي، ڪنري، ڪراچيءَ، ڪاڪ، ڪنڊياري، تلهار ۽ ٻين شهرن ۾ ٻوڏ جهڙيون حالتون پيدا ٿي پيون، سارين ۽ وونٽڻن جا فصل تباهه ٿي ويا. چوپايو مال ۽ جهنگلي جانور وغيره به گهڻي تعداد ۾ مري ويا، ڍنڍون ڍورا پاڻيءَ سان پرجي ويا. لاڳيتين برساتن ڪري درياهه جي پاڻيءَ ۾ زبردست چاڙهه آيو ۽ هالا، مٽياري، نٽي، دادوءَ ۽ نوابشاهه وٽان درياهه جي بند ڀڄڻ جو خطرو ٿي ويو. هالن وٽان درياهه پاسا ڪاٽڻ لڳو. درياهه جي وڏندڙ ڪاڌ کي بند ڪرائڻ ۾ مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" صاحب تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. درياهه ۾ ڪن هنڌن گهارا پيا، جنهن ۾ ڪيترا ماڻهو مري ويا. وڄ واپار سڀ بند ٿي ويو، هاري، زميندار ۽ پاڳيا سڀ برسات بند ٿيڻ جون دعائون گهرڻ لڳا، ناماري شاعر مولوي احمد ملاح پنهنجي ڪالم ۾ برسات جي انهن حالتن بيان ڪرڻ کان پوءِ خدا کي عرض ڪيو هو: "اي مولا! هاڻي اهي برساتون ٻئي ڪنهن ملڪ ڏانهن موڪل، جتي انهن جي ضرورت هجي. تنهنجا بندا انهن برساتن کان ايترو ته بيزار ٿي پيا آهن جو 'پيچ موليٰ' جي بدران 'بس موليٰ' پيا پڪارين." شاعر جو هيءُ سڄو نظم گويا مناجات آهي، جنهن ۾ هو ڌڻي تعاليٰ کي برسات بند ڪرڻ لاءِ ٻاڏائي ٿو. هي واقعاتي شعر لوڪ ادب سلسلي جي ڪتاب "واقعاتي



بيت“ ۾ موجود آهي. 1956ع ۾ سخت برسات سبب پنجاب صوبي ۾ ٻوڏ ٿي، جيئن تہ پنجاب جي پنجن ئي ندين جو پاڻي سنڌوءَ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو تنهنڪري سنڌو درياهہ ۾ زبردست چاڙهہ ٿيو پاڻيءَ جي دٻاءَ وڌڻ سبب ڪيترن ئي هنڌن کان گهارا پوڻ شروع ٿيا. سکر، لکيءَ، سڪرنڊ، هالا، سجاول ۽ ساڪري وٽان درياهہ ۾ بہ گهارا پيا، اٽڪل ٽيهہ ڳوٺ ٻوڏ هيٺ اچي ويا، ٺٽي شهر ۾ پڻ ٻوڏ آئي، جو ماڻهن پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي وڃي مڪليءَ تي پناهہ ورتي. پاڻي مڪلي ٽڪريءَ تائين وڃي پهتو جهنگ جبل هر طرف پاڻي ئي پاڻي پئي نظر آيو مٽياريءَ وٽان گهلياڻ بند ۾ ٽن ميلن تائين گهارو پئجي ويو جنهنڪري پاڻي نئشنل هاءِ وي لوڙهي آسپاس جا ڳوٺ ٻوڙيندو اچي مسو پرڳڙي ۽ جيئندل ڪوٺ ڪي پهتو. حيدرآباد شهر کي بچائڻ لاءِ پاڻي ڦليليءَ، ڇٽل ۽ پڃياريءَ ۾ ڇڏيائون. جنهن ڪري انهن واهن تي جيڪي ڳوٺ يا شهر آباد هئا انهن ۾ وڏي تباهي اچي وئي، حيدرآباد، بدين ۽ ٺٽو ضلعا مڪمل طور ٻوڏ هيٺ اچي ويا، ماڻهن جو بي انتها جاني ۽ مالي نقصان ٿيو مولوي احمد ملاح پنهنجي ڪلام ۾ فقط حيدرآباد ۽ ٺٽي ضلعي جو ذڪر ڪيو آهي، پر شاعر دائود جوکيي هالا ۽ ٻين علائقن سان گڏ اتر سنڌ جي سکر ۽ سيوهڻ وارن علائقن جو ذڪر ڪندي ڄاڻايو آهي تہ اڙل واهہ ۾ جڏهن گهارو پيو، تڏهن پاڻي گهوگهاٽ ڪندو ڳوٺن ۾ ڪاهي پيو جنهن ڪري ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏي وٺي ڀڳا. عام ماڻهن سخت محنت ۽ جانفشانيءَ سان واهہ کي بند ٻڌو. بند سبب پاڻي ڪچي طرف رخ رکيو ڏنار درياهہ جي هن اٿل کي ڏسي مال ڇڏي وٺي ڀڳا ۽ زبردست اٿل سبب جهنگ ۾ هڪڙو جانور بہ باقي ڪو نہ بچيو.

اهڙي ئي هڪ برساتي ٻوڏ تازو سنڌ، بلوچستان ۽ ڪي پي جي مختلف علائقن ۾ تمام گهڻي تباهي آندي آهي.

تفصيل موجب سنڌ ۾ برسات 15 جولاءِ 2022ع کان شروع ٿي، جيڪا لڳاتار 19 جولاءِ تائين هلندي رهي. 22 جولاءِ کان وري شروع ٿي ۽ 25 جولاءِ تائين وقفي وقفي سان هلندي رهي، ان دوران بلوچستان ۾ پوندڙ برساتن جو پاڻي جابلو سلسلي مان نئين وسيلي سنڌ ۾ ايندو رهيو جنهن ڪري منڇر جي سطح ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. ڪاڇي ۾ ٻوڏ واري صورتحال پيدا ٿي وئي، برساتي پاڻي مجموعي طور سنڌ جي سڀني شهرن ۾ انفرااسٽرڪچر کي نقصان پهچايو برساتن دوران ڪچا گهر ڪري پوڻ سبب ڪيترائي ماڻهو حياتيون وڃائي ويٺا.

26 جولاءِ کان 28 جولاءِ تائين برسات وري لاڳيتو وسندي رهي. 28 جولاءِ تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو ”هيل 369 سيڪڙو وڌيڪ برساتون پيون. 47 ٻارن سوڌو 93 شهري فوت ٿيا. 2807 گهر ڊهي پٽ پيا، 89213 ايڪڙن تي بيٺل فصل ٻڏي ويا، مختلف علائقن کي شهرن سان ڳنڍيندڙ 388 ڪلوميٽر روڊ تباهہ ٿيا آهن.“

30 جولاءِ جي خبر موجب بلوچستان مان ايندڙ برساتي ريلي سبب ايف پي بچاءَ بند تي پاڻيءَ ۾ واڌ، قمبر جي غيبي ديري واري علائقي جي ساروهہ ڏنڊ ۾ پاڻي پهچڻ شروع ٿي ويو. ڪاڇي ۽ جاگير ڏانهن ويندڙ رستو بند ٿي ويو.

31 جولاءِ جي اخباري تجزئي مطابق

هيلوڪين برساتن سبب سنڌ ۾ 44 هزار 310 هيڪٽرز تي پوکيل فصل ۽ پاڇيون مڪمل طور تباهه، 2 لک 47 هزار 357 هيڪٽرز تي فصل معمولي متاثر. لاڙڪاڻي ڊويزن جي 5 ئي ضلعن ۾ سارين جو فصل تباهه ٿي ويو.

پهرين آگسٽ جي خبر موجب غيبي ديرو برساتي پاڻيءَ جي گهيري ۾ اچي ويو. نئن گاج وهي اچڻ سبب ڪاڇي جي ڳوٺن جو هڪٻئي سان رابطو ڪٽجي ويو.

12 آگسٽ کان برسات جو سلسلو وري شروع ٿيو. 13 آگسٽ جي اخبارن موجب سنڌ جي مختلف شهرن ۾ برسات جاري، 9 ضلعن جي 723 ديهن کي آفت سٽيل قرار ڏنو ويو. 14 آگسٽ جي اخبار موجب سنڌ جي مختلف علائقن ۾ زوردار برسات، سانگهڙ ۾ ٻوڏ جهڙي صورتحال، 15 آگسٽ جي خبرن موجب برسات مسلسل جاري، مختلف واقعن ۾ 3 ڄڻا فوت، 14 زخمي، پنجاب ۽ ڪي پي جي برساتي وهڪرن سبب گڊو بئراج وٽ مٿانهون وهڪرو 2 لک 7 هزار 774 ڪيوسڪ رڪارڊ.

16 آگسٽ: سنڌ ۾ برساتن سبب مليريا پکڙجي وئي، ڊينگي به پکڙجڻ لڳو.

17 آگسٽ: سنڌ ۾ زوردار برسات، وڄ ڪرڻ ۽ ٻين واقعن سبب 7 ڄڻا فوت، سوين ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ، گهر ڊهي پيا.

18 آگسٽ: برسات سنڌ ۾ تباهي مچائي ڇڏي، اڪثر علائقا پاڻيءَ هيٺ، وڌيڪ 10 ڄڻا فوت، ساموندي ڇاڙهه ۽ برساتن نئي ۽ سڄاول ضلعن ۾ تباهي آڻي ڇڏي، سوين ڳوٺ ٻڏل، لڏپلاڻ جاري.

19 ۽ 20 آگسٽ: برساتون جاري، 10 هزار گهر پٽ، ٻارن ۽ عورتن سميت 48 ڄڻا فوت، هزارين خاندان لڏپلاڻ تي مجبور، سنڌ سرڪار موجب تازين برساتن سبب سنڌ ۾ چاليهه ارب جو نقصان ٿي چڪو آهي. 166 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه موجب درياءَ جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي وڏو نقصان ٿيو آهي. 9 ضلعن کي آفت سٽيل قرار ڏنو آهي، وڌيڪ 4 ضلعن کي به آفت سٽيل قرار ڏيندا سين.

21 آگسٽ: سنڌ ۾ برسات جاري، وڌيڪ 57 ڄڻا فوت.

22 ۽ 23 آگسٽ: سنڌ ۾ برساتن جو سلسلو جاري، وڌيڪ سوين گهر ڊهي پيا، عورتن ۽ ٻارن سوڌو 55 ڄڻا فوت. ڀهراڙيون توڙي شهر پاڻيءَ ۾ ٻڏل.

25 آگسٽ: سنڌ ۾ برساتن سبب وڌيڪ تباهي، ٻارن سميت 32 ڄڻا فوت، هڪ ڪروڙ ماڻهو متاثر ۽ 15 لک گهر ڊهي پيا. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته سڄي سنڌ درياءَ جو ڏيک ڏئي رهي آهي، 90 سيڪڙو فصل تباهه ٿي ويا آهن. 10 لک خيمن جي ضرورت آهي. خبر موجب چين پاران سنڌ ۽ بلوچستان جي ٻوڏ متاثرن لاءِ 3 لک ڊالر امداد فراهم.

26 آگسٽ: برساتي ٻوڏ سبب وڌيڪ 55 ڄڻا فوت، ايف پي بچاءَ بند کي 150 فوٽ گهارا، انڊس هاءِ وي ۽ سوين ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ.

27 آگسٽ: سنڌ ۾ برساتن جا هاڃا جاري، 6 ٻارن سميت وڌيڪ 20 ڄڻا فوت، وزيراعظم شهباز شريف سکر پهتو متاثرن لاءِ 15 ارب رپيا امداد جو اعلان.

28 آگسٽ: اطلاعات کاتي سنڌ جي وزير شرجيل انعام ميمڻ حيدرآباد ۾ هڪ پريس ڪانفرنس ۾ ٻوڏ ۾ ٿيل نقصان جا انگ اکر ٻڌائيندي چيو ته صوبي ۾ 341 ماڻهو فوت ٿي چڪا آهن. 1009 زخمي ٿيا آهن. 6 لک گهر تباهه ۽ 27 لک ايڪڙن تي بيٺل فصل مڪمل طور ختم ٿي ويو آهي. 17 لک ماڻهو بي گهر ٿيا آهن، 6 مسجدون به شهيد ٿي ويون آهن. 1766 فلڊ رليف ڪئمپون قائم ڪيون ويون آهن. 4 لک 85 هزار 759 ماڻهو امدادي ڪئمپن ۾ ترسيل آهن. پي ڊي ايم اي 89 هزار 815 خيما، 30 هزار 710 ترپال، جڏهن ته اين ڊي ايم اي 7443 خيما ۽ 8900 ترپال متاثرن ۾ پهچايا آهن. برسات متاثرن ۾ پي ڊي ايم اي 35 هزار 442 راشن بيگس ۽ اين ڊي ايم اي 4 هزار 780 راشن بيگس ورهايا آهن. هر متاثر خاندان کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت 25 هزار رپيا مهيا ڪيا پيا وڃن.

29 آگسٽ: پراڻ، ايف پي بند، سم نالي کي گهارا، سپريو بند کي ڪٽ، گوزو شهر ٻڏي ويو جوهي، ميهڙ، سانگهڙ، پنگريو ٻڏڻ جو خطرو، ماڻهن جي لڏپلاڻ. 30 آگسٽ: گهارن جو پاڻي قمبو سعيد خان ۾ داخل، جوهي، ڪي اين شاهه ۽ ميهڙ کي پاڻيءَ جو گهيرو، دادو ضلعي ۾ ايمرجنسي، پان ويجهو ٻيڙي اونڌي، 13 برسات متاثر ٻڏي فوت، خبر موجب سنڌ ۾ برسات متاثرن جو انگ هڪ ڪروڙ ٿي ويو. 50 لک ماڻهو بي گهر ٿيڻ جي تصديق. 33 لک ايڪڙن تي پوکيل فصل تباهه ٿي ويو.

مٿي ڄاڻايل صورتحال نهايت ڳڻتيءَ جوڳي آهي. سنڌ حڪومت ۽ ان جا ادارا وٽ ۽ وس آهر ٻوڏ متاثرن جي مدد ۽ بحاليءَ جي سلسلي ۾ مصروف عمل آهن. ان سان گڏ مختلف فلاحي ادارا ۽ اين جي اوز پڻ ٻوڏ متاثرن جي سهائتا لاءِ جاکوڙي رهيا آهن.

# سنڌ ۾ برساتي ٻوڏن جي تاريخ

ثمرين ميمڻ

وسڪاري کي سنڌ ۾ گهڻو ڪري 'برسات' يا 'مينهن' چوندا آهن. برسات جي تاريخ ڪروڙين سالن تائين ڦهليل آهي. قدرت جا قانون نرالا آهن. ڪٿي بارش بي انداز پوي، تہ ڪٿي مينهن جي بوند لاءِ ماڻهو پيا سڪن. پوک جي لاءِ تہ برسات جي اهميت کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. دنيا جا ڪيترا علائقا برسات سبب زرعي لحاظ کان خوش قسمت سمجهيا وڃن ٿا ۽ ڪي اهڙا بہ آهن، جيڪي رڳو انهيءَ ڪري غيرآباد آهن، جو اهي برسات کان محروم آهن. سنڌ بہ برسات جي لحاظ کان قدري اهم علائقو سمجهيو وڃي ٿو. برسات جو مدار هوا جي رخ (هوا جي وهڪري)، هوا جي تپش ۽ پاڻيٺ يا گهِمَ واري هوا تي آهي. سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾،



چؤماسي جي مند ۾، هوا ڏکڻ اولهه کان لڳندي، پر برسات اوڀر ـ ڏکڻ کان ايندي. چؤماسي ۾ ئي سنڌ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اُتر کان مينهن جهڪ ۽ طوفان سان ايندو آهي. ساڳيءَ مند ۾ ڪڏهن ڪڏهن اولهه يا ڏکڻ اولهه کان به مينهن ايندو آهي. انهيءَ مينهن جي لاءِ چوندا ته "ڏکڻ وسي نه، پر جي وسي ته ٻوڙ ٻوڙان ڪري".

سنڌ ۾ اتفاق سان پنجين ستين سال زور واريون برساتون پونديون آهن ۽ ملڪ کي ٻوڙي ڇڏينديون آهن. جيئن ته: سال 1929ع واري چؤماسي جي برساتن سڄيءَ سنڌ ۾ اهڙي تباهي آڻي ڇڏي هئي، جنهن ۾ لاڳيتو 14ـ15 ڏينهن برسات پوڻ جي ڪري سڀ ڪجهه تباهه ٿي ويو هو. ماڻهو مرڻ لڳا، جانور مري ويا، فصل ٻڏي ويا، ماڻهن مٿانهن علائقن ۾ وڃي جان بچائي هئي. سال 1955ع واريءَ برسات به سڄيءَ سنڌ ۾ تباهي مچائي ڇڏي هئي، جنهن ۾ درياءُ ڍنڍون ڍورا سڀ پاڻيءَ سان تار ٿي ويا هئا. درياءَ جي بندن ٽٽڻ جو خطرو پيدا ٿي ويو هو جن ۾ هالا، ڪراچي، ڪوٽڙي، ميرپور ماٿيلي، ۽ ڪيترا شهر شامل هئا. درياءُ ۾ گهاري پوڻ سبب چؤپايو مال ۽ جهنگلي جانور مرڻ لڳا، وڻج واپار سڀ بند ٿي ويو. 1995ع ۾ پڻ تمام گهٽيون برساتون پيون هيون. سال 1999ع واري برسات، ڄڻ ته قدرتي آفت، طوفان جي صورت ۾ نازل ٿي هئي. هيءُ طوفان 24 ڪلاڪ هليو جيڪو سامونڊي حصن تي اثرانداز ٿيو. حيدرآباد، ٺٽي ۽ ٿر جا علائقا هن طوفان کان متاثر ٿيا. ڇهن ستن مهينن گذرڻ بعد به طوفان وارن علائقن مان مئل ماڻهن جا لاش هٿ اچي رهيا هئا. 1995ع واري برسات خاص طور لاڙڪاڻي ۽ دادو ضلعن ۾ جيڪي تباهيون آنديون انهن جو تفصيل ڄاڻائيندي محترم ايم ايچ پنهور لکيو: "لاڙڪاڻي ۽ دادو ۾ آيل هاڙوڪين ٻوڏين جو به ساڳيو ڪيس آهي. اتي هينيون نئيون آهن: ڪينجهر، سيتا، مزاراڻي، انڙ، ٿرڙي، انهاڻ ۽ ٿرڙي جي گڏيل پڇڙي، پري، مکي، ٽڪي، سودي، گاج جي پڇڙي، نار، انگائي، نينگ، ٽاني، ناري انگاجي پڇڙي، نينگ نيس، لو بڏاٽي ۽ ڇن ڪاني، انهن جي ڪل (ڪيچمينٽ ايريا) 2500 چورس ميل يا لڳ ڀڳ 1.6 ملين ايڪڙ آهي. 24 ڪلاڪن ۾ 6 انچ برسات پوڻ سان 800،000 ايڪڙ فوٽ پاڻي جمع ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن علائقي مان 24 ڪلاڪن ۾ اهو پاڻي نيڪال ڪجي ته اهو 400،000 ڪيوسڪ پاڻي جي برابر ٿيندو. اهو ايترو پاڻي آهي جيترو جولاءِ 1995ع ۾ سنڌو ڇڪي ٿو ۽ ان لاءِ چيو ويندو آهي ته سنڌوءَ ۾ وچولي درجي جي ٻوڏ آهي.

اڳ 1956ع ۾ هن تعداد کان وڌيڪ پاڻي وهيو هو، جڏهن تعلقي جوهي ۾ 24 ڪلاڪن ۾ 19 انچ برسات پئي هئي. 1977ع ۾ تمام وڏي برسات جي نتيجي ۾ جوهي، سيوهڻ، دادو ۽ خيرپورناٿن شاهه ٻڏي ويا هئا ۽ دادو شهر ۾ به فوٽ پاڻي بيهجي ويو



هو. پنهي پوڻن ۾ خيرپورناٿن شاهه، دادو جوهي ۽ سيوهڻ تعلقن ۾ 65 سيڪڙو زمين پاڻيءَ هيٺ اچي وئي هئي ۽ سوين ماڻهو مري ويا هئا.

تڏهن کان اهڙن ڏمرن جي وقت ماڻهوپنيان ڀور تي چڙهندا آهن ۽ هزارن جي تعداد ۾ چوپايو مال، رڍون ۽ ٻڪريون غائب ٿي وينديون آهن. ملين ايڪڙ زرعي زمين جنهن تي فصل بيٺا هوندا آهن، پاڻيءَ هيٺ اچي ويندي آهي. 1977ع واري واقعي کي وساريو ويو ۽ ايئن جي هاڻوڪو ڏمر اچي ڪڙڪيو آهي.” 1995ع واري برساتي ٻوڏ بعد 1999ع ۾ برساتي ٻوڏ به ڪنهن کان وسري ناهي. اهڙيءَ ريت 2006ع ۾ حيدرآباد ۾ 7 کان 8 سيپٽمبر وچ ۾ لڳاتار 15 ڪلاڪ 170 ملي ميٽر مينهن پيو هو. 2010ع واري مها ٻوڏ بعد 2011ع ۾ به تمام گهڻيون برساتون پيون جيڪي 9 آگسٽ کان سيپٽمبر تائين لڳاتار جاري رهيون هيون. انهن ۾ تمام گهڻو نقصان ٿيو هو.

ناميارى زرعي ۽ آبپاشي ماهر ايم ايڇ پنهور برساتي ٻوڏن جو جيڪو تجزيو ڪيو ۽ نتيجا ڪڍيا هئا اُهي نهايت اهم آهن. هو لکي ٿو: برساتن ۽ گهارن جي تجزين مان ظاهر ٿئي ٿو ته: ٻوڏ کان بچاءَ وارو بند (ايف پي بند) جيڪو زرعي علائقن کي ٽڪرين کان ايندڙ تيز وهڪري کان بچائڻ لاءِ ٻڌو ويو آهي، اهو هنگامي حالت کي منهن ڏيڻ لاءِ ڪافي ناهي. ايف پي بند ۾ گهارن پوڻ کان پوءِ نارا ماٿري ۾ ايتري سگهه ناهي جو اها ٽڪرين تان ايندڙ تيز وهڪري کي جهلي سگهي ۽ ان جي ڏاکڻي ڪناري ۾ سدائين گهارا پون ٿا ۽ نتيجي ۾ زرعي علائقن ۾ وڌيڪ ٻوڏ اچي ٿي.

ويچار ٿي رهيو آهي ته پاڻيءَ کي حمل ۽ منڇر ڍنڍين ۾ ڪنو ڪجي ۽ اتان پوءِ ان کي سنڌوءَ ڏانهن خارج ڪيو وڃي. جيڪڏهن 24 ڪلاڪن ۾ 5 انچن کان برسات وڌي وڃي ته اهي ڍنڍيون اهو پاڻي جهلڻ جي قابل ناهن. جڏهن به وڏي پيماني تي انهن ڍنڍين ۾ طوفاني پاڻي چڙهيو ويو آهي ته انهن جي بندن ۾ گهارا پئجي ويندا آهن ۽ چوڏاري ڪيترا ميل-پاڻيءَ هيٺ اچي ويندا آهن.

مٿين تجزين ۾ بولان جو پاڻي شامل ناهي، جيڪا پڻ هر ڏهن پندرهن سالن کانپوءِ اتر سنڌ جي ٽڪرين جي دامن ۾ ڪاهي پوندي آهي. ان جي ڪاهه جو ڪارڻ سبي، ڪڇي ۽ بولان ميدانن جون زبردست برساتون هونديون آهن.

ڪنهن زماني ۾ ٽڪرين جو تيز وهڪرو قدرتي نالن ذريعي سنڌوءَ ۾ داخل ٿي ويندو هو بعد ۾ اهي آبپاشي واهن ۾ بدلايا ويا، جيڪي هي آهن:

گهاڙ واهه، جيڪو ڳڙهي خيرو کان ٽڪرين جو تکو وهڪرو چڪيندو، شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻي جي اتر کان ٿيندو، سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندو هو.

حمل ڍنڍ، جيڪا سنڌ هالو مان پاڻي ڪٽندي ڏکڻ طرف وهندي ڳڙهي (ميان نصير) کان اوير طرف لڙندي، پريچرڊ واهه کان ٿيندي پاٽ شهر وٽان سنڌوءَ ۾ چوڙ ڪندي هئي.

ٻيو هڪ قدرتي نالو گاج کان جبيرجي ۽ ديهه ماروي مان ٿيندو هيٺ پراڻو دڙو تائين ايندو هو.

اجا تائين هڪ ٻيو پاڻيءَ جو گذرگاهه قلجي ڳوٺ جي ڏکڻ کان تلتيءَ ۾ ٿيندو سنڌوءَ ۾ پاڻي چوڙ ڪندو آهي. ٻوڏ واري پاڻيءَ جو گذرگاهه تلتي، بوبڪ، آراضي ۽ ٻين ننڍين وستين کي ٻيٽن ۾ بدلائي ڇڏيندو آهي.

آخر ۾ منڇر ڍنڍ ڪجهه پاڻي جمع ڪندي آهي جيڪا اڙل واهه ذريعي خارج ڪري ڇڏيندي آهي.

ٻوڏ تي قابو پائڻ لاءِ تجويز ڪيل منصوبو:

ايم ايڇ پنهور پنهنجي ساڳئي مضمون ۾ برساتي ٻوڏن کان بچاءَ لاءِ هڪ رٿا پڻ تجويز ڪئي هئي. پاڻ لکي ٿو: ”مٿين بحثن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته ٻوڏ تي قابو پائڻ وارو منصوبو پوري ضلعي لاڙڪاڻي ۽ دادوءَ واري علائقي ۾ مستحڪم هجي ۽ ان لاءِ هيٺين تجويزن تي ويچار ڪري سگهجي ٿو.

الف: جيترو ممڪن ٿي سگهي، علائقي ۾ برسات جي پاڻي جي ڦڙي ڦڙي کي ڪارآمد بڻائجي.

ب: ڳڙهي خيرو ۽ منڇر ڍنڍ جي وچ ۾ پاڻيءَ جو ذخيرو ڪجي، جو ڳڙهي خيرو ۽ شهدادڪوٽ جي ڏکڻ ۾ منڇر ۽ حمل کانسواءِ اڳ ۾ ئي قدرتي ڪڏون يا ”هيٺانهان علائقا“ موجود آهن. اهڙيون ڪڏون پڻ خيرپورناٿن شاهه تعلقي ۾ ڳڙهي ۽ جوهي تعلقي ۾ ڳاجي شاهه ۽ ٻين ڪيترن هنڌن تي موجود آهن.

ٻ: هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ درياءَ تائين سڌيون واٽون فراهم ڪيون وڃن.

پ: تکي وهڪري واري پاڻيءَ لاءِ ايف پي بند جي اولهه ۾ نالو فراهم ڪيو وڃي ۽ ان کي نارا ماٿري نالي ايف پي بند ۽ زرعي علائقي کي بچاءَ لاءِ ڪرنگهي جي حيثيت هجي. هڪ سال ۾ ڏهن لکن ايڪڙن کان وڌيڪ زمين جي ٻڏڻ، هڪ سئو هزار چوپائي مال جو زيان ۽ 5 لک رڍن ۽ ٻڪرين جو زيان، سڀ رٿا جي لاڳت جي برابر ٿي سگهي ٿو.

# بلوچستان ۾ آيل ٻوڏ جا سنڌ تي اثر

**عبدالستار بلوچ**

سنڌ کي اتر ۽ اولهہ ۾ بلوچستان صوبي جي سرحد لڳي ٿي جيڪا سوين ڪلوميٽر ڊگهي ميداني ۽ جابلو سلسلي تي مشتمل آهي، هيءَ سرحد ضلعي ڪنڌڪوٽ ڪشمور، ضلعي جيڪب آباد، ضلعي قمبر شهدادڪوٽ، ضلعي دادو، ضلعي ڄامشورو ۽ ضلعي ڪراچي جي علائقن تي مشتمل آهي جنهن ۾ ڪير ٿر، ڪُتي جي قبر، ڪڪريون، ڪارو ۽ پيٽارو جا علائقا پڻ شامل آهن. ڪير ٿر جي سڀ کان اُڇي چوٽي ڪُتي جي قبر آهي، جنهن جي اوچائي 7200 فوٽ آهي. هيءَ چوٽي ري جبلن ۾ ڪوئيٽ وارن جبلن کان ٻہ اُڇي آهي. هن چوٽيءَ جي اتر طرف "ڏاڙهياري" جبل جو مٿانهون پَٽ آهي، جيڪو سراسري طور سمنڊ کان 6000 فوٽ مٿانهون آهي. "ڪير





ٽر جابلو سلسلو” تن جدا جدا نالن سان: “ڪڪريون، ڪارو ۽ پيتارو” جبلن ۾ ورهايل آهي ۽ اهي هڪٻئي جي سامهون اولهه سنڌ مان لنگهن ٿا. پهرين جابلو قطار “ڪڪريو” ڪير ٿر جي اوير ۾ آهي، جنهن جا پاسا اُڀا، اڙانگا ۽ اولهه طرف لڙيل آهن. ٻي جابلو قطار “ڪارو” وچ وارو مٿانهون پٽ آهي، جنهن جون چوٽيون، سنون ۽ سڌن جابلو ليٽن وانگر آهن، جن جا پاسا گول آهن. ٽين جابلو قطار “پيتارو” ڇن جي جبلن جي ڇپن تي آڌاريل آهي.

سنڌ ۾ ڪير ٿر واري گڏيل جابلو سلسلي واري ڀاڱي کي بلوچي اثر سبب “ڪوهستان” ڪوٺين ٿا. جڏهن ته ڪوهستان هڪ الڳ سلسلو آهي. هن ڪيرٿر واري ڪوهستان ۾ دادو ۽ ٺٽي ضلعي جا ڪجھ حصا اچي وڃن ٿا. لڪيءَ جو جابلو سلسلو 80 ميل ڊگهو ۽ ان جي سراسري اوچائي هڪ هزار فوٽ ڪن ٿيندي، جن ۾ اوچي ۾ اوچو جبل، پٽ جبل آهي، جنهن جي سراسري اوچائي سمنڊ کان 3000 فوٽ اتاهين آهي. هن سلسلي ۾ ٻه ننڍا جبل “سورجاڻو” ۽ “سنبوڪ” آهن، جن مان نئن بارڻ سانوٽيءَ ۾ پنهنجو رستو جوڙي وهندي اچي ٿي. هنن جبلن جي اتر ۾ اهري، ناريرو ۽ هوٿياڻو جبل نروار بيٺا آهن. هن جابلو سلسلي ۾ ڪي بلوچستان جا جبل به اچي لڳن ٿا، جن ۾ ڇپر، ڪڏي، همالگ، پٻ، مور، لڪڻ مشهور ۽ پڌرا آهن. 25 ويڪرائي ڦاڪ وٽ اهي سمورا جبل پٻ جبل جي صورت وٺن ٿا ۽ هلندا وڃي سمنڊ تائين پهچن ٿا.

ڏٺو وڃي ته بلوچستان جو سنڌ سان لڳندڙ سمورو علائقو جاگرافيائي طور مٿانهين سطح تي واقع آهي، جنهن ڪري اتي پوندڙ برساتن جي پاڻيءَ جو نيڪر قدرتي طور سنڌ ڏانهن ٿئي ٿو. برسات جو پاڻي اڳ ۾ جڏهن به آيو ته جيڪب آباد جي مٿئين حصي صحبت پور کان ٿيندو جهل مگسي ۽ ڪاڇي جو پاسو وٺي ڏکڻ جو رخ ڪري منڇر ڏانهن روانو پئي ٿيو. ان کان سواءِ برساتن ۾ بولان نئن جو پاڻي جڏهن ڪوئيٽا ۽ سبي کان هليو ٿي ته ڊيرا مراد جماليءَ کان ايف پي بند جي آخري چاڙهه سان ٽڪرائجي پنجڪ کان ٿيندو اهو به مورهه، هٽياري ۽ سائين واري نئن جي پاڻيءَ سان ملي ساڳيو ئي جهل مگسي کان ٿيندو ڪڇي پل جي مٿان هلندو ساروهه ڍنڍ ۾ پئي پيو. ساروهه مان ٿي ٻدام ۽ ٻدام کان ٿي ڪاڇڙي، پوءِ اتان کان فريد آباد ۽ ماڏي کان ٿيندو سڌو منڇر ڏانهن ٿي ويو. منڇر ڪانپوءِ درياهه ۽ درياهه کان سمنڊ ان جي آخري منزل پئي ٿيو.

جهل مگسي ۽ ڇُڪي جي وچ تي به ڪئنال نڪتل آهن. هڪ تمام وڏو ڪئنال، جيڪو ايف پي بند کان هلي لاڪي پير ۽ باريجن ۾ جبل تائين ٿو وڃي. هي ڪئنال جو رستو پڻ ساڳيو آهي. برساتي ٻوڏ جي صورت ۾ پاڻي جمع ٿي پوئتي تباهي ڪري جڏهن ان کي ٽوڙي ٿو نڪري ته خضدار واري موٽر وي سان ڪڇي پل کان اچي بند سان ٽڪرائجي ٿو. هتي اهو ٻڌائيندو هلجي ته جڏهن اهو موٽر وي بند کان وڏو به آهي، مضبوط به آهي ۽ ان جي پڪيڙ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه ٻارهن ڪلوميٽر آهي ته پاڻيءَ کي اتان اڌ اڌ ڪلوميٽر تي وڏا وڏا ڪراس ڊيڻ گهرجن ها. جيڪي نه ڊيڻ جي ڪري ڇُڪي ۽ ڪڇي پل کان بند ٽٽڻ جو سبب بڻجن ٿا جنهن ڪري قبي سعيد خان جون يونين ڪائونسلون بگو دڙو ۽ ڊوري ته مڪمل طور ٻڏي تباهه ٿين ٿيون پر قمبر تعلقي جون به يونين ڪائونسلون هڪ نواب شبير احمد خان چانديو ٻي غيبي ديرو ۽ به

واره جون يونين ڪائونسلون ميرپور ۽ يونين ڪائونسل حمل به ٻوڏ جي ور چڙهي تباهيءَ جو منظر بڻجن ٿيون. جنهن ڪري ساريال فصل ته ناس ٿئي ٿو پر ڪڻڪ جي فصل جي پوکائي به ممڪن نه ٿي بڻجي.

انهن رڪاوٽن ڪانپوءِ هلجي ٿو ڪچي پل ڪان آڳاٽي يا پراڻي روڊ سان، جيڪو جبل سان ملي ونگو ڪان ٿيندو ڪرڪ وڃي ٿو ته ان کي هڪ به پل ڏنل ناهي. جنهن ڪري اتي به پاڻي رڪجي ٿو ۽ بند کي لازمي ٽوڙي ٿو وڃهي. ان ڪانپوءِ اچي ٿو غيبي ديرو روڊ، جنهن کي ٻُنيِ لشڪر خان ڪان غيبي ديري تائين پڻ ڪا به پل يا ڪراس ڏنل ڪونهي، تڏهن اُتي به پاڻي جمع ٿي نقصان ٿو ڪري. اڳتي حمل پل ٿي اچي، جتان پاڻي ٽپي فريد آباد جو رخ ٿو ڪري. اها به ايڏي وڏي پل ناهي، جيڪا ٻوڏ جي وڏي وهڪري کي ڏڪي وڃي، ان ڪري حمل ڳوٺ ٻڏي ئي ٻڏي ٿو. وري وڏئون ٿا فريد آباد جي پل ڏي، ته اها پل به ناڪافي آهي. جيڪو پڻ ٻوڏ جي پاڻيءَ جي نيڪال جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ جو ڪارڻ ٿو بڻجي. جيڪڏهن اهي رڪاوٽون وقت سر دور ڪيون وڃن ها ته پاڻي پنهنجي فطري واٽ سان منڇر ۾ پئجي سگهيو ٿي.

اڳتي لاءِ رٿون:

هن پيري جيڪا تباهي ٿي چڪي آهي، ضرورت آهي ته ان صورتحال کان اڳتي لاءِ بچجي، ان سلسلي ۾ هيٺين ڳالهين تي عمل ڪرڻ تمام ضروري آهي. پهريان ته ڍنڍين يعني "ساروهه"، "بدام" ۽ "ڪاچڙي" ۾ جيڪو ڪيترن سالن کان رڪاوٽن سبب سلٽ جمع ٿيل آهي، اهو ڪيڊرايو وڃي ته چاليهه هزار ڪيوسڪ پاڻيءَ کي ان رستي سان ڪيڍي منڇر ڏانهن موڪلي سگهجي ٿو. ٻيو ايف پي بند جي اوپارئين پاسي کان جيڪا "آر بي او ڊي" نهرائي وئي آهي، جنهن ۾ ڏيڍ هزار ڪيوسڪ پاڻيءَ جي گذر جي گنجائش آهي ۽ ان لاءِ جيڪا زمين خريد ڪيل آهي ان مان گهٽ ۾ گهٽ ويهه هزار ڪيوسڪ پاڻي ڪيڍڻ





جي رٿابندي ڪئي وڃي، تہ ٻوڏ جي پوائتن نتيجن کان بچي سگهجي ٿو.

اهڙيءَ ريت انگريزن جي زماني کان وٺي آر ڊي ٽي سئو کان ساڍا چار سئو آر ڊي تائين ايف پي بند ٽٽڻ جا جيڪي خدشا رهندا آيا آهن، مطلب تہ فريد آباد کان ڏانديهڙ تائين بند، جيڪو اڳ ۾ چار پنج پيرا ٽٽي چڪو آهي، ان کي شهرن واره، گاجي کهاوڙ، ميهڙ ۽ خيرپورناٿن شاھ ڏانهن وڌڻ کان روڪڻ لاءِ نصير شاخ جي ڪڙ، جيڪا اڳتي هلي سُپريو بند سان ملي ٿي، انهن کي مڪمل طور ايف پي بند جيترو مضبوط ڪرڻ لاءِ اُپاءَ وٺڻ لازمي آهن ۽ گڏوگڏ ڏامراھ واھ کان بہ ان کي ايترا ڪراس ڏنا وڃن، جيئن پاڻيءَ جو وهڪرو تيزيءَ سان نيڪال ٿي وڃي ۽ ڪٿي بہ ڪندن ڏيڻ جي مجبوري درپيش نہ اچي.

چوٿين تجويز هيءَ آهي تہ مين گهاڙ ٻرين، جيڪا واره ۽ گاجي کهاوڙ ۾ تباهيون ٿي ڦهلائي، ان جو آخري چوڙ سُپريو بند کان آهي، جتي ان کي اڳ دروازا بہ هئا، بجلي بہ هئي ۽ موٽر بہ موجود هئا، اُهي ساڳي طرح موجود ڪري پيهر هلائڻ جو نظام بحال ڪيو وڃي. جيئن سم جو پاڻي وقت سر ضرورت موجب دروازن کي مڪمل بند ڪري موٽرن جي وسيلي سُپريو بند کان اولھ طرف اُڇلائڻ ممڪن بڻجي ۽ ٻوڏ جي پاڻيءَ سان گڏجي نڪري وڃي. جڏهن تہ ايئن نہ هجڻ ڪري ٻوڏ جو پاڻي اُبتو وهي اوپر طرف وڃي سم جي پاڻيءَ سان ٽڪرائجي مين گهاڙ ٻرين کي هنڌان هنڌان ڦاڙي ٿو وجهي. جنهن ڪري ڪيترائي ڳوٺ ۽ شهر ٻڏي ٿا وڃن ۽ ماڻهن کي دربدريءَ جو مُنهن ڏسڻو ٿو پوي.

# بکر جي تاريخي عظمت

ڊاڪٽر عبدالخالق راز سومرو

قديم سنڌ جي جغرافيائي حدن جو ڏيک "ابن حوقل" جي نقشي موجب صيمور کان ڪرمان ۽ بحر فارس کان جندرود تائين ڏيکاريل آهي (جنهن ۾لڳ ڀڳ موجوده پاڪستان اچي وڃي ٿو. هيءَ پهريون سنڌ جو نقشو آهي.) ابن حوقل بغدادي، سن 357هه مطابق 979ع ۾ وفات ڪئي.

"اڳوڻي سنڌ" جو ٻيو نقشو (جنهن تي ڪو به سن لکيل ڪو نه آهي)نظر مان گذريو آهي، ان ۾ سنڌ جون حدون ڪشمير کان ديبل ۽ راجپوتانه کان قنڌار ۽ ڪابل تائين ڏيکاريل آهن. موجوده سنڌ جون حدون



ڪشمور ڪان ڪراچي ۽ ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين آهن.

قديم زماني ڪان سنڌ، هند جو باب الاسلام رهيو آهي. عربن جي يلغار (94هه-712ع) ڪان گهڻو اڳ، خلفاءِ راشدين جي دور ۾ اسلام سنڌ جي ذريعي هند ۾ پهچي چڪو هو. لاتعداد سنڌي وطن مالوف مان نڪري، عرب دنيا ۾ درس و تدريس جي شغل و شغف سان منسلڪ رهيا ۽ سندن پيدا ٿيل نسل به عرب ملڪن ۾ رهيو. جتي ڪيترين پيڙهين گذارڻ ڪانپوءِ به پنهنجن نالن پٺيان السندي جو لفظ استعمال ڪندا پئي رهيا. سنڌ جي پاڪ خمير مان پيدا ٿيل سنڌي ذهن جو ڪمال به هتان جي مٽي ۽ پاڻي جو آهي. انهن عظيم انسانن پنهنجي خداداد قابليت، اعليٰ ذهانت ۽ بلند حوصلگيءَ سان، نيشاپور، بغداد، دمشق، مدينه المنوره، مڪته المعظمه ۽ مصر جي سرزمين تي درس و تدريس ۾ پنهنجي نالي سان گڏ پنهنجي ديس جو نالو به روشن ڪيو.

سنڌ جي مايه ناز ڌرتي هر دور ۾ جتي جليل القدر عالم، بزرگ، اڪابر، صوفي درويش، اولياءِ، محدث، مفسر ۽ فقيه پيدا ڪيا ته انهن سان گڏ اتي مبلغ، فيلسوف، شيخ الاسلام، سياستدان، حڪيم، قاضي، مفڪر ۽ دانشور به پيدا ڪيا، جن زندگي جي هر شعبي ۾ تعميري، اصلاحي، مذهبي، اخلاقي، تعليمي، تمدني ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪري قومي ۽ ملڪي ذهن کي بيدار ڪيو.

سنڌ جي هر هڪ خطي کي پنهنجي پنهنجي عظمت، عزت ۽ حيثيت حاصل رهي آهي. بکر جو شهر به انهن بابرڪت شهرن مان هڪ آهي، جنهن جي تاريخي عظمت دنيا جي تاريخ ۾ اهم باب جي حيثيت رکي ٿي.

بکر جو بنياد:

بکر جو ٻيٽ سکر ۽ روهڙي جي سامهون سنڌو ندي جي وچ ۾ واقع آهي. هن عظيم تاريخي شهر جي تعريف سنڌ ۽ هند جي مورخن خواه عرب سياحن، جغرافيه دانن، وقائع نگارن، تاريخ نويسن ۽ مغرب جي مورخن وڏي عزت ۽ عظمت سان بيان ڪئي آهي. بکر جي بنياد بابت مورخن جا مختلف ر ايا آهن.

ايچ ريورٽي: پنهنجي ڪتاب "مهراڻ ۽ ان جون معاون شاخون" ۾ لکي ٿو ته "قديم زماني ۾ بکر کي "ٻيهڪر" جي نالي سان سڏيو ويندو هو. جيڪو دنيا جي تمدن وارن ملڪن ۾ مشهور هو.

هڪ روايت ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته عباسي خليفي هارون رشيد جي عهد حڪومت (170هه-786ع-809ع) ۾ شيخ حاجي تراب (تبع تابع) بزرگ بکر جو قلعو تعمير ڪرايو هو. هن بزرگ جي مزار گجو (تعلقو ميرپور ساڪرو) ۾ آهي. جنهن 171هه ۾ وفات ڪئي." (محبوب علي چنا (مضمون) مطبوعه نئين زندگي جولاءِ 1970ع)

هن روايت کي تاريخ تحفته الڪرام جلد 3 (سنڌي ترجمو) ص 69 تي هن طرح بيان ڪيو آهي: "هارون رشيد جي زماني ۾ علي بن عيسيٰ بن ماهان سنڌ (منصوره) جو گورنر مقرر ٿي آيو. انهيءَ وقت ساڪوره (ساڪرو) جي سرزمين ۾ "ٽرڙي جو قلعو" "بڪار" جو شهر ۽ انهيءَ سرزمين جي اولهندي سنڌ جون ڪي ٻيون بستيون هڪ وڏي تبع تابع بزرگ شيخ ابو تراب هٿان فتح ٿيون هيون." هن روايت مان اهڙي پڪي ثابتي نٿي ملي، جو قبول ڪري سگهجي ته شيخ ابو تراب "بکر" جو باني هو. جيڪڏهن اهڙي اهم تاريخي شهر جو باني هجي ها ته تحفته الڪرام خواه ٻيون تاريخون به ان جو حوالو ڏين ها پر ٻي صدي هجري ڪان اڄ تائين ڪنهن به مورخ اهڙو انڪشاف ڪونه ڪيو آهي.

بکر سنڌو ندي جي ٻن شاخن جي وچ ۾ آهي. سکر ڪان بکر تائين ساڄي پاسي واري شاخ ڇهه سئو فوٽ آهي، بکر ڪان روهڙي تائين کاٻي پاسي واري تمام اونهي شاخ نَوَ سَئو فوٽ آهي. (الوحيد سنڌ آزاد نمبر 1936ع ص 62)

لب تاريخ ص 27 تي لکيو آهي ته "قديم ڪتابن مان معلوم ٿيو آهي ته هيءُ شهر "بنو عباس" جي عهد حڪومت ۾ سن 333هه (1041ع) ۾ تعمير ٿيو آهي. تعمير جو سن "بالا حصار" لفظ مان 333هه نڪري ٿو."

ٻئي هنڌ لب تاريخ لکي ٿي ته عربن سکر جي ويجهو ماڻهن جي آمد رفت لاءِ سنڌو نديءَ تي "سڪرالميد" نالي هڪ پل تعمير ڪرائي هئي.

ڪن محققن جي راءِ آهي ته "بکر هڪ تاريخي مقام آهي. عربن جي اچڻ ڪان اڳ هن جاءِ تي ڪنهن به شهر جو وجود ڪونه هو." (الوحيد سنڌ آزاد نمبر 1936ع ص 62)

تاريخ تحفته الڪرام جلد 3 ص 311 جي بيان مطابق "بکر جو اصل نالو "فرشته" آهي. هندو راجائن جي زماني ۾ ان جو وجود ڪونه هو. "اروڙ" جي ويران ٿيڻ ڪانپوءِ اتي جا رهاڪو بکر ۾ اچي آباد ٿيا."

چچ نامي جي تحقيق موجب هن حقيقت جو انڪشاف ٿئي ٿو ته سنڌ جي تاريخ تي پهريون تعميري دستاويز عربي تاريخ

"منهاج المسالڪ" آهي. جيڪا قاضي موسيٰ بن يعقوب ثقفي جي خاندان مان سندس پڙپوٽي قاضي اسماعيل بن علي بن محمد طائي وٽان ناصرالدين الدين قباچہ (602هہ- 625هہ) جي دور ۾ علي بن حامد بن ابوبڪر ڪوفي کي هٿ آئي هئي. جنهن اُچ جي دربار ۾ ويهي ان جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هن اهو ترجمو 613هہ ۾ ڪيو ۽ ان تي چچ نامہ نالو رکيائين. جنهن جو سنڌي ترجمو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ڪيو آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو آهي.

چچ نامي جي عبارت موجب شهر بکر جي هيءُ حوالو تقريبن 613هہ جو آهي. جڏهن "چچ نامہ" جو مولف علي ڪوفي عربي تاريخ جي مواد گڏ ڪرڻ لاءِ اُچ مان هلي "اروڙ" ۽ "بکر" ۾ آيو. ان وقت تائين اتي جا امام عربن جي ثقفي خاندان مان هئا. جي غالبن محمد بن قاسم جي فتح وقت اتي سڪونت پذير ٿيا جنهن جي معنيٰ تہ اروڙ سان گڏ بکر جو قديم شهر بہ محمد بن قاسم جي وقت ۾ موجود هو. محمد بن قاسم جي فتح جي سلسلي ۾ علامہ بلاذري پنهنجي ڪتاب "فتوح البلدان" ۾ ٻن شهرن "الرور" (اروڙ ۽ بکر) ۽ "بغرور" جا نالا گڏوگڏ آندا آهن. جن مان مراد "اروڙ" ۽ "بکر" ئي سمجهڻ گهرجي.

اڳتي هلي "چچ نامہ" ۾ بکر جي حقيقت هن طرح ظاهر ٿئي ٿي تہ "بغرور" (بکر) جي قلعي جي مقابل ٻئي طرف جي اها ايراضي جا مهراڻ جي ڪناري تي آهي. فتح ٿي آهي ۽ اهو اروڙ جي حد حڪومت ۾ آهي. جيڪا راجا ڏاهر جي ملڪيت آهي.

"چچ نامي" جي حقيقتن مان واضح ٿئي ٿو تہ بکر جو شهر بہ اروڙ وانگر قديم آهي. مشهور عرب سياح ابن بطوط اندلسي 734 ۾ بکر ۾ آيو هو. هن پنهنجي سفر نامي ۾ لکيو آهي تہ "بکر بلڪل خوبصورت شهر آهي. سنڌوندي جي هڪ شاخ شهر جي وچ مان لنگهي ٿي. انهيءَ شاخ جي وچ ۾ هڪ خانقاهہ آهي. جتي مسافرن کي کاڌو ملي ٿو. انهيءَ شهر ۾ منهنجي ملاقات امام عبدالله حنفي ۽ شهر جي قاضي ابو حنيفہ ۽ شمس الدين محمد شيرازيءَ سان ٿي. شمس الدين جي عمر هڪ سئو ويهہ سال هئي." ابن بطوط جي بيان مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهيءَ قديم دور ۾ بکر ۽ سکر کي هڪڙي ئي نالي بکر سان سڏيو ويندو هو. هن دعويٰ جي متعلق دليل ڏنو وڃي ٿو تہ سنڌو ندي جي ساڄي پاسي واري شاخ. جنهن ۾ خانقاهہ يا خواجہ خضر جو ٿان آهي. سا بکر جي قلعي ۽ سکر جي وچان لنگهي ٿي.

"عجائب الاسفار" جي مصنف بہ هن راءِ جي تائيد ڪئي آهي.

"تحفتہ الڪرام" جي بيان مطابق شيخ الشيوخ حضرت نوح بکري سنڌ جو هڪ وڏو ولي الله ۽ حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جو ڪامل مريد هو. هو "فرشتہ" يعني پراڻي بکر جو رهاڪو هو. چيو وڃي ٿو تہ جڏهن حضرت غوث العالم بهاوالدين ذڪريا ملتاني (المتوفي: 666هہ) حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي رحہ جي خدمت ۾ مريد ٿي. خلافت جو خرقو وٺي ملتان وڃڻ جي اجازت ورتي. تڏهن شيخ ڪيس فرمايو تہ "اسان جي مريدن مان هڪ هدايت وارو مريد سنڌ جي "فرشتہ" شهر ۾ آهي. انهيءَ کي ضرور ڏسڻو ائيئي. ڇاڪاڻ تہ هن ڏيو وٽ ۽ تيل پنهنجو آندو هو. ان کي فقط روشن ڪرڻ جي ضرورت هئي. جڏهن حضرت شيخ بهاوالدين ذڪريا ملتاني "فرشتہ" (بکر) پهتو تہ اتفاقن هن کان اڳ شيخ نوح بکري وفات ڪري ويو هو."

تاريخ جا ورق ثابت ڪن ٿا تہ بکر جو قلعو گهڻو آڳاٽو آهي. بنو عباس عهد حڪومت ۾ بکر جي قلعي کي نئين سر تعمير ڪرايو ويو هو ۽ مٿس "فرشتہ" نالو رکيو ويو مگر هيءُ نئون نالو گهڻو وقت هلي نہ سگهيو ۽ ساڳيو قديم نالو بکر هميشہ لاءِ قائم رهيو.

بکر جي نالي ۽ بنياد بابت تاريخ تحفتہ الڪرام جو بيان آهي تہ سيد محمد مڪي رح بن سلطان العارفين سيد محمد شجاع رح پنهنجي اباڻي شهر مشهد مقدس مان هجرت ڪري بکر ڏانهن اچي رهيو هو تہ رستي ۾ سندس ماڻهن پڇا ڪئي تہ حضرت! ڪٿي منزل ڪئي ويندي؟ جواب ۾ فرمايائون تہ جتي باک ڦٽڻ وقت بقر (ڍڳي) جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. هڪڙي ڏينهن باک ڦٽڻ جي وقت جڏهن بکر ۾ منزل انداز ٿيو تڏهن فرمايائين جعل الله بکر تي في بسقيعتہ المبارڪتہ (يعني الله تعاليٰ منهنجو صبح مبارڪ جاءِ بکر تي ڪرايو آهي) ان ڪانپوءِ عام زبان تي انهيءَ جاءِ جو نالو بکره پئجي ويو جيڪو آهستي آهستي بدلجي بکر ٿي ويو. هيءُ شهر گهڻو پراڻو آهي. سکر ۽ روهڙي جا شهر ان کان پوءِ جا آهن. هيءُ مبارڪ سرزمين عالمن ۽ بزرگن جو سرچشمو آهي. سڄي سنڌ ۾ ٺٽي ۽ بکر جهڙي صفائي ۽ نزاڪت واري مردم خيز سرزمين پيدا ڪانہ ٿي آهي.

حضرت سيد محمد مڪي "رح" کي "بکر" جو باني سڏي نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ تہ هيءُ بزرگ "بکر" ۾ سلطان التمش جي دور ۾

غالبن 625هه ڌاري آيو هو. بکر جو شهر سندس اچڻ کان اٺ صديون اڳ جو آباد ٿيل هو. بکر جي قدامت جو ثبوت ”چچ نامه“ آهي جيڪو عربي تاريخ ”منهاج المسالڪ“ جو فارسي ترجمو علي بن حامد ڪوفي 613هه ۾ ڪيو هو.

مورخن جي راءِ آهي ته بکر جو شهر الور (اروڙ) جي تباهي ڪانپوءِ آباد ٿيو. الور (اروڙ) هندو دور ۾ سنڌ جي گادي جو هنڌ رهيو آهي. هيءُ شهر بکر کان اٺن ميلن جي مفاصلي تي ڏکڻ اوڀر ۾ موجود نارا ڪئنال جي ڪابي ڪپ تي هڪ ويران ۽ اجڙيل ڳوٺ جي صورت ۾ ماضي بعيدجي وجاهت عظمت تي ياس ۽ حسرت جا دم ڪڍي رهيو آهي. زماني کان شڪست خورده هيءُ پراڻو تخت گاهه زبون حالي جي عبرت نما روپ ۾ چشم گريان نظر اچي ٿو. جتي محمد بن قاسم جي اڏايل مسجد (94هه_712ع) (مهاڙي واري ديوار ۽ محراب جا آثار بنان ڇت جي) قدامت جي ساک پري رهي آهي. هتي عظيم تاريخي قبرستان ۽ ڪالنڪان ديوي جي مندر جي چند آثارن جي موجودگي، اهلِ بصيرت لاءِ عبرت جو سبب آهي.

اروڙ ”الور“ (الرور) جي ويراني جي سبب بيان ڪرڻ ۾ مورخن جون مختلف روايتون آهن.

1. تاريخ طاهري جو بيان آهي ته اروڙ ۽ محمد طور جي وچواري علائقي جو حاڪم راجا دلو راءِ هو. هيءُ وڏو ظالم ۽ زاني هو. هندستان جو هڪ سوداگر سيف الملوڪ حج جي ارادي سان مکي معظم ڏانهن وڃي رهيو هو هن جي زال ”بديع الجمال“ بيحد خوبصورت هئي، جنهن کي دلو راءِ جي ماڻهن راجا وٽ پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي. ”سيف الملوڪ“ ٽن ڏينهن جي مهلت گهري، انهيءَ رات جو هن مهراڻ کي پٽرن جو بند ٻڌايو جنهن ڪري درياءَ پنهنجو رخ اروڙ کان بدلائي بکر کان وهڻ شروع ڪيو ۽ الور ويران ٿي ويو.
2. هن روايت کي تاريخ تحفته الڪرام به ساڳئي مفهوم سان بيان ڪيو آهي.
3. هڪ انگريزي تاريخ ... “Elliot:H=History of India Vol:1” به تاريخ طاهري ۽ تحفته الڪرام سان متفق راءِ بيان ڏنو آهي.
4. ايچ ريورٽي پنهنجي ڪتاب ”مهراڻ ۽ ان جون معاون شاخون“ ۾ لکيو آهي ته سنڌو ندي سن 335هه (941ع) ڌاري پنهنجو وهڪرو ”بکر“ ڏانهن ڦيرايو هو.
5. ايبٽ (Abbot) مهراڻ جي رخ بدلائڻ جو زمانو 922ع ۾ ڄاڻايو آهي.
6. سنڌو ندي جي وهڪري جي تبديلي جي دور ۾ مورخن ۽ محققن جا بيان وڏي اهميت رکن ٿا. تاريخي حقيقتون ثابت ڪن ٿيون ته ”الور“ جي پرسان سنڌو ندي ڪو نه وهندي هئي. پر ”هاڪڙو درياهه“ وهندو هو جنهن تي اروڙ عمرڪوٽ ۽ پارينگر ان جا مشهور بندر هئا. هن درياهه جو وهڪرو هماليه جبل مان نڪري بهاولپور ۽ سنڌ مان ٿيندو ڏکڻ اوڀر ۾ ”ڪڇ جي نار“ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. يوناني ماهرن هاڪڙي جو قديم وهڪرو ڳولهي لڌو هو. هن درياهه جي سڪي وڃڻ ڪانپوءِ ”الور“ ويران ٿيندو ويو.

”تاريخ طاهري“ جي مصنف ”سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال“ کي هندستاني ڄاڻايو آهي، مگر چارلس مانس جي تحقيق موجب ”سيف الملوڪ عرب جو سوداگر هو.“ چارلس مانس ”بلوچستان جي سياحت جي سلسلي ۾ لس ٻيلي جي رهاڪن کان معلوم ڪيو هو.“ (جنت السنڌ ص 351)

هن بيان جي تائيد ۾ اي. ڊبليو هيوز پنهنجي ڪتاب”تاريخ بلوچستان“ ۾ ساڳيو ”چارلس مانس“ وارو بيان لکيو آهي.

شاعر لطف علي سيف الملوڪ ۽ بديع الجمال جي قصي کي سرائڪي زبان ۾ منظوم ڪيو آهي، جنهن ۾ هن سيف الملوڪ کي ”مصر“ جو شهزادو ڄاڻيو آهي.

سنڌو ندي جهڙي عظيم درياهه کي ٽن ڏينهن اندر بند ٻڌڻ جو تصور به ڪري نٿو سگهجي، موجوده سائنسي ۽ مشينري جي زماني ۾ براج جهڙيون پليون ناهڻ ۾ ڏهه ڏهه سال لڳي وڃن ٿا. ان جاءِ تي مهراڻ کي ٽن ڏينهن اندر بند ٻڌڻ انساني وسعت کان ٻاهر آهي.

راجا دلو راءِ جو زمانو سنڌ گزيٽيئر 1221ع ڄاڻايو آهي. هن دور ۾ دهلي جي تخت تي سلطان التمش رونق افروز هو. تاريخ طاهري جو مصنف راجا دلو راءِ کي سيف الملوڪ جي قصي ۾ ڄاڻائي سنڌو ندي جي وهڪري تبديل ٿيڻ جو ذڪر منسوب ڪيو آهي.

”ايچ ريورٽي“ مهراڻ جو رخ 335هه (941ع) ۾ تبديل ٿيڻ جو بيان ڏنو آهي ۽ ”ايبٽ“مهراڻ جي وهڪري ڦرڻ جو سن 992ع ڏنو آهي.

بکر جي جغرافيائي بيهڪ ۽ بناوت ۾ اڄ تائين ڪو به ڦيرو ڪو نه آيو آهي. سنڌو

ندي بہ قديم دور کان اڄ تائين ساڳي جاءِ تان پنهنجو وهڪرو قائم رکندي آئي آهي. جيڪڏهن مهراڻ جو موجوده وهڪرو بکر، سيوهڻ ۽ حيدرآباد کان نہ هجي ها تہ سڪندر مقدوني ۽ دارا اعظم جا جهاز سيوهڻ بدران الور کان پارينگر وچي پهچن ها (جيڪو هاڪڙي درياهہ وارو وهڪرو هو) ۽ نہ وري سن 333هہ ۾ بنوعباس حڪومت جي زماني ۾ بکر جي قلعي جي نئين سر تعمير ٿي سگهي ها. "ديبل بندر" بہ سنڌو ندي جي ڏکڻ اولهہ واري ڊيلٽا جي ڪناري تي واقع هو.

تاريخي شهادتن مان واضح ٿئي ٿو تہ "ريورٽي" مهراڻ جو وهڪرو ڦرڻ جو سن 335هہ (مطابق 941) حقيقت جي برعڪس "ڏند ڪٿا" ڏني آهي. هيءُ زمانو سلطان سبڪتگين کان 31 سال اڳ جو شمار ٿئي ٿو. لب تاريخ جو بيان آهي تہ سکر ۽ روهڙي جي وچ ۾ بکر جو قلعو آهي، جو هن وقت زبون حالتن ۾ سنڌ جي گذريل زرين عهد جي ياد ڏياري ٿو تہ ڪو وقت هن سرزمين تي حجازي اميرن جو قيام هو.

ايبٽ سنڌو ندي جي وهڪري ڦيرائڻ جو سن 992ع ڏنو آهي، جو سلطان محمود غزنوي کان 6 سال اڳ شمار ٿئي ٿو. مگر سلطان محمود جي واقع نگارن اهڙي اهم واقعي جو ڪو بہ ذڪر ڪونہ ڪيو آهي.

سلطان التمش جي زماني ۾ سنڌ ۽ ملتان جي حڪومت ناصرالدين قباچہ جي هٿ ۾ هئي. جڏهن التمش جي وزير نظام الملڪ، ناصرالدين قباچہ تي ڪاهہ ڪئي، تڏهن هي گادي جو هنڌ "اُچ" مان ڀڄي "بکر" جي قلعي ۾ پناهہ گزين ٿيو. سن 625هہ ڌاري نظام الملڪ سندس پٺيان ڪاهي آيو تہ هي بکر جي قلعي تان ٽپو ڏئي درياهہ ۾ ٻڏي مري ويو.

لب تاريخ جو بيان آهي تہ "بکر جو قلعو بنوعباس جي دور ۾ سن 333هہ ۾ تعمير ٿيو هو. (بکر جو قلعو اڳ ۾ ئي موجود هو جنهن کي عباسي حاڪمن نئين سر تعمير ڪرائي مٿس "فرشتہ" نالو رکيو، مگر هيءُ نئون نالو قائم رهي نہ سگهيو ۽ پراڻو نالو بکر هميشہ لاءِ قائم رهيو.)"

مولانا علامہ ابوالفضل پنهنجي ڪتاب "آئين اڪبري" ۾ لکيو آهي تہ "شهنشاهہ اڪبر جي زماني ۾ "الور" بکر جي ماتحت هڪ محال (تعلقو) هو جنهن ۾ ماٿيلو بکر ۽ سکر شامل هئا. هن محال مان مغل حڪومت کي ساليانو 1132150 دام، 200 سوار ۽ 500 پيادا خراج طور ملندا هئا."

قديم تاريخن جي بيانن مان معلوم ٿئي ٿو تہ انهن مورخن اڪثر عالمن ۽ اوليائن کي بکر ڏانهن منسوب ڪيو آهي ۽ سندن مدفن بہ بکر ڄاڻايو آهي پر تحقيق ڪان پوءِ واضح ٿيو آهي تہ انهن جون مزارون پراڻي سکر جي لڳ نظر آيون آهن. جيئن حضرت سيد محمد مڪي جي تربت بکر جي قلعي ۾ ٻڌائي ويئي آهي پر هن بزرگ جي مزار سکر ۾ آهي. اهڙيءَ ريت مير معصوم بکري ۽ سندس حويليون بہ پراڻي سکر ۾ آهن. عجائب الاسفار جي تحقيق موجب سکر ۽ بکر کي هڪڙي ئي نالي بکر سان سڏيو ويندو هو. زماني گذرڻ کانپوءِ سکر ۽ بکر جدا جدا نالن سان سڏجڻ ۾ آيا.

علامہ ابوالفضل پنهنجي ڪتاب "آئين اڪبري" ۾ "بکر" متعلق هڪ عجيب روايت ڏني آهي: "بکر هڪ عمدو قلعو آهي، جنهن کي پراڻن ڪتابن ۾ "منصوره" لکن ٿا. (هن روايت متعلق ڪو بہ حوالو ڏنل ڪونهي) بہ درياهہ گڏجي ان جي هيٺان لنگهن ٿا جن مان 2 حصا ڏکڻ واري پاسي کان ۽ هڪ حصو اتر کان آهي. برسات گهٽ ۽ ميوا سٺا ٿيندا آهن."

"منصوره" بابت قديم عربي خواه فارسي تاريخن ۾ جيڪا جاءِ وقوع ڏيکاريل آهي، سا "بکر" جي محل وقوع جي بلڪل متضاد آهي. "آئينہ حقيقت نما" جي تحقيق موجب "منصوره" برهمڻ آباد جي لڳ آباد ڪئي ويئي هئي.

"احسن التقاسيم" جو بيان آهي تہ "محمد بن قاسم جو پٽ عمرو سنڌ جي گورنر حڪم بن عوانہ ڪلبيءَ سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو. جنهن پنهنجي فتوحات جي يادگار لاءِ برهمڻ آباد کان ٻن فرسخ جي مفاصلي تي سن 110هہ ۾ "منصوره" جو شهر سنڌو نديءَ جي هڪڙي ڀيٽ تي "دمشق" جي نمونہ تي تعمير ڪرايو."

"ابن حوقل" جي بيان موجب "منصوره جو شهر هڪ ميل ڊگهو ۽ هڪ ميل ويڪرو رونقدار شهر هو. "منصوره" جو شهر سلطان محمود غزنوي جي ڪاهہ 401هہ تائين ٽي صديون سنڌ جو تخت گاهہ رهيو. شهر کي چار دروازا هئا: باب البحر، باب طوران، باب سندان ۽ باب ملتان."

"مروج الذهب" جو مصنف لکي ٿو تہ: "سيدن ۽ عالمن جي فيض الاهي سبب هيءُ شهر سنڌ جو "دمشق" ۽ "بغداد" هو. شهر جي چوگرد باغات ۽ سر سبزي هئي."

"عجائب الاسفار" جو بيان آهي تہ "منصوره موجوده نصرپور جي ويجهو هڪ شهر هو جنهن جي نزاڪت ۽ رونق اعليٰ درجي



جي هئي.”

“فتح البلدان” جو مصنف علامہ بلاذري بشاري مقدسي، ابن حوقل ۽ مسعودي سان متفق راءِ آهي. جيڪي تاريخي شهادتون موجود آهن، تن مان فتوح البلدان خاص اهميت رکي ٿو جنهن ۾ علامہ بلاذري پورو پورو تفصيل بيان ڪيو آهي.

هن حقيقت جو اظهار ڪيو ويو آهي تہ “بکر” جو شهر “الور” جي تباهي کانپوءِ آباد ٿيو. “بکر جو قلعو” اتر ۽ اوپر کان ٿيندڙ حملن ۽ کاهن کان بچاءَ لاءِ هڪ اهم دروازي جو ڏيک ڏيندو رهيو. هيءُ قلعو هندو دور ۾ تعمير ٿيو هو جنهن جو اعتراف چچ نامہ بہ ڪيو آهي. ڪن محققن عباسي دور ۾ سن 171هہ ۾ هن قلعي جي تعمير جو سن ٻڌايو آهي.

تاريخي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ ڇيو وڃي ٿو تہ عباسي دور ۾ سن 333هہ ۾ هيءُ قلعو تعمير ٿيو. تحقيق مان واضح ٿئي ٿو تہ بکر جو قلعو محمد بن قاسم جي فتح (94هہ ـ 712ع) وقت بہ موجود هو. جيڪو راجا ڏاهر جي ملڪيت هو. عباسي عهد حڪومت جي زماني ۾ سن 333هہ ۾ هيءُ قلعو ٻيهر تعمير ٿيو هو.

هن قلعي جي پهريون ڀيرو مرمت چوٿين صدي هجري جي آخر ۾ ٿي هئي. ٻيو دفعو مرمت سن 555هہ (1165ع) ۾ غزنوي عهد حڪومت ۾ ٿي. ٽيون ڀيرو مرمت سن 926هہ ۾ شاهہ بيگ ارغون ڪرائي هئي. هن

پنهنجي عهد حڪومت جي دور ۾ بکر جي رضوي ساداتن ۽ قاضين کي لوهري (روهڙي) شهر تعمير ڪرائي اتي رهائي ڇڏيو جتي ڪين جاگيرون به ڏنائين يعني روهڙي شهر جو بنياد شاهه بيگ ارغون رکيو هو. چوٿون دفعو هن قلعي جي مرمت سن 947هه ڌاري ٿي هئي، جڏهن دهلي جو معزول شهنشاهه همايون سنڌ ۾ آيو ان وقت شاهه بيگ ارغون طرفان بکر جو گورنر سلطان محمود بکري هو. هن بکر جي قلعي جي مرمت ڪرائي هئي. همايون 9 مهينا بکر جي قلعي جو محاصرو ڪيو هو.

پنجون ڀيرو هن قلعي جي مرمت سن 1739ع (1152هه) ۾ نادر شاهه ڪرائي هئي، جڏهن هو سنڌ تي ڪاهي آيو هو.

ڇهون دفعو سن 1192هه (1778ع) ۾ امير تيمور شاهه جي نواب غلام صديق خان ڪرائي هئي جڏهن هو (1773ع-1782ع) شڪارپور جو گورنر مقرر ٿي آيو هو. هن بکر جي قلعي جي نئين سر تعمير ۽ مرمت ڪرائي هئي، جنهن بابت هڪ شاعر ان جي تاريخ به لکي آهي:

"ساخت از سر بنده صديق خان
قلع بکر بحکم بادشاه
چون بخواهي سال تاريخش صفا
گو بزبيد قلع تيمور شاه"

مغل شهنشاهه اڪبر جي زماني ۾ بکر ۾ "ضرب خانو" هوندو هو. روهڙي جي طرف کان (ڪاهي پاسي) هڪ برج تهيل هو. چيو وڃي ٿو ته موت وارن ڏوهارين کي انهيءَ وڏي برج تان اڇلائي ماريو ويندو هو. تاريخ تحفته الڪرام جو بيان آهي ته "وار مبارڪ" به بکر ۾ زيارت لاءِ رکيل هو جو بعد ۾ روهڙي ۾ منتقل ڪيو ويو ۽ هن وقت روهڙي ۾ هن سڳوري آثار جي زيارت ٿئي ٿي.

"تاريخ تحفته الڪرام" جو بيان آهي ته "بکر" تفريح گاهن ۽ دل کي وڻندڙ باغن سان سينگاريل آهي. "سڳوري آثار" يعني "وار مبارڪ" جو صحيح روايتن موجب انهن ايائن وارن مان آهي، جيڪي حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جن کان مومنن جي زيارت لاءِ يادگار رهجي ويا آهن. اتي جا اڪثر ماڻهو ٺٽي جي ماڻهن وانگيان سير ۽ صفائي پسند ڪندڙ نازڪ مزاج ۽ لياقت جي ڳولا ۾ مشهور آهن. گرمي جي موسم ۾ جا پاٽي جي چڙهڻ ۽ ميون پچڻ جي موسم آهي، ننڍا توڙي وڏا، سردار توڙي نوڪر، زالون خواهه مرد باغن ۾ خلوتن ۽ محفلن ۾ ڏينهن گذاريندا آهن. هتي ڪيترن اوليائن ۽ ولي الله جون مزارون آهن.

هن وقت "بکر" متي ۽ پراڻين سرن جو ڍير آهي. هتي ويراني ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نظر نٿو اچي. هيءُ پراڻو تخت گاهه، قديم بادشاهي قلعو جهونو ديني مرڪز ۽ تاريخي يادگار دنيا جي تاريخ ۾ پنهنجي عظمت کي ته نروار ڪري ٿو مگر جغرافيائي صورت ۾ هن اجڙيل آستان تي حيرت کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي، جتي اهل-بصيرت اچ به عبرت حاصل ڪري سگهي ٿو.

**بکر جي حڪومت:**

تاريخ جا ورق ٻڌائين ٿا ته بکر جو قلعو هندو دور (632ع-712) ۾ به موجود هو. چچ نامه جو بيان آهي ته "بغرور (بکر) جي قلعي جي مقابل ٻئي طرف جي اها اراضي جا مهراڻ جي ڪناري تي آهي، فتح ٿي آهي ۽ اها اروڙ جي حد حڪومت ۾ آهي، جيڪا راجا ڏاهر جي ملڪيت آهي. بکر کي عرب مورخن جغرافيه دانن ۽ سياحن اروڙ جي نالي الرور سان گڏ بغرور جو نالو ملائي ڪنيو آهي. يعني ايئن سمجهڻ جو قوي دليل موجود آهي ته الرور ۽ بغرور (اروڙ ۽ بکر) جي گڏيل نالي جي حڪومت الور اروڙ ۾ موجود هئي."

محمد بن قاسم سن 94هه (712ع) ۾ سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ "روح بن اسد" کي اروڙ بکر (سنڌ) جو گورنر مقرر ڪيو. خليفي ولد بن عبدالملڪ (86هه) کان خليفي هشام بن عبدالملڪ (125هه) جي عهد حڪومت تائين پنجن خليفن جي دور ۾ انهن گورنرن الور/اروڙ تي حڪومت ڪئي. خليفي هشام بن عبدالملڪ جي دور ۾ حڪم بن عوانه اروڙ جو گورنر مقرر ٿي آيو. هن پنهنجي عهدي جي چارج 105هه ۾ ورتي. هن المحفوظ نالي هڪ نئون شهر تعمير ڪرائي، حڪومت جي گادي اروڙ مان ڦيرائي المحفوظ ۾ رکي. هن دور ۾ محمد بن قاسم جو پٽ عمرو به حڪم بن عوانه سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو. هن ڪيترين ئي فتوحات حاصل ڪيون، انهن جي يادگار قائم ڪرڻ لاءِ هن "المنصور" جو شهر تعمير ڪرايو. هيءُ شهر سن 110هه ۾ تعمير ٿيو. حڪم بن عوانه تخت گاهه المحفوظ مان ڦيرائي منصوره ۾ قائم ڪيو ۽ ان کانپوءِ جيڪي به گورنر مقرر ٿيا، سي سڀئي منصوره ۾ ايندا رهيا. هن طرح اروڙ (632ع-732ع) هڪ سئو سال تخت گاهه جي حيثيت ۾ رهيو. محققن جي راءِ موجب راءِ گهراڻي جي پنجن حاڪمن سن 450ع کان 632ع تائين 182 سال اروڙ تي حڪومت ڪئي. هن طرح اروڙ 282 سال سنڌ جو تخت گاهه رهيو.

"منصوره" جي تخت تي اموي خاندان جي حڪومت طرفان "حڪم بن عوانه کان پوءِ منصوره جي باني "عمرو بن محمد بن

قاسم ثقفي" گورنر مقرر ٿيو. خليفي هشام بن عبدالملڪ جي وفات 125ھ کان پوءِ خليفو وليد (125ھ۔126ھ) خليفو يزيد (126ھ) خليفو ابراهيم (126ھ۔127ھ)، خليفو مروان (127ھ۔132ھ) هڪ ٻئي پٺيان تخت تي ويٺا. بنو اميه جي حڪومت 132ھ ۾ ختم ٿي ويئي. هن حڪومت جي دور ۾ پهريان اٺ گورنر "اروڙ" ۾ رهيا ۽ باقي پويان ٽي گورنر: عمر بن محمد بن قاسم، يزيد بن عرار ۽ منصور بن جمهور "منصوره" جي تخت تي رهيا."

سن 132ھ (750ع) ۾ حڪومت جون واڳون عباسي خاندان جي هٿ ۾ آيون. هن عباسي خاندان 132ھ (750ع) کان 418ھ (1027ع) جي عهد حڪومت ۾ 37 خليفا تخت تي ويٺا. پويون خليفو مستيصم بالله هو جنهن 641ھ۔656ھ (1223۔1258ع) تائين حڪومت ڪئي. هن دور ۾ هلاڪو 655ھ۔1257ع ۾ بغداد تي ڪاھ ڪئي. علامه ابن خلدون جي تحقيق موجب بغداد جي آبادي ويھ لکي هئي، هلاڪو جي قتل عام ۾ سورهن لک ماڻهو تلوارن جي نذر ٿي ويا يعني ابتدائي آفرينش کان اڄ تائين اهڙو قهر الاهي ڪنهن به قوم تي ڪو نه آيو جهڙو بغداد جي مسلمانن جي مٿان نازل ٿيو. مستيصم بالله پنهنجي پٽن ۽ اهل و عيال سميت تاريخ 20 محرم 656ھ (27 جنوري 1258ع) ۾ قتل ٿي ويو.

سنڌ تي عباسي خليفي رح "القادر بالله" (381ھ۔422ھ۔991ع۔1031ع) جي عهد حڪومت تائين هلي. هن دور تائين 36 گورنرن "منصوره" تي حڪومت ڪئي. پويون گورنر "ابوصمد" هو جنهن کان محمود غزنوي حڪومت جو قبضو ڪسي ورتو. اهو زمانو 418ھ (1027ع) جو هو. هن طرح بنو عباس خاندان جي سنڌ تي حڪومت 132 ھ (750ع) کان 422ع (1031ع) تائين 280 سال هلي. يعني "منصوره" 308 سال سنڌ جي تخت گاھ جي حيثيت ۾ رهيو.

غزنوي دور (418ھ۔1027ع) ۾ سلطان محمود منصوره کان سيوستان، بکر ۽ ملتان فتح ڪري سمورو علائقو "غزنوي حڪومت" سان ملائي ڇڏيو. سلطان محمود سنڌ جي گادي جو هنڌ منصوره مان ڦيرائي لاهور ۾ قائم ڪيو. غزنوي حاڪمن سنڌ تي 165 سال حڪومت ڪئي، سندن دور ۾ "ستن گورنرن" سنڌ تي راڄ ڪيو. غزنوي خاندان جي حڪومت 418ھ کان 582ھ تائين هلي.

**غوري خاندان جي حڪومت (582ھ۔603ھ):**

سلطان شهاب الدين غوري 582ھ کان 602ھ تائين حڪومت ڪئي، ڪيس ڪو به اولاد ڪونه هو جنهن ڪري سموري حڪومت غلامن ۾ ورهائي ڇڏيائين، انهن مان سنڌ ۽ ملتان جي حڪومت "ناصرالدين قباچه" کي ملي. جنهن پنهنجو تخت گاھ "اُچ" ۾ مقرر ڪيو.

**غلام گهراڻو (602ھ۔686ھ):**

سن 602ھ سلطان ناصرالدين قباچه سنڌ ۽ ملتان جي حڪومت جو مالڪ ٿي وينو سندس حڪومت جو تخت گاھ "اُچ" هو. هن پنجاب تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ٿيو. جوابي ڪارروائي ۾ سلطان التمش پنهنجي وزير نظام الملڪ کي اُچ تي ڪاھ ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ناصرالدين قباچه گجرات ڏانهن ڀڄي ويو. جتان واپسيءَ تي سيوهڻ جو قلعو فتح ڪيائين. سلطان التمش بنگال جي مهم مان واندو ٿيڻ کان پوءِ اُچ تي مڪمل قبضو ڪري ورتو. ناصرالدين قباچه سلطان التمش کي ايندو ڏسي بکر جي مضبوط قلعي ۾ پناھ گزين ٿيو. سن 625ھ جڏهن دهلي جو لشڪر بکر ۾ پهتو ته هن کان اڳ قباچه خزانن جون ٻيڙيون پرائي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي پر ٻيڙين سميت درياءَ ۾ ٻڏي مري ويو. (جنت السنڌ ص 260) "قباچه" جي موت متعلق لباب الالباب جو بيان آهي ته بکر جي قلعي فتح ٿيڻ کانپوءِ ناصرالدين قباچه پنهنجو سمورو خزانو ۽ املاڪ پنهنجي پٽ علاوالدين بهرام شاھ جي هٿان سلطان التمش جي خدمت ۾ موڪلي معافي جي درخواست ڪئي. سلطان التمش هن کي روبرو حاضر ٿيڻ جو حڪم ڏنو مگر قباچه هن ذلت کان موت بهتر سمجهي تاريخ 19 جمادي الآر 625ھ ۾ چنچر جي رات پاڻ کي "بکر جي قلعي" تان درياھ ۾ اڇلائي پنهنجو انت آندو. (تعليقات معصومي ڊاڪٽر دائودپوٽو ص 276۔277.) هن 23 سال حڪومت ڪئي.

1. نظام الملڪ (625ھ۔630ھ) التمش بکر فتح ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي وزير نظام الملڪ کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو. هن سلطان التمش جي حڪم موجب بکر کي گادي جو هنڌ مقرر ڪيو.
2. نورالدين محمود: سلطان التمش نظام الملڪ کي دهلي گهرائي ورتو ۽ سندس جاءِ تي نورالدين محمود بکر جو گورنر مقرر ٿيو. سلطان التمش 1236ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس گادي تي رڪن الدين کي ويهاريو ويو.
3. سلطان رڪن الدين: رضيه سلطانه جي

تخت نشيني جي زماني تائين بکر جي گورنرن ۾ ڪا بہ تبديلي ڪونہ آئي. رضيہ سلطانہ کان پوءِ سندس پيائيتو مسعود شاھ تخت تي ويٺو.

4. جلال الدين: سلطان مسعود شاھ، نورالدين محمود کي معزول ڪري، جلال الدين کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو. سلطان مسعود کان پوءِ سلطان ناصرالدين تخت تي ويٺو.

5. سلطان سنجر: سلطان ناصرالدين جڏهن سنڌ ۾ آيو تہ هن سنڌ کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪيو. هڪ حصو بکر کان ملتان تائين، جنهن تي سلطان سنجر کي گورنر مقرر ڪيائين. ٻئي حصي (بکر کان ديبل تائين) تي قليغ خان کي مقرر ڪيائين. غياث الدين "بلبن" جي زماني ۾ سنڌ جي گادي جو هنڌ ملتان هوءِ بکر فوجي قلعي جي حيثيت ۾ رهيو. سن 686ھ (1288ع) ۾ غلام گهراڻي جي حڪومت ختم ٿي وئي ۽ حڪومت خلجي خاندان جي هٿ ۾ آئي.

**خلجي دور (689ھ (1290ع) کان (720ھ_1321ع):**

غلام گهراڻي جا پويان حڪومت هلائڻ جي لائق نہ رهيا هئا، جنهن ڪري جلال الدين فيروز سن 689ھ (1290ع) ۾ دهلي جي تخت تي قبضو ڪري ورتو.

ارڪلي: سلطان جلال الدين فيروز سلطان سنجر کي معزول ڪري "ارڪلي" کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو. سلطان جلال الدين جي وفات کان پوءِ سلطان ابراهيم رڪن الدين تخت تي ويٺو.

نصرت خان: سلطان ابراهيم رڪن الدين "ارڪلي" کي معزول ڪري، نصرت خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو. سلطان ابراهيم 695ھ (1296ع) ۾ هڪ سال حڪومت ڪئي. ان کانپوءِ سلطان علاوالدين (695ھ_1296ع) ۾ دهلي جي تخت تي ويٺو.

غازي الملڪ: سلطان علاوالدين نصرت خان کي معزول ڪري غازي الملڪ کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو.

خواجہ خطير: غازي الملڪ کي ملتان جو گورنر مقرر ڪرڻ کانپوءِ سندس جاءِ تي خواجہ خطير کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. سلطان علاوالدين سن 715ھ_1316ع ۾ وفات ڪئي. علاوالدين جي پوين 1321ع تائين حڪومت ڪئي. ان کانپوءِ حڪومت تغلق خاندان جي هٿ ۾ آئي.

**تغلق دور 720ھ_802ھ (1321ع _1399ع):**

تغلق خاندان جو پهريون حاڪم سلطان غياث الدين تغلق (1321ع_1325ع) تخت تي ويٺو. هن جي دور ۾ گورنرن ۾ ڪا بہ تبديلي ڪونہ آئي. "عجائب الاسفار" جي بيان موجب هن کي پنهنجي پٽ محمد تغلق ڪاٺ جي محلات ۾ ويهاري هڪ اشاري سان محلات ڪيرائي ماري ڇڏيو.

**محمد تغلق (725ھ_752ھ) (1325ع_1351ع) ۾ تخت تي ويٺو.**

ڪشلو خان: محمد تغلق تخت تي ويهڻ کانپوءِ خواجہ خطير کي معزول ڪري ان جي جاءِ تي ڪشلو خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو. بغاوت جي ڏوھ ۾ محمد تغلق هن کي قتل ڪرائي ڇڏيو. ابن بطوط جڏهن ملتان ۾ آيو تہ ڪشلو خان جو لاش شهر جي دروازي تي ٽنگيل ڏٺائين.

اقوام الملڪ: ڪشلو خان جي موت کان پوءِ اقوام الملڪ کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن جي دور ۾ محمد تغلق 1351ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ سلطان فيروز شاھ 752ھ 1351ع ۾ شيخ نصيرالدين چراغ دهلوي جي زور ڀرڻ تي دهلي جي تخت تي ويٺو.

ملڪ رڪن الدين: سلطان فيروز شاھ (1351ع_1388ع) اقوام الملڪ کي معزول ڪري ملڪ رڪن الدين کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو. سلطان فيروز شاھ سن 1388ع مطابق 790ھ ۾ وفات ڪئي. هن جي زماني ۾ سنڌ جي سمن حاڪمن مان ڄام صلاح الدين سنڌ جي خودمختياري جو اعلان ڪيو. سلطان فيروز شاھ جي پوين (790ھ_802ھ) مطابق 1388ع_1399ع تائين دهلي جي تخت تي حڪومت ڪئي پر سندن ڪمزوري سبب اڪثر رياستون خودمختيار ٿي ويون هيون. سمن سنڌ تي خودمختياري 796ھ (1394ع) ۾ محمد شاھ تغلق (ثاني) جي دور ۾ حاصل ڪئي. ڄام صلاح الدين کان ڄام تغلق جي دور تائين بکر جي حڪومت سندن عزيزن جي هٿ ۾ هئي.

**ڄام نظام الدين (ڄام نندو) سن 896ھ (1490ع) ۾ گادي تي ويٺو.**

دلشاد: ڄام نظام الدين پنهنجي دور ۾ هڪ غلام "دلشاد" کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو. ڄام نظام الدين جي زماني تائين سندن حڪومت جو تخت گاھ ساموئي هو. هن ٺٽو شهر تعمير ڪرائي سن 900ھ ۾ حڪومت جو تخت گاھ مقرر ڪيو.

قاضي قاضن (قاضي قادن) ڄام نظام الدين "دلشاد" کي برطرف ڪري سندس جاءِ تي قاضي قاضن کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو.

هن دور ۾ غالبن 914هه ۾ ارغونن جي لشڪر بکر تي ڪاهه ڪئي، قاضي قاضن ڪي مرڪز کان فوجي مدد نه ملڻ سبب بکر جو قبضو ارغونن جي حوالي ڪيو. ڄام نظام الدين 914هه (1508ع) ۾ وفات ڪئي.

شاهه بيگ ارغون (914هه-928هه-1508ع-1521ع): سن 1508ع ۾ مرزا عيسيٰ ترخان جي اڳواڻي ۾ بکر جو قلعو فتح ڪيو.

فاضل بيگ ڪوڪلتاس: شاهه بيگ ارغون، فاضل بيگ ڪوڪلتاس کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو. شاهه بيگ ارغون 1521ع ۾ وفات ڪئي ۽ سندس پٽ شاهه حسن تخت تي ويٺو.

مرزا شاهه حسن (928هه-976هه-1521ع-1560ع):

سلطان محمود ڪوڪلتاس: فاضل بيگ ڪوڪلتاس جي وفات کانپوءِ مرزا شاهه حسن، فاضل بيگ جي پٽ سلطان محمود ڪوڪلتاس کي سن 967هه (1560ع) ۾ بکر جو گورنر مقرر ڪيو. مرزا شاهه حسن جي وفات کانپوءِ بکر جي قبضي ۾ آئي. ترخانن جي دور ۾ سنڌ ٻن حصن ۾ ورهايل هئي. مٿيون حصو سيوهڻ کان اباوڙي تائين سلطان محمود ڪوڪلتاس بکري جي هٿ ۾ رهيو ۽ هيٺيون حصو سمنڊ کان لکي جي جبلن تائين مرزا عيسيٰ ترخان جي هٿ ۾ رهيو. سلطان محمود بکري سن 982هه (1575ع) ۾ وفات ڪئي. ان کان بعد بکر تي مغل حڪومت طرفان گورنر مقرر ٿيندا رهيا. بکر تي گورنرن جو سلسلو اڪبر بادشاهه جي دور ۾ سن 982هه-1575ع کان شروع ٿيو.

جلال الدين محمد اڪبر: (1556ع-1605ع)

گيسو خان: شهنشاهه محمد اڪبر سن 982هه ۾ سلطان محمود بکري جي وفات کانپوءِ مغل حڪومت طرفان گيسو خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن هڪ سال حڪومت ڪئي.

ترسو خان: سن 973هه ۾ گيسو خان کي معزل ڪري ترسو خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هيءُ ڪجهه مهينا رهڻ کانپوءِ برطرف ٿيو.

سيد محمد امير خان: ترسو خان جي موقوفي کان پوءِ سيد محمد امير خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن ڪجهه مهينا حڪومت ۽ ساڳي سال 983ع ۾ موقوف ٿيو.

سيد ابوالفضل: سيد محمد امير خان جي وڃڻ کان سن 984هه ۾ سيد ابوالفضل کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 985هه تائين هڪ سال راڄ ڪيو.

اعتماد خان خواجه سريٰ: سيد ابوالفضل جي معزولي کانپوءِ اعتماد خان خواجه سريٰ کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 985هه-987هه تائين ٻه سال حڪومت ڪئي.

فتح خان: اعتماد خان جي برطرفي کانپوءِ فتح خان کر بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 987هه کان 994هه تائين ست سال حڪومت ڪئي.

صادق خان: فتح خان جي موقوفي کانپوءِ صادق خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 994هه کان 996هه تائين ٻه سال حڪومت ڪئي.

اسماعيل قلي خان: صادق خان جي معزولي کانپوءِ اسماعيل قلي خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 996هه کان 997هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

شيرويه سلطان: اسماعيل قلي خان جي وڃڻ کانپوءِ شيرويه سلطان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 997هه کان 998هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

صادق خان: شيرويه سلطان جي معزولي کانپوءِ صادق خان دوباره بکر جو گورنر مقرر ٿيو. هن 998ع ۾ ڪجهه مهينا حڪومت ڪئي.

مير ابوالقاسم نمڪين الهروي: هيءُ روهڙي جو ويٺل هو. صادق خان جي وڃڻ کانپوءِ بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 998هه کان 1004ع تائين ڇهه سال حڪومت ڪئي.

مرزا خان: مير ابوالقاسم جي موقوفي کانپوءِ مرزا خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو هن 1004هه کان 1005هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

سعيد خان: مرزا خان جي برطرفي کانپوءِ سعيد خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1005هه کان 1009هه تائين چار سال راڄ ڪيو.

بقيرا بيگ: سعيد خان جي معزولي کانپوءِ بقيرا بيگ کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. 1009هه کان 1014هه تائين پنج سال حڪومت ڪئي. هن جي دور ۾ شهنشاهه اڪبر سن 1012هه-1605ع ۾ وفات ڪئي ۽ دهلي جي تخت تي جهانگير رونق افراز ٿيو. (1601ع-1627ع)

سردار خان: عهد جهانگيري ۾ بقيرا بيگ کي معزول ڪري سرار خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1014هه کان

1015هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

قاضي خان: سردار خان جي وڃڻ ڪانپوءِ قاضي خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1015هه-1016هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

سيد تاج خان: قاضي خان جي موقوفي ڪانپوءِ سيد تاج خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1016هه کان 1020هه تائين چار سال حڪومت ڪئي.

بايزيد خان: سيد تاج خان جي برطرفي ڪانپوءِ بايزيد خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو هن 1020هه کان 1025هه تائين پنج سال حڪومت ڪئي.

هوشيار خان: بايزيد خان جي معزولي ڪانپوءِ هوشيار خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1025هه کان 1028هه تائين ٽي سال حڪومت ڪئي.

مرزا محمد علي بيگ: هوشيار خان جي وڃڻ ڪانپوءِ مرزا محمد علي بيگ کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1028هه کان 1031هه تائين ٽي سال حڪومت ڪئي.

محمد علي فوجدار: مرزا محمد علي بيگ جي معزولي ڪانپوءِ محمد علي فوجدار کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1031هه کان 1038هه تائين ست سال حڪومت ڪئي. هن دور ۾ شهنشاهه جهانگير 1038هه مطابق 1627ع ۾ وفات ڪئي ۽ دهلي جي تخت تي شاهجهان رونق افروز ٿيو. جنهن 1627ع کان 1658ع تائين دهلي جي تخت تي حڪومت ڪئي.

مرزا حسيني: عهد شاهجهاني ۾ محمد علي فوجدار کي معزل ڪري مرزا حسيني کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1038هه کان 1039هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

عزت خان: مرزا حسيني جي وڃڻ ڪانپوءِ عزت خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1039هه کان 1041هه تائين ٻه سال حڪومت ڪئي.

سيد محمد: عزت خان جي معزولي ڪانپوءِ سيد محمد کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1041هه کان 1043هه تائين ٻه سال حڪومت ڪئي.

اسد خان: سيد محمد جي موقفي ڪانپوءِ اسد خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. جنهن 1043هه کان 1045هه تائين ٻه سال حڪومت ڪئي.

محمد يوسف خان: اسد خان جي برطرفي ڪانپوءِ محمد يوسف خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1045هه کان 1046هه تائين هڪ سال راڄ ڪيو.

محمد خان: محمد يوسف خان جي وڃڻ ڪانپوءِ محمد خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1046هه کان 1048هه تائين ٻه سال حڪومت ڪئي.

شاهه قلي خان: محمد خان جي معزولي ڪانپوءِ شاهه قلي خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1048هه کان 1049هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

سيدجادن: شاهه قلي خان جي معزولي ڪانپوءِ سيد جادن کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1049هه کان 1050هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

التفات بيگ: سيد جادن جي موقوفي ڪانپوءِ التفات بيگ کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1050هه کان 1051هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

محمد زمان خان: الفتات بيگ جي برطرفي ڪانپوءِ محمد زمان خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1051هه کان 1052هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

خواجه لطف: محمد زمان خان جي وڃڻ ڪانپوءِ خواجه لطف کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1052هه کان 1058هه تائين ڇهه سال حڪومت ڪئي.

نواب خواجگي خان: خواجه لطف جي معزولي ڪانپوءِ نواب خواجگي خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1058هه کان 1061هه تائين ٽي سال راڄ ڪيو.

شيخ احمد: نواب خواجگي خان جي وڃڻ ڪانپوءِ شيخ احمد کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1061هه کان 1062هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

مرزا لعل بيگ: شيخ احمد جي معزولي ڪانپوءِ مرزا لعل بيگ کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1062هه کان 1065هه تائين ٽي سال حڪومت ڪئي.

خواجه عبدالواحد: مرزا لعل بيگ جي وڃڻ ڪانپوءِ خواجه عبدالواحد کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1065هه کان 1066هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

خواجه محمد شريف: خواجه عبدالواحد جي معزولي ڪانپوءِ خواجه محمد شريف کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1066هه کان 1068هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

باقر خان: خواجه محمد شريف جي برطرفي کان بعد باقر خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1068هه کان 1069هه



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ايم اين اي مير منور ٽالپر سان گڏ
جمڙائو واهه جي پاڙيءَ جي سطح جو معائنو ڪرڻ دوران ڳالهائيندي



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه قائد اعظم محمد علي جناح جي مزار تي
مهمانن جي ڪتاب تي پنهنجا تاثرات لکندي.




پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان گڏ
سرڪاري اسڪول ۾ رليف ڪيمپ جو دورو ڪندي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه
ڊي سي آفيس ۾ ٻوڏ متاثر ماڻهن سان ملاقات ڪري رهيو آهي.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ قائد اعظم محمد علي جناح جي مزار تي
اسڪولي ٻارن سان ملاقات ڪندي.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ ٻوڏ متاثر ماڻهن لاءِ واپڊا ـ اسڪارپ اسڪول ۾ لڳايل
ميڊيڪل ڪيمپ ۾ عورت ڊاڪٽر سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيو آهي.



سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي منصور احمد راجپوت (ڊائريڪٽر انفارميشن) جشن آزاديءَ جي موقعي تي اطلاعات کاتي پاران شايع ٿيل خاص اشاعت پيش ڪندي. وقتي گورنر آغا سراج دراني پڻ ان موقعي تي موجود آهي.



تعليم ۽ ثقافت جي وزير سيد سردار علي شاهه کي منصور احمد راجپوت (ڊائريڪٽر انفارميشن) جشن آزاديءَ جي موقعي تي اطلاعات کاتي پاران شايع ٿيل خاص اشاعت پيش ڪندي.

تائين هڪ سال حڪومت ڪئي. هن دور ۾ شهنشاهه شاهه جهان 1658ع ۾ وفات ڪئي ۽ دهلي جي تخت تي شهنشاهه اورنگزيب عالمگير رونق افروز ٿيو جنهن (1658ع کان 1707ع) تائين 49 سال حڪومت ڪئي.

عهد عالمگيري ۾ عبدالله خان: باقر خان جي وڃڻ کانپوءِ عبدالله خان بکر جو گورنر مقرر ٿيو. هن 1069هه کان 1070هه تائين هڪ سال حڪومت ڪئي.

خنجر خان: عبدالله خان جي معزولي کانپوءِ خنجر خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1070هه ۾ ڪجهه مهينا حڪومت ڪئي.

شيخ ابراهيم: خنجر خان جي موقوفي کانپوءِ شيخ ابراهيم کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1070هه کان 1071هه قريبن هڪ سال حڪومت هلائي. سيد عزت خان: شيخ ابراهيم جي سبڪدوشي کانپوءِ سيد عزت خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1071هه کان 1074هه تائين ٽي سال حڪومت ڪئي.

سيد غلام مصطفيٰ خان: سيد عزت خان جي معزولي کانپوءِ سيد غلام مصطفيٰ خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1074هه کان 1078هه تائين چار سال راڄ ڪيو.

سيد مير يعقوب خان: سيد غلام مصطفيٰ خان جي وڃڻ کانپوءِ سيد مير يعقوب خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1078هه کان 1081هه تائين ٽي سال راڄ ڪيو.

صادق علي خان: سيد مير يعقوب خان جي معزولي کان بعد صادق علي خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1081هه کان 1085هه تائين چار سال حڪومت ڪئي.

خدا يار خان: صادق علي خان جي موقوفي کانپوءِ خدا يار خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1085هه کان 1087هه تائين ٻه سال حڪومت ڪئي.

مير محمد اڪرم: خدا يار خان جي وڃڻ کانپوءِ مير محمد اڪرم کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1087هه کان 1090هه تائين ٽي سال حڪومت ڪئي.

محبت خان: (مرات دولت عباسيه جي بيان مطابق) مير محمد اڪرم کان پوءِ محبت خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1090هه کان 1099هه تائين 8 سال حڪومت ڪئي.

مير يعقوب خان: محبت خان جي معزولي کانپوءِ مير يعقوب خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1098هه کان 1103هه تائين پنج سال حڪومت هلائي.

الهيار خان: مير محمد يعقوب خان جي وڃڻ کانپوءِ الهيار خان کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. هن 1103هه کان 1111هه (1700ع) تائين اٺ سال حڪومت ڪئي.

ميان يار محمد(خدا يار خان): سن 1111هه مطابق 1700ع ۾ شهزادي معزالدين جي سفارش سان ميان يار محمد کي خدا يار خان جو لقب دهلي دربار ۾ حاصل ٿيو ۽ بکر ۽ سيوهڻ جي نظامت جو پروانو بہ ڪيس عطا ڪيو ويو. هن طرح بکر تان مغل حڪومت جو قبضو ختم ٿي ويو. هن دور ۾ اورنگزيب عالمگير سن 1707ع مطابق 1118هه ۾ وفات ڪئي ۽ دهلي جي تخت تي بهادر شاهه (1707ع _1712ع) دهلي جي تخت تي ويهي حڪومت ڪئي. بهادر شاهه سن 1712ع مطابق 1123هه ۾ وفات ڪئي ۽ دهلي جي تخت تي شهزادو معزالدين "جهاندار شاهه" 1712ع کان 1713ع تائين حڪومت ڪئي. ان کان بعد فرخ سير سن 1713ع کان 1719ع تائين دهلي جي تخت تي حڪومت ڪئي. فرخ سير سن 1131هه مطابق 1719ع ۾ وفات ڪئي ۽ محمد شاهه 1719ع ۾ دهلي جي تخت تي ويٺو. هن 29 سال حڪومت ڪري 1748ع مطابق 1159هه ۾ وفات ڪئي.

ميان يار محمد 1719ع مطابق 1131هه ۾ محمد شاهه جي تخت نشيني کان اڳ ۾ وفات ڪئي. (تاريخ ڪلهوڙا دور جلد 1ص. ۽ سنڌ جي گاديءَ تي ميان نور محمد ڪلهوڙو 1131هه ۾ رونق افروز ٿيو.)

مير محمد اڪرم: ميان نور محمد بکر تي پنهنجي حڪومت طرفان گورنر مقرر ڪيو. سن 1754ع تائين سنڌ ميان نور محمد جي هٿ هيٺ رهي. سن 1755ع (1168هه) ۾ احمد شاهه ابدالي سنڌ تي ڪاهه ڪئي. ابدالي روجهان کان بکر تائين وارو سمورو علائقو افغانستان سان ملائي ڇڏيو. ابدالي هن علائقي جي گادي جو هنڌ شڪارپور ۾ قائم ڪيو هن طرح بکر جي تخت گاهه جي حيثيت ختم ٿي ويئي. شڪارپور جي تخت گاهه تي افغان حڪومت طرفان پنجتيهه گورنر ميا ٿيا. شڪارپور جو پويون گورنر نواب منصور علي خان هو. مير ڪرم علي خان ٽالپر 1244هه مطابق 1824ع ۾ شڪارپور تي لشڪر ڪشي جو حڪم ڏنو. ٽالپري فوج نواب ولي محمد خان لغاري جي اڳواڻي ۾ شڪارپور پهتي. نواب منصور علي خان

شڪارپور جي اٺن دروازن جون ڪنجون نواب ولي محمد خان لغاري جي حواليڪيون ۽ پاڻ افغانستان هليو ويو. ٽالپرن جي زماني ۾ بکر مير رستم خان جي قبضي ۾ رهيو.

سن 1838ع ۾ سر اليگزينڊر برنس، مير رستم خان کان بکر جو قبضو هڪ عهدنامي جي صورت ۾ ڪسيورتو. سن 1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ سنڌ جي گادي جو هنڌ ڪراچي ۾ قائم ڪيو ويو.

سنڌ جو هيءُ قديم شهر اڄ اجڙيل ۽ ويرانيءَ ۾ ويڙهيل، مٽيءَ جي ڍڙن جي حالت ۾ خوف ۽ دهشت جي ڏيکاري ڏيئي رهيو آهي ۽ پنهنجي پراڻي عظمت جي ڀڙل ستاري تي نوحه خوان آهي. مروريءِ ايام ناپائداري جو هيءُ به هڪ لافاني مثال آهي.

بکر جي علمي محفل:

بکر بنيادي طرح هڪ تاريخي شهر هو جتي برهمڻ گهراڻي جي عهد حڪومت 632ع کان انگريزن جي اوائلي دور 1838ع تائين 1206 سالن جو طويل عرصو نه فقط فوجي قلعه جي حيثيت سان مشهور هو پر ان سان گڏ هڪ ڊگهي عرصي تائين سنڌ جي تخت گاهه جي حيثيت ۾ تاريخي برتري به رکندو آيو. بکر جي حڪومت ڪيترين صدين تائين قائم رهي آهي، سنڌ جي دارالسلطنت جي صورت ۾ وقت جي حاڪمن ۽ حڪمرانن جي دائمي رهائش سبب علمي محفل به سدائين سينگاريل هئي.

سنڌجي علمي مرڪزن مان بکر جي عظمت هڪ تاريخي مثال هئي. وقت جي عالمن، بزرگن، صوفياءِ ڪرام عارف ۽ باڪمال اوليائن بکر جي سرزمين کي ظاهري خواهه باطني فيض جو سرچشمو بڻائي ڇڏيو. جتان هزارين سائل روحانيت جي فيض سان سيراب ٿيندا رهيا. هتي ڪيترين صدين تائين توحيد ۽ رسالت جو درس جاري رهيو. جتان مشرق ۽ مغرب جا طالب العلم علمي بصيرت سان نوازيا ويندا هئا. جتي معرفت الاهي جون قنديلون روشن هيون. جتان پٽيڪل انسانن کي راهه راست جي روشني نصيب ٿيندي هئي. انساني زندگي جي حقيقي مقصد جي مڪمل تعليم سان گڏ علم، هنر ۽ فن جو به خاص مرڪز هو. هن شهر پنهنجي زماني ۾ عظيم هستيون پيدا ڪيون. جن هر شعبهءِ حيات ۾ اهم تبديليون آنديون. هن مڪتبهءِ فڪر مان جيڪڏهن حڪمران، حڪيم، فيلسوف، مورخ ۽ سياح پيدا ٿيا ته انهن سان گڏ جيد عالم، اڪابر، صوفي، اولياءَ، بزرگ، شيخ الاسلام، قاضي القضات ۽ وقت جا امام به پيدا ڪيا. جن پنهنجي خداداد قابليت، اعليٰ ذهانت ۽ علمي استعداد جو مظاهرو ڪري پنهنجوءِ پنهنجي شهر جو نالو روش ڪيو.

بکر ڇهين صدي هجري کان ٻارهين صدي هجري تائين ڇهه سئو سالن جو طويل عرصو عروج ۽ ڪمال جو تاريخي خصلت سان گذاريو. انهن عظيم انسانن جي وجود سعيد سان بکر اشرف تمام جو مرتبو حاصل ڪيو.

محمد بن قاسم ثقفي سن 94هه (712ع) ۾ سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ الرور ۽ بغرور (اروڙ ۽ بکر) لاءِ ثقفي خاندان جي هڪ مقتدر عالم موسيٰ يعقوب ثقفي کي قاضي مقرر ڪيو. هن خاندان مان پشت به پشت "قضا" جي مسند تي سندن موروثي حق رهندو آيو. "قاضي القضات جو هيءُ ورثو 613هه تائين ثقفي خاندان جي بزرگن ڪي نظر اچي ٿو. جيڪي ان وقت بکر ۾ مقيم هئا. جن متعلق اڪثر مورخين متفق راءِ آهن ته "ناصر الدين قباچه جي حڪومت (602هه-625هه) ۾ سنڌ ۽ ملتان سندس هٿ ۾ هئا ۽ گادي جو هنڌ اُچ هو جتي ناصرالدين قباچه جي دربار ۾ وڏا وڏا جيد عالم، اڪابر صوفي بزرگ، مورخ، اهل الله ۽ ٻين ڪيترن علوم و فنون جا ماهر موجودهئا. انهن علمي ستارن مان مورخ علي بن حامد بن ابوبڪر ڪوفي جو نالو قابل ذڪر آهي. جنهن سان 613هه ۾ الور ۽ بکر جي هڪ ڏتڙيل عرب خاندان جي بزرگن سان بکر جي قاضي، قاضي اسماعيل بن علي بن محمد کي روبرو ڏٺو جنهن وٽان هڪ عربي تاريخ "منهاج المسالڪ" (تاريخ السند والهند) هٿ ڪري اُچ شريف ۾ ويهي ان جو فارسي ۾ ترجمو ڪيائين ۽ ان جو نالو چچ نامه رکيائين. هن بيان مان ظاهر آهي ته بکر ۾ قضا جي مسند تي ثقفي خاندان جا بزرگ سلطان شمس الدين التمش جي زماني تائين موجود هئا. يعني بکر جي قضا جي مسند تي ثقفي خاندان 94هه کان 633هه (التمش جي دور تائين) تائين 540 سال رهيو. ثقفي خاندان جي پوين بزرگن جو احوال ملي نٿو سگهي ته بکر جي قضا جي مسند تي پوين ثقفي قاضي ڪير هوا! تنهن ڪري قاضي اسماعيل بن علي بن محمد طائي الثقفي جي نالي تي اڪتفا ڪجي ٿي.

حضرت نوح بکري رحه: بکر جي مبارڪ سرزمين جو رهاڪو هو سندس زمانو ڇهين صدي هجري جو آهي. هيءُ بزرگ "سهروردي طريقت" ۾ حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جو هدايت وارو مريد هو. جڏهن حضرت غوث العالم مخدوم بهاوالدين

ذڪريا ملتاني رحہ حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي رحہ ڪان فيض حاصل ڪري خلافت جو خرقو ڍڪي اجازت ورتي تڏهن مرشد ڪيس حڪم فرمايو تہ سنڌ جي فرشتہ (بکر) شهر ۾ اسان جو هڪ هدايت وارو مريد (حضرت نوح بکري) آهي، ان کي ضرور ڏسندو وڃجان ۽ هن تيل ڏيئو ۽ وٽ پنهنجو آندو هو رڳو روشني جي ضرورت هيس.

(تحفتہ الڪرام جلد 3)

مخدوم صاحب جڏهن بکر ۾ پهتو تڏهن شيخ نوح ان ڪان ٿورو اڳ وفات ڪري ويو هو. شيخ نوح بکري پنهنجي دور جو اهل الله ۽ اڪابر صوفي بزرگ هو. سندس مزار بکر ۾ ريلوي لائين جي پرسان هڪ ننڍي سائي قبي ۾ واقع آهي. هن بزرگ تقريباً 602ھ ۾ وفات ڪئي. حضرت نوح بکري رحہ جي متعلق ڪجھ غلط روايتون نقل ڪيون ويون آهن. "حضرت غوث بهاوالدين ذڪريا ملتاني جڏهن بکر ۾ آيو تہ شيخ نوح بکري وصال ڪيو هو ۽ سندس جنازي جي نماز حضرت غوث بهاوالدين ذڪريا ملتاني پڙهائي." حضرت نوح بکري، بکر ۾ مدرسي جو بنياد وڌو. اهل سنڌ خواه هند کي اسلامي تعليمات کان واقف ڪرڻ لاءِ باب الاسلام سنڌ ۾ شايد اهو پهريون مدرسو هو.

مذڪوره روايتن جي متعلق ڪا بہ پڪي ثابتي نٿي ملي، مورخن جي بيانن مان ظاهر آهي تہ جڏهن حضرت غوث العالم بهاوالدين ذڪريا ملتاني بکر ۾ پهتو هو تہ ان کان اڳ شيخ نوح بکري فوت ٿي چڪو هو سندس جنازي جي نماز لاءِ ڪنهن بہ مورخ اهڙي تصديق ڪونہ ڏني آهي. (تحفتہ الڪرام جلد 3) حضرت نوح بکري رح ڪان اڳ بکر ۾ ثقفي خاندان جا بزرگ موجود هئا، جن کي قاضي القضات جو موروثي خطاب مليل هو.

سن 94ھ (712) ۾ محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪرڻ ڪان پوءِ موسيٰ بن يعقوب ثقفي کي الور ۽ بکر جو قاضي مقرر ڪيو. هيءُ خاندان بکر ۾ قاضي القضات جي مسند تي سن 633ھ تائين سلطان التمش جي عهد حڪومت تائين 540 سال رهيو. هن خاندان جو پويون عالم قاضي اسماعيل بن علي بن محمد طائي هو جنهن سان "ناصرالدين قباچہ" جي دربار ۾ رهندڙ عرب عالم، علي بن حامد بن ابوبڪر ڪوفي بکر ۾ سن 613ھ ۾ ملاقات ڪئي هئي ۽ ان وٽان عربي تاريخ منهاج المسالڪ هٿ ڪري اُچ ۾ ويهي ان جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو. جنهن جو نالو چچ نامہ رکيائين. تاريخي حقائق مان واضح آهي تہ بکر ۾ ديني مدرسو سن 125ھ جي زماني کان موجود هو جڏهن الور جي ويراني کان پوءِ بکر وڏيڪ آباد ٿيو. بکر جي مدرسي کي حضرت نوح بکري رح ڏانهن منسوب ڪرڻ فقط خوش فهمي آهي. چاڪاڻ تہ حضرت نوح بکري غالبن 602ھ ۾ رحلت ڪئي هئي ۽ ثقفي خاندان جا عالم 633ھ تائين سکر ۾ موجود هئا. حضرت نوح بکري رحہ جي وفات 602ھ جي باري ۾ حضرت غوث العالم بهاوالدين ذڪريا ملتاني جي حالات کي پيٽيو ويو آهي تہ "حضرت شيخ بهاوالدين ذڪريا ملتاني (ولادت 565ھ وفات 666ھ) 37 سالن جي عمر ۾ بغداد پهتو، جتي حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جو مريد ٿيو. ستر ڏينهن مرشد جي خدمت ۾ رهي خلافت جو فرقو ڍڪيائين ۽ ان کانپوءِ مرشد کان اجازت وٺي ملتان ڏانهن روانو ٿيو." موٽي اچڻ تي "مرشد جي حڪم موجب فرشتہ (بکر) ۾ حضرت نوح بکري جي ملاقات لاءِ آيو مگر حضرت نوح بکري اڳ ۾ ئي فوت ٿي چڪو هو." حضرت غوث العالم بهاوالدين ذڪريا ملتاني بکر ۾ 602ھ ۾ آيو هو. انهن ڏينهن ۾ حضرت نوح رحلت ڪري ويو هو جنهن مان يقيني طور قبول ڪري سگهجي ٿو تہ حضرت نوح بکري سن 602ھ ۾ رحلت ڪئي هئي.

سيد محمد مڪي رح (المتوفي 644ھ) برصغير هند و پاڪ جي رضويہ خاندان جو مورث۔اعليٰ حضرت سيد محمد بن سيد شجاع مشهد مقدسجو رهاڪو هو. سيد شجاع حج ارادي سان سير و سفر ڪندو بغداد پهتو جتي حضرت شيخ شهاب الدين سهروردي جو مريد ٿيو. ڪجھ وقت رهڻ کانپوءِ مرشد جي معصوم نياڻي سان شادي (نڪاح) ڪري مڪي معظم هليو ويو. جتي کيس سيد محمد مڪي تولد ٿيو. ڪجھ زمانو حرمين شريف ۾ رهڻ کانپوءِ واپس مشهد مقدس پهتو. ڪجھ ڏينهن کانپوءِ حضرت شجاع رحلت ڪري ويو ۽ کيس امام علي موسيٰ رضا عليہ السلام جي مقبري ۾ دفن ڪيو ويو. ڪجھ سالن کانپوءِ سيد محمد مڪي رح ٽيھ هزار ساٿين سان گڏ تقريبن 625ھ ۾ "سلطان التمش" جي عهد حڪومت ۾ بکر ۾ آيو. هن بزرگ 644ھ ۾ رحلت ڪئي، سندس مزار سکر ۾ ڪليڪٽري جي هيٺان واقف آهي.

سيد صدرالدين خطيب: (المتوفي 669ھ) هيءُ بزرگ سيد محمد مڪي رضوي بکري جو فرزند هو. زماني جي مشائخن جو سردار، جملي برڪتن جو جامع ۽ سيدن جو ناز هو. سندس اولاد سنڌ ۾ پکڙيل آهي. حال ۽ قال

جو بزرگ هو سندس بزرگي متعلق سندس مرتبو اعليٰ درجي جو هو.

سيد بدرالدين رضوي بکري: (المتوفي 680ھ): سيد بدرالدين بن سيد صدرالدين خطيب بن سيد محمد مڪي بکري ح بکر ۾ پيدا ٿيو. هڪ وڏو عالم ۽ صوفي بزرگ هو سندس وجود سعيد برڪت ۽ فيض الاهي جي خزانن سان ڀرپور هو. هن بکر ۾ وفات ڪئي، سندس تربت بکر ۾ آهي.

سيد جلال الدين سرخ بخاري: حضرت سيد جلال الدين حسين ڪبير (جنهن کي سيد جلال سرخ بخاري به چوندا آهن) بن سيد ابو موئد علي سن 595ھ ۾ بخارا ۾ پيدا ٿيو. سندس نسب جو سلسلو نائين پيڙهيءَ ۾ امام محمد نقي رضہ سان ملي ٿو. بخارا مان هجرت ڪري بکر ۾ اچي رهيو. ڪجھ وقت کان پوءِ غيبي اشاري ملڻ ڪانپوءِ بکر جي رضوي سادات سيد بدرالدين بن سيد صدرالدين بن سيد محمد مڪيرح جي معصوم نياڻي سان شادي ڪئي. فيض طريقت ۾ حضرتغوث العالم بهاوالدين ذڪريا ملتاني جو مريد هو. پنجاب ۾ "جهنگ سيال" جو شهر تعمير ڪرايائين. اتان حجرت ڪري اُچ شريف ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. جتي وفاتڪري ويو. ڪيس چار فرزند سيد احمد ڪبير، سيد محمد غوث، سيد جعفر ۽ سيد علي هئا.

سيد احمد ڪبير بخاري: سيد احمد ڪبير بن سيد جلال الدين حسين ڪبير، بکر ۾ تولد ٿيو. علوم ۽ تصوف جي تعليم پنهنجي والد بزرگ کان حاصل ڪيائين. پنهنجي دور جو اڪابر صوفي بزرگ ۽ اهل الله هو. بکر کي ڇڏي اُچ شريف ۾ اچي وينو (هيءُ علائقو ان دور ۾ بکر سرڪار جي حد ۾ هو.) هن بزرگ کان هزارين ماڻهن فيض حاصل ڪيو.

سيد علي بن محمد بدرالدين بکري رضوي: (المتوفي 760ھ)

سيد علي بن محمد بدرالدين بن محمد صدرالدين بن سيد محمد مڪي رح بکري 25 شعبان 630ھ ۾ پيدا ٿيو. سندس جاءِ ولادت بکر آهي. ٽيهن سالن جي عمر ۾ ملتان جي سيد شمس الدين حسيني عريضي ۽ حضرت شيخ ابوالفتح رڪن الدين ملتاني کان تصوف ۽ ٻيا علم حاصل ڪري حضرت شيخ منهاج الدين بهاري جي صحبت ۾ رهيو. ٻارهن سال بهار ۾ رهڻ ڪانپوءِ ملتان موٽي آيو. جتي حضرت رڪن الدين ملتاني کان فيض حاصل ڪري خلافت جو خرقو ڍڪيائين. هن صوفي بزرگ اسلام جي اشاعت ۽ تبليغ ۾ وڏي خدمت ڪئي. هن بزرگ 760ھ ۾ "جهانسي" ۾ وفات ڪئي ۽ ڪيس اتي دفن ڪيو ويو. سندس فرزند علي بن علي سن 720ھ ۾ جهانسي ۾ پيدا ٿيو جنهن حضرت علاوالدين جيوري کان فيض حاصل ڪيو. هيءُ هدايت وارو بزرگ 7 ذوالحج 775ھ ۾ وفات ڪري ويو.

سيد شمس الدين رضوي بکري: (المتوفي 785ھ) سيد محمد مڪي رضوي بکري رح جي اولاد مان حال ۽ قال وارو بزرگ هو. هيءُ بزرگ حضرت غوث العالم بهاوالدين ذڪريا ملتاني جو مريد هو. سلطان ناصرالدين محمود بن التمش جي عهد حڪومت (644ھ-664ھ) ۾ "جهانسي" ۾ اچي رهيو. هن سن 785ھ ۾ 125 سالن جي عمر ۾ وفاتڪئي. سندس مزار "جهانسي" ۾ آهي.

سيد حامد بکري بخاري: هيءُ سيد بخارا کان لڏي آيل بخاري سيدن مان آهي، علم عرفان ۾ سندس مرتبو وڏي عظمت وارو هو. بکر ۾ شيخ الاسلام مقرر ٿيو. هن امير ڪبير سيد قطب الدين المدني (حضرت سيد عبدالقادر جيلاني رح جو پاٽيجو هو) جا ملفوظات گڏ ڪيا هئا.

مولانا ظهيرالدين بکري: علامہ ظهير الدين بکري سنڌي پنهنجي دور جو جيد عالم هو. هيءُ بزرگ، حضرت سلطان نظام الدين اولياءُ جو مريد هو. هيءُ سلطان غياث الدين تغلق جو خاص درٻاري ۽ حال محرم هو. .حضرت رڪن الدين ملتاني جي بيعت به ڪئي هئائين. ڪيترو زمانو دهلي ۾ درس ڏيندو رهيو هن جي شاگردن مان حضرت شيخ شمس الدين محمد بن يحيٰ اوڌي (متوفي 747ھ) سندس ڀاءُ علامہ صدرالدين ۽ حضرت خواجہ محمود چراغ دهلوي (757ھ) جا نالا قابل ذڪر آهن. مولانا پنهنجي زماني جو مقتدر عالم ۽ اڪابر صوفي بزرگ هو.

مولانا برهان الدين بکري: علامہ برهان الدين بکري حنفي دنيا جي مقتدر ۽ جيد عالمن مان هڪ هو. فقہ ۽ عربي ادب جو علامہ هو. سلطان علاوالدين خلجي جي زماني ۾ دهلي ۾ درس و تدريس جو ڪم ڪندو رهيو. هيءُ بزرگ انين صدي هجري جو آهي.

امام صدرالدين بکري: امام صدرالدين حنفي بکري پنهنجي وقت جو مجتهد، فقيهه ۽ جيد عالم هو. سن 734ھ ۾ جڏهن محمد ابن بطوط بکر ۾ آيو هو ته بکر جي عالمن سان سندس ملاقات ٿي هئي.

شيخ محمود قطب: هيءُ بزرگ، حضرت مخدوم جلال الدين جهانيان جهان گشت بخاري جو مريد هو علم عرفان جي

آسمان جو قطب هو. گھڻو وقت الور ۾ بہ درس ڏيندو رهيو.

قاضي ستابو: هيءُ بزرگ ثقفي خاندان جي قاضين مان هو. بکر ۾ محتسب مقرر ٿيل هو. پنهنجي وقت جو جليل القدر عالم هو.

قاضي جلال الدين بکري: هيءُ بکر جو واپاري هو. شهنشاهہ اڪبر جي زماني ۾ آگري ۾ درس ڏيندو هو. سندس علمي استعداد کان اڪبر بادشاهہ بہ متاثر ٿيو جنهن ڪري آگري جي قاضي يعقوب جي معزولي ڪانپوءِ آگري جو قاضي مقرر ٿيو. هن حجاز مقدس ۾ رحلت ڪئي.

سيد حسين جلال الدين جهان گشت: (المتوفي 785ع) هيءُ بزرگ بکر جي رضوي سيد بدرالدين بن محمد مکي رح جي ڏوهٽي سيد احمد ڪبير بخاري جو فرزند هو. مخدوم جهانيان انهيءَ ڪري چوندا آهن جو عيد جي ڏينهن حضرت غوث العالم بهاوالدين ذڪريا ملتاني جي روضي تي وڃي عيد جي خرچي گھريائين. آواز آيو تہ خدا تعاليٰ اوهان کي مخدوم جهانيان (سيني جهانن جو مخدوم) بنايو آهي. اوهان جي لاءِ عيد جي خرچي اها ڪافي آهي. شيخ صدرالدين ملتاني جي روضي تي ويا تہ اتان بہ ساڳيو جواب مليو. ان کان بعد مخدوم جهانيان جي لقب سان مشهور ٿيو. هن مديني منوره جي حرم ۾ شيخ المشائخ محدث شيخ عفيف الدين عبدالله العفري کان خلافت جي ٽوپي ۽ تبرڪ جو خرقو پهريو ٻن سالن ڪانپوءِ سلوڪ جي تعليم پوري ڪري، استاد جي حڪم موجب گاذرون پهتو جتي حضرت شيخ الاسلام امين الدين جي پاءُ شيخ امام الدين وٽان وصيت موجب مصلو ۽ ڪينچي سندس حوالي ڪيا ويا. (تاريخ محمدي) ان کان بعد حضرت شيخ رڪن الدين کان فيض برڪت جو خرقو حاصل ڪيو. هن ولي الله سن 785هہ ۾ وفات ڪئي. سندس مزار اُچ شريف ۾ آهي.

قاضي ابو حنيفہ بکري: هيءُ بزرگ پنهنجي دور جو مقتدر (جتندد حنفي عالم هو) سلطان محمد تغلق جي عهد حڪومت (725هہ_752هہ) ۾ بکر جو قاضي مقرر ٿيل هو. جڏهن محمد ابن بطوطہ 734هہ ۾ بکر ۾ آيو هو تہ ساڻس ملاقات ڪئي هئائين. هيءُ سمورو تفصيل ان جي سفر نامہ ۾ موجود آهي.

سيد ابراهيم بکري (برهانپوري) المتوفي 998هہ. هيءُ بزرگ بکر جو رهندڙ هو. تصوف جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ برهانپور جي بزرگ شيخ جلال متو جي خدمت ۾ رهيو ۽ سندس مريد ٿيو. مرشد جي محبت ۾ سڄي حياتي اتي گذاريائين. مرشد جي وفات ڪانپوءِ سندس گاديءَ تي جاءِ نشين ٿيو. هزارين ماڻهو سندن علم ۽ عرفان مان فيضياب ٿيا. هن اڪابر صوفي بزرگ برهانپور ۾ سن 998هہ ۾ وفات ڪئي.

شيخ ابراهيم سنڌي بکري شطاري (برهانپوري) المتوفي: 941هہ. هيءُ بزرگ بکر جو وينل هو. شهنشاهہ همايوني جي دور ۾ برهانپور ۾ اچي رهيو. گجرات جي مجذوب شاهہ منصور سان سندس ملاقاتيون ٿينديون هيون. هن کي غيبي روزينہ پنج سئو رپيا (مظفري سڪو) ملندا هئا. ان دور ۾ سلطان مظفر گجرات جو حاڪم هو. هيءُ روزينہ (ققي السماءِ رزقڪم) غيبي امداد طور ملندو هو ۽ اهو سمورو فقيرن ۽ محتاجن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. هن بزرگ 941هہ ۾ وفات ڪئي. تذڪره نگارن سندس وفات جو سن 913هہ بہ لکيو آهي.

بابا احمد بکري: هيءُ بزرگ بکر جي سرزمين جو اڪابر صوفي بزرگ، اهل الله ۽ خدا رسيده برڪت وارو بزرگ هو. بکر مان نڪري دهلي پهتو. جتي حضرت سيد خواجہ نظام الدين اولياءُ جو مريد ٿيو ۽ خلافت جو خرقو ڏڪيائين ۽ ان ڪانپوءِ احمد آباد اچي رهيو. هيءُ نعلبند جي لقب سان مشهور هو. هيءُ بزرگ نائين صدي هجري جي اوائل ۾ احمد آباد ۾ وفات ڪري ويو. احمد آباد جو بنياد رکڻ وقت 12 بابا صوفي بزرگ موجود هئا، انهن ۾ هيءُ بہ موجود هو.

مير ابوالقاسم بکري "نمڪين" هروي: (المتوفي 1018هہ): هيءُ ملا سبزواري جو فرزند هو شهنشاهہ اڪبر جي دور ۾ ٽي هزاري منصب تي پهتو. پنجاب ۾ ڪيس جاگير ملي هئي، اڪبر بادشاهہ هن جاگير وٽان لنگهيو تہ سبز پاڇيون ۽ نمڪ ڪيس تحفو ڏنو ويو جنهن ڪري ڪيس "نمڪين" ڪوٺيو ويندو هو. سن 1007هہ کان 1009هہ تائين بکر جو گورنر ٿي رهيو. شهنشاهہ جهانگير جي عهد حڪومت ۾ سن 1014هہ ۾ ٻيهر بکر جو گورنر مقرر ٿيو. گورنري ڪانپوءِ بکر جي علائقي ۾ جاگير حاصل ڪري هميشہ لاءِ رهجي ويو. هن سن 1018هہ ۾ وفات ڪئي، سندس مزار روهڙي جي اولهندي پاسي هڪ ٽڪري تي واقع آهي جنهن کي پهريائين "ڪار ماٽري" چوندا هئا. هن جاءِ کي "صفہ صفا" نالو ڏنائين ۽ هن جاءِ کي پنهنجي خاندان جي قبرستان لاءِ مقرر ڪيائين. جنهن کي اڄ ڪلهہ جاهل ماڻهو "ستين جو ٿان" چوندا آهن.

مير ابو البقا بکري: (المتوفي

948ھ) بکر جي ساداتن ۾ هڪ وڏو صوفي بزرگ هو. پنهنجي فقيراڻي انداز سان گذاريندو هو. شهنشاهه همايون معزولي جي وقت جڏهن بکر ۾ آيو تڏهن هن صوفي بزرگ سان ملڻ لاءِ آيو. جڏهن اها خبر شاهه حسين ارغون کي پهتي تڏهن هن درويش سادات تي تير وسايا ويا ۽ هن طرح بزرگ 948ھ ۾ شهيد ٿيو. هڪ ٻي روايت ۾ چيو وڃي ٿو ته هيءُ بزرگ لاهور ۾ به شهنشاهه همايون سان گڏ هو. شهنشاهه جڏهن ٻيرلوءِ ۾ منزل انداز ٿيو ته مرزا يادگار ناصر ڪانئس ناراض ٿي قنڌار وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. همايون هن سيد بزرگ کي مرزا يادگار ناصر کي سمجهائڻ لاءِ روانو ڪيو. جڏهن درياهه اڪري رهيو هو ته بکر جي قلعه دارن متس تير وسائي شهيد ڪري ڇڏيو هيءُ بزرگ اصل سمرقند جو هو.

سيد جهانگير هاشمي بکري: (المتوفي 946ھ)هيءُ بزرگ مرزا شاهه حسن ارغون جي دور ۾ خراسان مان هجرت ڪري بکر ۾ اچي رهيو. هيءُ بزرگ شاهه طيب جي اولاد مان هو. فصيح، بليغ ۽ شاعر هو. حجاز مقدس جي سفر دوران ڪيچ مڪران جي رستي ۾ شهيد ٿي ويو.

شاهه قطب الدين محمد بکري (المتوفي 977ھ) هيءُ بزرگ خراسان جي ساداتن مان هو سندس والد بزرگ شاهه محمود بن شاهه طيب، ترڪماني فساد ڪانپوءِ بکر ۾ اچي رهيو. پنهنجي دور جو جليل القدر عالم هو. مرزا شاهه حسين ارغون کيس بکر جو شيخ الاسلام مقرر ڪيو. سندس وفات هڪ لفظ ”واعظ“ مان نڪري ٿي.

سيد اميرابوسعيد پوراني (المتوفي 923ھ) سيد ميرڪ ابو سعيد پوراني سبزواري عرب شاهي ساداتن مان هو. سندس والد بزرگ جو نالو امير علي شاهه هو. هيءُ حضرت شيخ جلال الدين بايزيد پوراني جو حقيقي ڏوهٽو آهي. سبزوار کان هجرت ڪري قنڌار ۾ آيو. جتان شاهه بيگ ارغون سان گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ بکر ۾ اچي مقيم ٿيو ان کان بعد سکر ۾ رهيو. علم ۽ عرفان ۾ سندس مرتبو اعلىٰ هو. عظيم صفتن جو مالڪ هو مرزا شاهه بيگ سندس معتقد هو. هن بزرگ سن 923ھ ۾ رحلت ڪئي.

سيد بايزيد الحسيني ميرڪ پوراني:(المتوفي 992ھ): بن سيد امير ابو سعيد ميرڪ پوراني، قنڌار کان هجرت وقت پنهنجي والد بزرگ سان گڏ هو. علمي ڪمالات ۾ وڏي درجي وارو بزرگ هو. مرزا شاهه بيگ ارغون هن کي بکر جو شيخ الاسلام مقرر ڪيو. هي بزرگ حنفي سني مذهب جو هو پر هن وقت سکر جو ميرڪي سيد شيعا آهن.

سيد شيخ محمود ميرڪ پوراني: (المتوفي 962ھ) هيءُ بزرگ سعيد ميرڪ پوراني ۽ سيد بايزيد الحسيني ميرڪ جو پاءُ آهي. قنڌار کان هجرت وقت ساڻن گڏ هو. هن بکر جي رعڪس ٽتي ۾ سڪونت اختيار ڪئي. نهايت فضيلت، سخا، زهد ۽ تقويٰ وارو بزرگ هو. ڪيترن ئي سالن تائين ٺٽي ۾ شيخ الاسلام جي عهدي تي رهيو. تنهن هوندي به درس و تدريس جو علمي فيض جاري رکيائين. هن محرم 926ھ ۾ وفات ڪئي. اها تاريخ هڪ ڪتبي ”رفت ميرڪ آه! آه!“ مان نڪري ٿي. پنهنجي پنيان ٽي فرزند ميرڪ مير محمد، ميرڪ عبدالباقي ۽ ميرڪ عبدالرحمان ڇڏي ويو.

قاضي قاضن (قادن): المتوفي 958ھ: قاضي قاضن بن ابو سعيد بکري پنهنجي وقت جو جيد عالم، اڪابر صوفي بزرگ هو. قرآن شريف جو حافظ ۽ علم قرات جو ڄاڻو هو. تفسير ۽ حديث تعويذات ۽ انشا ۾ وڏي مهارت رکندو هو. طريقت ۾ سيد محمد مهدي جونپوري جو مريد هو. ڄام نظام الدين (ڄام ننڊو) جي وقت ۾ بکر جو گورنر مقرر ٿيو. سن 914ھ ۾ ارغونن جي ڪاهه وقت بکر جو قبضو ارغونن جي حوالي ڪيائين. مرزا شاهه حسن ارغون هن کي بکر جو قاضي مقرر ڪيو. پوئين حياتيءَ ۾ هيءُ عهدو پنهنجي پاءُ قاضي نصرالله جي حوالي ڪيائين. قاضي قاضن وڏي عمر ۾ سن 958ھ ۾ وفات ڪئي. (ڪن مضمون نگارن سندسوفات 953ھ لکي آهي. جا بلڪل غلط آهي.)

قاضي ابوالخير: بکر جي قديم بزرگن مان هو هيءُ مخدوم فضل الله جو فرزند هو. قاضي قاضن جو پڙڏاڏو هو. حال ۽ قال وارو بزرگ هو. سڄي حياتي بکر ۾ گذاريائين ۽ وفات به بکر ۾ ڪري ويو.

قاضي زين الدين بکري: هيءُ بزرگ بکر جو رهندڙ هو. قاضي قاضن جو حقيقي ڏاڏو آهي. وڏي فضليت ۽ حال جو صاحب هو.

قاضي ابوسعيد بکري: هيءُ بکر جو رهندڙ هو. نهايت فضليت ۽ حاضر جوابي ۾ مشهور هو. هيءُ بزرگ قاضي قاضن جو والد هو.

قاضي نصرالله بکري: هيءُ بزرگ قاضي ابوسعيد جو فرزند ۽ قاضي قاضن جو پاءُ هو.ظاهري خواه معنوي ڪماليت سان سينگاريل هو. وڏن جي نقش قدم تي هلندو آيو. سموري زندگي عزت ۽ ناموري سان گذاريائين.

مير غياث الدين محمد: مير غياث الدين محمد عرف سلطان رضائي العريضي سبزواري، حبيب السير جي مصنف خواند مير جو پوٽو ۽ سلطان جنيد صفوي جو ڏوهٽو هو. شاهه بيگ ارغون جو مقرب هو. هن سان گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ بکر ۾ رهجي ويو.

مير ابوالمڪارم بکري: (المتوفي 937هه) هيءُ بزرگ مير غياث الدين محمد جو فرزند هو. پهريائين مرزا شاهه حسن ارغون ۽ بعد ۾ سلطان محمود بکري جي اميرن ۾ داخل هو. فصاحت ۽ بلاغت ۾ مشهور هو ۽ اعليٰ اخلاقن سان سينگاريل هو.

قاضي معروف بکري: جام سنجر سمي جي عهد حڪومت ۾ بکر جو قاضي هو. پنهنجي دور جو عالم، فاضل، صالح ۽ متقي هو. نازڪ مزاج ۽ خوش طبع هو. هن پنهنجي سياڻپ سان ملازمن جون پگهارون وڌايون.

سيد مير ابوالغيث بکري: بکر جي عظيم شخصيت مير ابوالغيث تقويٰ ۽ پرهيزگاري جي صفتن سان سينگاريل هو. سن 801هه (1398ع) ۾ امير تيمور گورگاني جي پوٽي مرزا پير محمد اُچ ۽ ملتان فتح ڪرڻ کانپوءِ جڏهن بکر تي ڪاهه ڪرڻ لاءِ تياري ڪئي تڏهن هن سيد، حضور پاڪ عليه السلام جي درگاهه ۾ آبرو جي التجا ڪئي. انهيءَ رات مرزا کي حضور اڪرم عليه السلام جي زيارت نصيب ٿي ۽ کيس خواب ۾ بکر جي سيدن سان عزت ۽ احترام سان هلڻ جي هدايت ملي. جڏهن مير ابوالغيث مرزا پير محمد سان مليو تڏهن ان جي تواضح ڪرڻ لڳو. پنهنجي پر ۾ ويهاري خواب جو ذڪر ڪيائين. موڪلائڻ وقت اروڙ جو پرڳڻو کيس انعام ڏنائين.

سيد صفائي بکري: (المتوفي 991هه) سيد صفا اولترمذي) جو اصل نسل ترمذ (بخارا) جي سادات خاندان مان هو. هيءُ خاندان بخارا مان هجرت ڪري قنڌار ۾ اچي رهيو. سيد صفا شيرين بابا ابن بابا حسن ابدال سبزواري جي معصومه سان شادي ڪئي ۽ ان کان بعد بکر ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. سلطان محمود بکري جي عهد حڪومت ۾ بکر جو شيخ الاسلام مقرر ٿيو.

شيخ محمد اچي (بکري) قاضي شيخ محمد اصل ملتان جو رهاڪو هو. جتان آب داڻي ڪيس بکر ۾ رهائي ڇڏيو. پنهنجي دور جو جيد عالم هو. سندس علمي ڪمال کي ڏسي جام نظام الدين (جام ننڊو) هن کي ٺٽي جو قاضي مقرر ڪيو.

مير محمد يونس ارغون: هيءُ پهريائين شهنشاهه همايون جي خدمت ۾ رهيو ان کانپوءِ مرزا شاهه حسن ارغون پاران عملدار مقرر ٿيو. شاهه حسن جي وفات کانپوءِ سلطان محمود بکري جي نوڪري ۾ رهيو. هن سن 985هه ۾ وفات ڪئي.

قاضي عالم بکري: هيءُ بزرگ پنهنجي وقت جو ظاهري ۽ باطني عالم ۽ فيض جو گهر هو. سندس روحاني ڪمالات مشهور آهن.

سيد ڪمال الدين بخاري بکري: هيءُ بزرگ سيد جلال الدين سرخ بخاري جي خاندان مان هو. هيءُ شيخ نوح بکري جو همعصر هو. ابتدائي تعليم بکر ۾ حاصل ڪري بغداد جي شيخ شهاب الدين سهروردي جو مريد ٿيو ۽ اتان خلافت جو خرقو ڏڪيائين. هن بزرگ جي مزار سکر ۾ ريلوي اسٽيشن کان اوير طرف هڪ ٽڪري تي واقع آهي.

سيد ناصر الدين: بکر جي ساداتن مان سيد ناصرالدين بن سيد نظام الدين فيض فقيري سان سرشار هو. راڳ ۽ سماع سان شوق رکندو هو.

سيد رڪن الدين: سيد رڪن الدين بن سيد ناصرالدين حال ۽ قال جو بزرگ هو. هن فيض فقيريءَ ۾ پنهنجي حياتي گذاري.

سلطان محمود بکري: (المتوفي 982هه) سلطان محمود بن مير فاضل ڪوڪلتاس بن خواجه عادل بن خواجه احمد اصفهاني، شاهه بيگ ارغون سان گڏجي سنڌ ۾ آيو. هن کي بکر جو گورنر مقرر ڪيو ويو. ارغونن جي حڪومت کان پوءِ بکر جو خودمختيار حاڪم ٿيو. هيءُ سخي ۽ نيڪ بخت حاڪم هو. قرآن شريف جي تلاوت گهڻي ڪندو هو. علم ادب جو شوقن هو.

امين الملڪ نواب مير محمد معصوم بکري: (المتوفي 1014هه) مير محمد معصوم بن سيد صفائي تاريخ 7 رمضان المبارڪ 944هه مطابق 7 فيبروري 1528ع ۾ پيدا ٿيو. مير محمد معصوم پنهنجي دور جو عالم، اديب، شاعر، مورخ، سپاهي، سياستدان، امير ۽ نواب هو. شعر و شاعريءَ ۾ پنهنجو تخلص "نامي" استعمال ڪندو هو. سندس مطبوعات ۾ پنج گنج جنهن ۾ پنج مثنويون معدن الافڪار، حسن و ناز، اڪبر نامه، راي و صورت ۽ خمسه متحيره شامل آهن. طب نامي تاريخ سنڌ (جنهن کي تاريخ معصومي چيو وڃي ٿو) دواوين غزلن جا ٻه ديوان آهن. جيڪي سن 1013ع تائين مير معصوم نامي مرتب ڪيا هئا. جن ۾ پنج هزار بيت آهن (سوانح حيات مير محمد معصوم بکري ص

328 سيد حسام الدين راشدي مطبوعہ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1979ع "ساقي نامہ" معمہ، ديوان رباعيات وغيره قابل ذڪر آهن. مير محمد معصوم جي نالي متعلق سيد حسام الدين راشدي پنهنجي ڪتاب "سوانح مير محمد معصوم بکري مطبوع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1979ع ۾ تحقيق ڪئي آهي ۽ سپني اعتراضن ۽ غلط فهمين جي ترديد ڪئي آهي. "مير" لفظ جي باري ۾ مذڪوره ڪتاب جي ص 101 تي لکيل آهي تہ "هندستاني دستور موجب نالي سان مير لفظ جو الحاق ٿيو آهي، نظام الدين نالي جي متعلق ص 101 تي وضاحت ڪندي لکيو ويو آهي تہ امير، نواب، نظام الدين ڪنهن بہ تاريخ ۾ مرقوم نہ آهي. تذڪره نويسن ڪيس مير محمد معصوم لکيو آهي. بہ حوالہ ذخيره ص 200، ماثرالامراءِ جلد 3 ص 325، اڪبر نامہ جلد 2-3 ص 836. تقي الدين ڪاشي ايراني هن کي امين الملڪ امير محمد معصوم نواب لکيو آهي. مير محمد معصوم کي امين الملڪ (امين عهدو ۽ امين الملڪ خطاب آهي) جو خطاب سفارت وقت شهنشاهہ اڪبر طرفان مليو هو. جڏهن هو شاهہ عباس صفوي ڏانهن ايران جو سفير ٿي ويو هو. ص 102 خانداني روايتن موجب نظام الدين سندس لقب هو. هيءُ لقب سندس خانداني شجره ۾ موجود آهي. مير محمد معصوم، اڪبر جي دور ۾ بہ سئو پنجاسي جي منصب کي پهتو ڪجهہ وقت مير بخشي جي عهدي تي بہ رهيو. سيوي ۽ بلوچستان جا علائقا بہ فتح ڪيائين. هن 6 ذوالحج 1014هہ ۾ وفات ڪئي. سيد مير محمد معصوم جو سلسلءِ نسب اٺويهن واسطن سان حضرت امام موسيٰ ڪاظم سان سيد حسين زنجير پا سان ملي ٿو." (ص 21)

مير بزرگ: (المتوفي 1044هہ) معصوم سيدن جي مورث اعليٰ سيدمير محمد معصوم بکري جو فرزند هو. سندس علمي دائره وسيع هو. علم ادب ۾ وڏي مهارت رکندو هو. والد بزرگ جي زماني ۾ اڪبر بادشاهہ جي دربار جو چوڪيدار هو. ڪجهہ وقت بخشي جي عهدي تي فائز رهيو حڪومت جي عهدن تان دستبدار ٿي آخري زندگي بکر واري جاگير ۾ اچي رهيو ۽ سن 1044هہ ۾ وفات ڪيائين.

مير محمد ذڪريا: سيد مير بزرگ معصومي جو فرزند هو. حال ۽ قال جو صاحب هو درويش ۽ خدا رسيده بزرگ، علم ۽ عرفان سان سينگاريل ۽ روحاني بصيرت سبب سندس نالو گهڻو مشهور هو. حضرت شاهہ خيرالدين جيلاني سان عقيدت ۽ ارادت سان هلندو هو جنهن ڪري بکر ڇڏي سکر ۾ اچي رهيو ان ڪانپوءِ سندس اولاد بکر جي علائقي جي حد سکر ۾ رهندو آيو.

سيد عبدالباقي ميرڪ بکري: (المتوفي 1016هہ) هيءُ بزرگ سيد بايزيد الحسيني ميرڪ جو فرزند هو. سندس وجود سعيد علم عرفان ۽ الاهي ڪمالات جو سرچشمہ هو. هزارين سائل ۽ عقيدتمند سندس حلقہ ۾ موجود هئا. هندرويش جي خانقاهہ سکر جي پاهران آهي.

مخدوم عبدالباقي: هيءُ بزرگ شاهہ حسن ارغون جي عهد حڪومت ۾ سن 952هہ ۾ استنبول (ترڪي) کان حضور اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن جو وار مبارڪ ڪڻي پهريائين بکر (بعد ۾ روهڙي) ۾ آندو. ان وقت جي مشهور بزرگن مان سيد حيدر حقاني ۽ مخدوم عبدالملڪ هن وار مبارڪ جي زيارت ڪئي. حج جي سعيد موقعي تي ڪيترائي ماڻهو زيارت جي لاءِ هن وقت بہ ايندا رهن ٿا. هن زيارتگاهہ جا مجاور صديقي آهن.

سيد عبدالباقي ميرڪ (1052هہ) سيد عبدالباقي ميرڪ بن سيد شيخ محمود ميرڪ، پنهنجي والد جي وفات ڪانپوءِ ٺٽي جو شيخ الاسلام مقرر ٿيو. ظاهري خواه باطني علمن سان سينگاريل هو. علم حڪمت ۽ هيئت (جاميٽري) جو وڏو ماهر هو. سيد بايزيد الحسيني ميرڪ جو پوٽو هو.

شيخ عبدالوهاب ميرڪ پوراني: (992هہ) هيءُ بزرگ شيخ بايزيد الحسين ميرڪ جو فرزند ۽ سيد شيخ ابو سعيد ميرڪ جو پوٽو هو. سيد شيخ محمود ميرڪ سندس چاچو هو. والد بزرگ بکر ۾ شيخ الاسلام جي عهدي تي فائز هو. سندس اولاد بکر ۾ رهندو آيو. هيءُ بزرگ پنهنجي دور جو جيد عالم ۽ اڪابر صوفي درويش هو. شاهہ بيگ ارغون ۽ شاهہ حسن ارغون جي دربار جو امير ٿي رهيو هو. سندس تضيفات ۾ جامع فتوي پوراني ٺٽي ۽ بکر جي مدرسن ۾ ۽ عدالت ۾ مروج هو. پنهنجي سلف صالحين جي نقش قدم تي هلي 970هہ ۾ رحلت ڪري ويو.

قاضي احمد بکر: قاضي احمد بن قاضي نصرالله بکر جي قاضين مان هو. قاضي قاضن جو پائيٽو هو. پنهنجي دور جو جيد عالم هو. شهنشاهہ اڪبر اعظم جي دربار جو رڪن هو. فتح پور عسڪري ۾ شيخ الاسلام مقرر ڪيو ويو. جتي هن ديني مدرسو کولي درس و تدريس جو ڪم ڪندو رهيو. بادشاهہ جي حڪم سان تاريخ بلاذري ۽ فتوح البدان عربي تاريخن جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. قاضي

موصوف سياست ۾ بہ ماهر هو. جنهن ڪري اڪبر اعظم هن کان راءِ وٺندو هو. قاضي کي ڪنهن نامعلوم شخص شهيد ڪري ڇڏيو.

مير علي شاهہ سبزواري عرب شاهي: هيءُ بزرگ سبزواري ميرڪ سيد خاندان مان هو. هن برگزيده بزرگ سيد شيخ جلال الدين بايزيد جي معصومہ سان شادي ڪئي. جنهن مان سيد ابوسعيد ميرڪ پوراني پيدا ٿيو. حال ۽ قال جو بزرگ هو سندس ڳاڻاٽو وقت جي ولي الله عارفن ۾ ٿئي ٿو.

شيخ فريد بکري: بکر جي مشهور قاضي القضاد (چيف جسٽس) معروف بکري جو فرزند هو. ابتدائي تعليم بکر جي عالمن وٽ حاصلڪيائين. شعر و شاعري جي تعليم مير ابوالقاسم نمڪين هروي (بکري) کان حاصل ڪيائين. شهنشاهہ جهانگير جي زماني ۾ پهريائين خان خانان عبدالرحيم خان وٽ رهيو. خان خانان جي وفات وقت موجود هو. سن 1033هہ ۾ جهانگير جي مغليہ بيگم نورالنساءِ (نورجهان) جو ديوان ۾ ڪم ڪار سنڀاليندو هو ۽ ساڻس لاهور ۽ آگرو ۽ اجمير ۾ گهڻو وقت گڏ رهيو. هن نور جهان جي عروج جو زمانو بہ چڱيءَ طرح ڏٺو. ڪجهہ وقت نور جهان جي عزيزن ۽ قريبن ۾ پگهارن تقسيم ڪرڻ جو ڪم بہ ڪيو. سن 1037هہ ۾ احمد آباد (گجرات) جو ڪليڪٽر ٿي رهيو. محصولات اوڳاڙڻ جو ڪم سندس حوالي هو. گهڻو وقت صوبہ برابر جي منصب داريءَ تي فائز رهيو. شهنشاهہ شاهہ جهان جي زماني ۾ آگره جي قلعہ جو نائب مفتي ٿي رهيو. ڪجهہ وقت ڪانپوءِ بکر ۾ موٽي آيو. پنهنجي وقت جو سٺو اديب ۽ عالم هو. هن نواب شائستہ خان (نور جهان جي ڀائٽي) جي فرمائش تي هڪ ڪتاب "ذخيره الخوانين" لکيو هن ڪتاب جي تحرير 1061هہ جي آهي. هن ڪتاب ۾ مغل بادشاهن جو تفصيلي ذڪر آهي. هڪ ٻيو ڪتاب "تحفتہ حضرت شاهجهاني" آهي، جنهن ۾ شهاب الدين شاهجهان جا چشم ديده حالات لکيل آهن. هن سنڌي امير يارهين صدي جي پوئين ڏهي ۾ وفات ڪئي.

ميان آدم شاهہ بکري: (11 صدي) هيءُ ڪلهوڙا خاندان جو مقتدر صوفي بزرگ هو سندس والد جو نالو ميان ڪچن هو. هن جا وڏا اصل لس ٻيلي ۾ رهندا هئا. پاڻ گهڻو وقت ڪيچ مڪران ۾ رهيو. هيءُ بزرگ ٽن واسطن سان سيد ميران محمد مهدي جونپوري جو مريد هو. هڪ واسطي سان شيخ الياس لنگراچہ جو مريد هو. سنڌ ۾ پهريائين لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ڳوٺ هٽڙي ۾ اچي رهيو. جتي سن 999هہ ۾ خان خانان عبدالرحيم خان بہ ساڻس ملاقات ڪئي هئي ۽ ڳوٺ جي زميندار ڪبڙ خان ابڙو جي سفارش سان چانڊڪي پرڳڻي جو وڏو حصو ڪيس لنگر جي خرچ لاءِ جاگير طور مليو. هيءُ مهدوي طريقي جو شيخ هو تنهن هوندي بہ حضرت لال عيسن (حضرت شيخ بهاوالدين ذڪريا ملتاني جي اولاد مان هو) جو مريد ٿيو ميان صاحب جي خلاف شڪايتن جو آواز ڪڙو ٿيو. اڪبري حاڪمن هن کي ملتان ۾ قيد ڪري ڪيس شهيد ڪرائي ڇڏيو. اڪبر جي دور تائين سکر، بکر جي حد ڳڻيو ويندو هو. تنهن ڪري آدم شاهہ کي بہ بکري ڪري ڳڻيو ويو آهي، هن بزرگ جي مزار سکر ۾ هڪ ٽڪري تي واقع آهي. هن سن 1598ع ۾ شهادت ماڻي.

خواجہ سيد محمد چشتي بکري: هيءُ بزرگ حضرت خواجہ مودودو چشتي جي اولادمان هو. اصل قنڌار جي پرڳڻي مستونگ جو رهاڪو هو. مغلن جي دور ۾ مستونگ، قنڌار جو علائقو هو ۽ هن وقت بلوچستان ۾ آهي. (ماثرالامراءِ جلد 1 ص 401 مظهر شاهجهاني فارسي ص 309، 1029هہ) شهنشاهہ شاهجهان سان وفاداري جي عوض ڪيس قنڌار جي گورنري ملي پر جڏهن سنڌ ۾ بکر ۾ پهتو تڏهن مير معصوم بکري جي خاندان مان شادي ڪري ويهي رهيو. گورنري کان فقيري کي پسند ڪري باقي حياتي بکر ۾ گذاريائين. پوئين حياتيءَ ۾ سندس وفات سيت پور ۾ ٿي (سيت پور ضلعي ديري غازي خان ۾ آهي ۽ انهيءَ زماني ۾ بکر جي حد هئي.)

مخدوم روح الله بکري: ميان نور محمد ڪلهوڙو جي عهد حڪومت (1131هہ-1168هہ) ۾ پنهنجي وقت جو معقول ۽ منقول جو جيد عالم هو. زهد، تقويٰ ۽ پرهيز گاري ۾ مشهور هو. مير علي شير قانع ٺٽوي ساڻس محمد آباد ۾ سن 1166 هہ ۾ ملاقات ڪئي هئي. ڪڏهن ڪڏهن شعر و شاعري ڏانهن بہ توجهہ فرمائيندو هو.

سيد مير يعقوب رضوي بکري: هيءُ سيد مير يعقوب خان رضوي جو فرزند هو. پيءُ جي معزولي کانپوءِ بکر جو گورنر مقرر ٿيو. هن 1085هہ کان 1087هہ تائين راڄ ڪيو. پنهنجي وقت جو عالم ۽ برک سياستدان هو.

سيد حيد حقاني: سيد حيدر رضوي حقاني لقب سان مشهور هو. سندس ولادت بکر ۾ ٿي هئي ۽ وفات روهڙيءَ ۾ ڪيائين. جتي سندس مزار زيارت گاهہ آهي.

مير سعيد خان رضوي: سيد حيدر حقاني جي اولاد مان هو. پنهنجي وڏن جي پيرويءَ ۾ حياتي گذاري وفات ڪري ويو.

مير ميران رضوي بکري: بکر جي رضوي ساداتن مان هو. پنهنجي وقت جو روشن ڪرامتن جو مالڪ هو. سندس درگاهه روهڙي شهر ۾ آهي.

شاهه حاجي دريائي: سنڌوندي جي ڪناري تي سندس مزار آهي. هيءُ بزرگ شاهه بهاوالدين جو مريد هو. هن بزرگ جو لاش عرب ملڪ کان لڙهي سکرپهتو هو. هن جو لاش هڪ صندوق ۾ بند هو. جڏهن اها پيتي هڪ نابين کي مڇي ماريندي هٿ آئي ته هن پيتيءَ کي کولي ڏسڻ سان اکين وارو ٿي ويو. کيس خواب ۾ معلوم ٿيو ته هن بزرگ جو نالو شاهه حاجي آهي، پنهنجي مرشد جي پاڙي ۾ آرامي ٿيڻ لاءِ خدا جي قدرت سان پهتو آهي. سندس مزار پنهنجي مرشد جي پير ۾ آهي.

شاهه مقصود "موجود": هيءُ بزرگ گهڻو آڳاٽو آهي ۽ سندس نسل ۽ خاندان جو شجره معلوم ٿي نه سگهيو آهي. هن عارفڪامل جي مزار امرڪس جبل جي ڀئي پاسي آهي، جتي هر آچر ڏينهن عام ماڻهن جو اجتماع گڏ ٿئي ٿو ۽ هر سال ميلو به لڳندو آهي، جتي غيبي بازاريون لڳي وينديون آهن.

حاجي غيب: هيءُ بزرگ شاهه مقصود "موجود" جو ڀاءُ آهي، سندس مزار به ان جي پرسان آهي.

مير جعفر رضوي: ميرجعفر عرف يعقوب خان بن سيد صادق علي خان پنهنجي دور جو جيد عالم ۽ خدا رسيده بزرگ هو. سندس ڪشف و ڪرامات جون ڪيتريون ئي ڳالهيون مشهور آهن.

مير غلام شاهه مرتضيٰ: هيءُ بزرگ سيد مير جعفر رضوي جو صالح فرزند هو. بزرگيءَ ۾ پنهنجن وڏن کان به زياده هو.

مير محمد سعيد: رضوي ساداتن مان سيد غلام شاهه مرتضيٰ جو فرزند هو. هيءُ پنهنجن وڏن جي نقش قدم تي رهي نالو روشن ڪري ويو.

سيد امين شاهه: سيد حيدر حقاني جو پوٽو هو. عارف ڪامل بزرگ ٿي گذريو آهي.

سيد حاجي نور محمد: سيد حيدر حقاني جي اولاد مان اعليٰ صفتن سان سينگاريل ۽ معرفت الاهي سان نوازيل هو.

سيد حاجي عبدالڪريم حڪيم: هيءُ بزرگ سيد حاجي نور محمد جو فرزند هو. ڪجهه وقت ميان غلام شاهه ڪلهوڙو جي ملازمت ۾ رهيو ۽ ان کانپوءِ ميان سرفراز جي ملازمت ۾ رهيو.

سيد مير افضل شاهه: هيءُ بزرگ غازي تراوَ جي اولاد مان هو. پنهنجي وقت جو مشهور مقتدر عالم ۽ بزرگيءَ ۾ اعليٰ مرتبي جو مالڪ هو. سندس خاندان جو تفصيل ملي نه سگهيو آهي.

قاضي محمد فاضل: هيءُ بزرگ بکر جي قاضي القضات جي عهدي تي نائب هو ۽ بعد ۾ خودمختيار قاضي ٿيو. سندس نالو بکر جي فاضل بزرگن ۾ ڳڻيو ويجي ٿو. پنهنجي وقت جو جيد عالم هو.

قاضي عبدالرحمان بکري: هيءُ مقتدر عالم، قاضي محمد فاضل جو فرزند هو. والد جي وفات کانپوءِ بکر جو قاضي مقرر ٿيو.

سيد تاج الدين: بکر جي صحيح النسب ساداتن مان آهي. سيدن جي پڳداري سندس حوالي آهي، جيڪا اڄ تائين سندس اولاد جي سپرد آهي. هيءُ واجب التعظيم نقيب ظاهري خواهه باطني علوم سان سرشار هو.

شيخ مير غورماني (المتوفي 980هه): علم ادب سان گهاٽي دلچسپي رکندو هو. سُر سنگيت جي علم جي ڄاڻ هيس. سلطان محمود بکري جي عهد حڪومت ۾ ٺٽي کان بکر ۾ اچي رهيو. هيءُ بزرگ شيخ رڪن الدين علاوالدين سمناني جي اولاد مان هو ۽ شيخ عبدالوهاب ميرڪ پوراني جو پيڙهيو هو. زندگي جي پوئين زماني ۾ هندستان هليو ويو ۽ وفات ڪيائين.

مولانا عبدالله مفتي: (المتوفي 970هه) هيءُ بزرگ اصل ملتان جو رهاڪو هو جتان هجرت ڪري، بکر ۾ اچي رهيو. ديني علوم جي درس تدريس جي شغل و شغف سان پيوسته رهيو. معقول ۽ منقول جو جيد عالم هو. هن 970هه ۾ بکر ۾ وفات ڪئي.

قاضي دائود: (المتوفي 981هه) هيءُ بزرگ سيوي (سبي) جي گردونواح ۾ ڳوٺ فتح پور جو وينل هو. سلطان محمود بکري جي ابتدائي دور ۾ بکر ۾اچي رهيو. جتي قاضي القضات جي عهدي تي مقرر ٿيو. شرعي مقدمن جا فيصلا پوري پوري ديانتداري ۽ انصاف سان ڪندو هو. پنهنجي دور جو نهايت ديندار، امانت، پرهيزگاري ۽ درويشي جو مالڪ هو. ڪنهن به ڏر ڏانهن لاڙو ۽ چشم پوشي نه ڪندو هو. شريعت ۽ تقوي جو نهايت پابند هو. هن 981هه ۾ بکر ۾ وفات ڪئي.

مولانا قاسم ديوان (المتوفي 977هه) هيءُ هدايت وارو صالح بزرگ مخدوم ميران وٽ تعليم وٺي حضرت مولانا محمود سرخ جي مدرسي ۾ پهتو جتي معقول ۽ منقول جي تعليم وٺي سنڌ ۾ آيو. سلطان محمود بکري جي دور ۾ سيوي (سبي) جي حڪومت تي مقرر

ٿيو. سلطان محمود بکري جو استاد هو. سڀ کي ڇڏي بکر ۾ اچي ديني علوم جي شاعت ۾ مشغول ٿيو هن 977هه ۾ رحلت ڪئي.

سيد حسين اصفهاني: (المتوفي 1122هه) هيءُ بزرگ اصل اصفهان جو ويٺل هو. شهنشاهه اورنگزيب عالمگير جي دور ۾ هندستان آيو ۽ حيدرآباد دکن ۾ اچي رهيو. علمي لياقت سبب کيس شاهي دربار ۾ ملازم مقرر ڪيو ويو ۽ جلد ئي کيس پٽنا جو ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. هن کي خطاب امتياز خان عطا ٿيو. ملازمت جي دور ۾ وڏي ملڪيت ناهي هئائين. اورنگزيب جي وفات کانپوءِ سنڌ ۾ آيو ۽ بکر ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. ان زماني ۾ مير عبدالجليل بلگرامي ڪلهوڙن جي طرفان سرڪاري وقائع نگار هو. هن بزرگ کي ميان يار محمد سون ۽ جواهرات جي لالچ ۾ ڏاڍيلن هٿان سيوهڻ جي لڳ شهيد ڪرائي ڇڏيو. هيءُ بزرگ هن رستي سان حج تي وڃي رهيو هو.

مير اسدالله: مير اسد الله بن مير لطف الله بن مير محمد هاشم اصفهاني، مير هاشم اصفهاني ميان نور محمد جي حڪومت ۾ ملازم هو جنهن خدا آباد ۾ وفات ڪئي. سندس پوٽو مير اسدالله بکر (روهڙي) ۾ رهيو.

ملا اسحاق بکري: علم عرفان جي خوبين ۽ خصلتن سان سينگاريل هو. مير محمد معصوم بکري جو هم سبق هو. هڪ روايت موجب گجرات ۾ خواجه نظام الدين سان منسلڪ رهيو. هيءُ پنهنجي وقت جو عظيم استاد هو. فارسي زبان تي کيس عبور حاصل هو جنهن ڪري کيس شيخ سعدي ۽ مولانا رومي جو وارث چيو ويندو هو. ترخان حاڪم مرزا غازي وقاري جو استاد هو. هيءُ شيخ فريد بکري جو مامون هو ۽ خواجه نظام الدين جو وڪيل مطلق العنان هو.

شيخ ابوالحسن سنڌي بکري (المدني) المتوفي 1139هه: بکر جي سرزمين جو جيد عالم معدث استاد العلماءَ ٿي گذريو آهي. شهنشاهه اڪبر جي عهد حڪومت ۾ بکر مان نڪري حجاز مقدس هليو ويو. جتي هن اڪابر صوفي بزرگ پاڻ کي حديث جي تعليم لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. مدينه منوره ۾ هڪ ديني مدرسو دارالشفا نالي قائم ڪيائين، جتي قاضي حياض جي هڪ ڪتاب "ڪتاب الشفافي حقوق المصطفيٰ" جو روزانو درس ڏنو ويندو هو. هن مدرسي تي به نالو مٿئين ڪتاب جي نسبت سان رکيو ويو. شيخ محدث نبوي حرم پاڪ ۾ ويهي حديث جي ڪتابن جي شرح ۽ تعليقات لکندو هو انهن مان "سنن نسائي"، "سنن ابن ماجه"، "سنن ترمذي" ۽ "سنن ابي دائود" قابل ذڪر آهن. شيخ محدث جو علمي ڪمال هيءُ به آهي ته مسند ابن حنبل (اٺن جلدن ۾ آهي) ان جي شرح ان وقت تائين ڪنهن به ڪونه لکي آهي، انهيءَ جي شرح "پنجاهه جلدن" ۾ تحرير ڪيائين. شيخ موصوف جي شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي، انهن مان شيخ محمد حيات سنڌي (المدني) ۽ حاجي عبدالولي ترخاني ڪشميري جا نالا قابل ذڪر آهن. هن بزرگ 1139هه ۾ مدينه منوره ۾ وفات ڪئي.

مولانا يار محمد: (يار محمد ياري) هيءُ بزرگ سلطان محمود بکري جي حڪومت ۾ سرڪاري ملازم هو. اصل هرات جو رهنڊڙ هو. نهايت فصيح ۽ بليغ هو. هيءُ انشاءَ جي فن ۾ پنهنجي دور جو بي مثال عالم هو. هن سيتپور ۾ وفات ڪئي. هيءُ علائقو ديري غازي خان وارو آهي، جيڪو ان دور ۾ بکر جي حڪومت ۾ شامل هو.

مير لطف علي خان: (المتوفي 1145هه) مير لطف علي خان رضوي، سيد مير يارمحمد جو فرزند هو. هن جو اصل نالو سيد محمد شفيع هو. هن عطر خان کي جنگ جي ميدان ۾ قتل ڪري، پاڻ نٿي جو گورنر مقرر ٿيو. هن 1125هه کان 1128هه تائين حڪومت ڪئي. علم ادب سان دلچسپي رکندو هو. شعر و شاعري ۾ پنهنجو تخلص "همت" استعمال ڪندو هو. شعر خواهه نظم ۾ وڏي مهارت رکندو هو. هيءُ رضوي سيد پنهنجي خاندان سميت بکر ۾ رهندو هو.

سيد عبدالرزاق رضوي بکري: هيءُ بزرگ بکر جي رضوي خاندان مان سيد جادم جو فرزند هو. پنهنجي دور جو عارف ڪامل هو.

سيد ڪمال الدين رضوي بکري: هيءُ بزرگ سيد عبدالرزاق رضوي جو پياءُ ۽ سيد جادم جو فرزند هو. سڄي عمر سلوڪ جي رستي گذاريائين. هن بکر ۾ وفات ڪئي.

سيد مير محمد يوسف رضوي بکري: هيءُ بزرگ جامع الصفات بزرگيءَ ۾ روشن ستارو هو. هيءُ سيد جادم جو فرزند هو. هن شاهه مبارڪ کان فيض حاصل ڪيو ۽ سيد محمد جونپوري جي هڪ خليفي شيخ دانيال جي شفقت حاصل ڪئي، بکر مان هجرت ڪري نٿي ۾ اچي رهيو. اڪثر اوقاف مڪلي جي ٽڪريءَ تي عبادت ۽ رياضت ۾ گذاريندو هو.

سيد ابراهيم رضوي بکري: سيد ابراهيم ولد سيد مير محمد يوسف بکري پنهنجن وڏن جي نقش قدم تي قائم رهيو ۽ زماني جو ڪامل عارف هو هن برڪت پرئي

بزرگ جون واضح ڪرامات مشهور آهن.

سيد مير اسحاق رضوي بکري: سيد اسحاق ولد سيد ڪمال الدين رضوي بکري خانداني بزرگيءَ ۾ مشهور هو. نهايت زاهد، متقي، پرهيزگار ۽ عارف ڪامل ٿي گذريو آهي. سندس نالو پير پرڏيهي جي نالي سان مشهور آهي. هيءُ علم بزرگ بکر ۾ رهندو هو. جنهن کي سندس چاچي سيد مير محمد يوسف رضوي بکر مان گهرائي پنهنجي نياڻي سان نڪاح ڪرائي ڇڏيو. هن ٺٽي ۾ وفات ڪئي، سندس مزار مڪلي تي آهي.

سيد ڪمال الدين رضوي بکري: سيد مير ڪمال الدين ولد سيد مير اسحاق رضوي وڏن جي پيرويءَ تي ڪامل عارف برگزيده بزرگ ٿي گذريو آهي. هيءُ ڏاڏنگ ۾ سيد مير ڪمال الدين جو پوٽو ۽ سيد مير محمد يوسف جو ڏوهٽو هو. مذڪوره ٻئي پائر وقت جا برگزيده عارف ڪامل هئا. انهن جي فيض مان هيءُ بزرگ ڪشف ۽ ڪرامت جو مالڪ هو. هن بکر ۾ وفات ڪئي.

سيد عنايت الله رضوي: سيد عنايت الله ولد سيد ڪمال الدين رضوي بکري علم ۽ عرفان ۾ حال ۽ قال جو مالڪ هو. دنيا جي حالتن کان ڪناره ڪش هو. پيٽ گذارڻ لاءِ پوڪ ڪندو هو. خدا رسيده بزرگ هو. (7) سن 1132هه ۾ وفات ڪيائين

سيد مير ڪمال الدين احمد خان: (المتوفي 1132هه) سيد مير ڪمال الدين ولد سيد عنايت الله پنهنجي دور جو جيد عالم ۽ دنيائي اعزازن سان وڏي مرتبي وارو بزرگ هو. سندس تصنيفات ۾ ديوان حافظ جي شرح ۽ اصطلاحات رضويه قابل ذڪر آهن. سندس ستن پٽن مان ٽن پٽن کي اولاد ٿيو. هن بزرگ جو شمار وقت جي وڏن ماڻهن ۾ ٿئي ٿو.

سيد مير مرتضيٰ رضوي بکري: (المتوفي 1126هه) سيد مير مرتضيٰ ولد سيد مير ڪمال الدين سيني علمن جو جيد عالم ۽ فنون جو جامع الصفات هو. سپاهه گيري جي سيني فنن ۾ بي مثال هو. خوشخطي کي ستن قلمن ۾ لکندو هو. مرزا صائب جو شاگرد هو. شعر و شاعري ۾ سندس تخلق "الهام" هو. هن ڀوهه جواني ۾ وفات ڪئي.

مير ذوالفقار علي رضوي بکري: مير ذوالفقار علي ولد سيد مير مرتضيٰ ولد سيد مير ڪمال الدين احمد ولد مير سيد عنايت الله رضوي بکري پنهنجي دور جو عارف ڪامل ۽ واصل باالله بزرگ هو. نرينه اولاد ڪونه ڇڏيائين.

مير غلام علي رضوي: سيد مير غلام علي ولد سيد مير مرتضيٰ رضوي حال ۽ قال جو بزرگ ٿي گذريو آهي، سندس ڪرامات ڳڻڻ کان وڌيڪ آهن.

مير مهر علي رضوي: سيد مير مهر علي ولد مير غلام علي ولد مير مرتضيٰ رضوي پنهنجي وڏن جي مسند تي بزرگي ۽ شان سان گذاري ويو.

مير نياز علي رضوي: مير نياز علي رضوي ولد مير غلام علي پنهنجي وقت جو عالم ۽ عارف ٿي گذريو آهي. هيءُ مير مهر علي رضوي جو ڀاءُ هو.

مير راز علي رضوي (المتوفي 1180هه) هيءُ بزرگ مير غلام علي جو فرزند ۽ مير مهر علي ۽ مير نياز علي رضوي جو ڀاءُ هو. ڀوهه جواني ۾ ڪنوارو وفات ڪري ويو. مير قانع سندس وفات جي تاريخ به جوار رسول يا فت مقام مان لڌي آهي.

سيد مير شاهه حيدر رضوي: هيءُ ناميارو بزرگ سيد مير ڪمال الدين جو فرزند هو. پنهنجي وقت جو عالم ۽ عارف هو.

سيد مير امير علي رضوي: مير امير علي ولد سيد مير شاهه ولد سيد مير ڪمال الدين رضوي پنهنجي زندگي زهد، تقويٰ، پرهيزگاري ۽ فقر ۾ گذاري، انهيءَ خدا شناسيءَ جي حال ۾ عظمت ۽ برڪت سان گذاري ويو.

سيد مير محمر رفيع رضوي: سيد مير لطف علي خان رضوي جي اولاد مان هيءُ بزرگ پنهنجي وقت جو چمڪندڙ ستارو هو. دنيائي اسباب کان ڪناره ڪش ۽ خدا جي راهه جو راهي هو. بزرگي جي حال ۾ اعليٰ مقام رکي ٿو.

سيد مير نجم الدين "غزلت" رضوي: (المتوفي 1160هه): سيد مير نجم الدين ولد سيد مير محمد رفيع رضوي پنهنجي زماني جو جيد عالم، صوفي، عارف، ڪامل ٿي گذريو آهي. ٺٽي جي مشهور عالم ۽ عارف مخدوم محمد معين ٺٽوي جو شاگرد ۽ پاٽيجو هو. زهد ۽ تقويٰ جي صفتن سان سينگاريل ولي الله هو. سندس وجود سعيد ۾ فيض ۽ برڪت جو خزانو پريل هو. علم تصنيفات ۾ سندس ڪيترائي ڪتاب آهن. انهن مان منطق جي موضوع تي "يڪروزي" جي تتبع تي هڪ عمدو ڪتاب تحرير ڪيائين. جنهن ۾ مختلف علوم سمايل آهن. فارسي نثر ۾ "طوطي نامه" نخشبي کان به بهتر نموني تحرير ڪيائين. شعر و شاعري ۾ پنهنجو تخلص "عزلت" استعمال ڪندو هو. سڄي حياتي درس و تدريس ۾ گذاريائين. پنهنجي وقت ۾ عالمن جي هڪ وڏي جماعت کي علم ۽ فيض سان نوازيائين. هن بزرگ 1160هه ۾ وفات ڪئي.

سيد مير نثار علي شاهه رضوي: سيد مير نثار علي بن سيد مير نجم الدين "عزلت" رضوي پنهنجي وڏن جي نقش قدم تي هلي عظمت ۽ شان سان گذاري ويو.

سيد مير جان الله شاهه رضوي بکري: (المتوفي 1167هه): سيد مير جان الله شاهه رضوي سيد مير حيدر رضوي جي اولاد مان عارف ڪامل بزرگ ٿي گذريو آهي. سلوڪ جي رستي ۾ شاهه عنايت الله صوفي (جهوڪ) ميرانپوري جو فيض يافته مريد هو. ميان يار محمد ڪلهوڙو جي دور ۾ جڏهن هن صوفي تي حملو ٿيو تڏهن هن بزرگ مرشد کان ڪليل مقابلي جي اجازت گهري هئي، مگر مرشد ڪيس منع فرمائي. مرشد جي شهادت ڪانپوءِ روهڙيءَ ۾ اچي آباد ٿيو جتي وفات ڪيائين. شعر و شاعري ۾ پنهنجو تخلص "مير" استعمال ڪندو هو. سندس "ديوان مير" مشهور آهي.

سيد مير قلندر علي: سيد مير قلندر علي ولد مير جان الله شاهه رضوي فقيري جي رستي تي سلوڪ وارو بزرگ هو. ڪيترو وقت شاهپور ۾ رهيو.

مير حسين قلي رضوي: هيءُ بزرگ سيد ميران شاهه رضوي جي اولاد مان، سيد عمر شاهه جي فرزند سيد فتح خان جو پيائيٽو هو. "مير قانع" ٺٽوي جو دوست هو. سلوڪ جي رستي تي هلڻ وارو متوڪل بزرگ هو. ميان نور محمد ڪلهوڙو جي دور ۾ محمد آباد ۾ حڪيم عبدالوهادي وٽ دوا لاءِ آيل هو. فالج جي بيماري جي اثر سببان وفات ڪري ويو. هيءُ خدا رسيده بزرگ سلسلي جو صاحب هو.

مير محمد اڪرم: ميان نور محمد ڪلهوڙو جي ڏينهن ۾ بکر جو گورنر هو. پاڻ (بکر) روهڙي جو وينل هو. بلند پائي جو حڪيم هو. هن کي چار فرزند مير سراج الدين، مير تاج الدين، مير معين الدين ۽ مير نورالدين هئا! افسوس! جو چارئي پائر لااولاد هئا. مير محمد اڪرم جي وفات کانپوءِ سندس پاءُ مير محمد افضل، جيڪو ملتان ۾ رهندو هو سو پنهنجي پاءُ مرحوم جي اهل وعيال کي ملتان وٺي ويو.

مخدوم محمد معصوم بکري: هيءُ بزرگ مخدوم روح الله بکري جو پاءُ هو. حال ۽ قال جو صاحب هو. سلوڪ جي رستي تي قائم هو.

محمد افضل بکري: مخدوم روح الله جو پاءُ هو. عالم ۽ شاعر هو. فقيري مزاج جو مالڪ هو.

مخدوم محمد غوث بکري: مخدوم روح الله جو پاءُ هو. پنهنجي وقت جو عارف ڪامل ۽ خدا رسيده بزرگ هو. سلوڪ جي واٽ ۾ حياتي گذاري ويو.

ميان الله بخش بکري: ميان الله بخش بن مخدوم محمد غوث بکري فقر جي راهه ۾ نالي وارو بزرگ هو پرهيزگاري ۽ توڪل سان گذاري ويو.

آخوند موسيٰ بکري: هيءُ بزرگ بکر جي اڳوڻن بزرگن ۾ ڳڻيو ويو آهي. پرهيزگار ۽ ديندار بزرگ هو. هيءُ سلوڪ جي رستي تي قائم هو. هيءُ بزرگ اعليٰ خصلتن سان سينگاري هو.

حافظ مير خليفو: هيءُ بزرگ حال ۽ قال جي صفتن سان سينگاريل عارف ڪامل ٿي گذريو آهي. بکر جي اڳوڻن اوليائن ۾ سندس نالو ڳڻيو ويو آهي.

محمد هاشم: حفاظ مير خليفي جو فرزند هو. پنهنجن وڏن جي نقش قدم تي هلي عظمت ۽ شان سان گذاري ويو. فقيري حال ۾ خدا رسيده بزرگ هو.

حڪيم عبدالرئوف بکري: بکر جي اهل-علم ۽ اهل- فن بزرگن مان هڪ هو. نهايت لياقت وارو مرد ڪامل هو. مير عبدالجليل بلگرامي جو قريبي دوست هو. ميان يار محمد ڪلهوڙو جي عهد حڪومت ۾ سرڪاري نوڪري ۾ هو. حڪمت ۽ موسيقي جي فن ۾ بي مثال هو. سنگيت جي فن تي هڪ جامع ڪتاب ابوالنغم تصنيف ڪيائين.

شيخ ڪرم الله: شيخ ڪرم الله بن حڪيم عبدالرئوف بکري، غلام شاهه ڪلهوڙو جي دور ۾ سرڪاري ملازم هو. پنهنجي وقت ۾ نالي وارو ٿي گذريو آهي. پيءُ وانگر سندس نالو مشهور هو.

شيخ محمد رضا: اصل ٺٽي جو وينل هو. عربي ۽ فارسيءَ جو چڱو ڄاڻو هو. اورنگزيب عالمگير جي زماني کان محمد شاهه جي دور تائين بکر ۾ حڪومت جي مختلف عهدن تي سرفراز هو. اعليٰ صلاحيتن ۽ خلصتن سان سينگاريل هو پنهنجي وقت جو ناميارو شخص هو. مير قانع جي حياتيءَ ۾ وفات ڪري ويو. سندس وفات تي مير قانع قطع تاريخ لکي آهي، جنهن مان سندس وفات جو سن 1140هه معلوم ٿئي ٿو محمد رضا داده جان درجنان شد (1140هه) هن جو سمورو اولاد بکر ۾ رهجي ويو.

شيخ ڦتو: شيخ ڦتو ولد محمد رضا، بکر جي مشهور معروف ماڻهن مان هڪ هو. پنهنجي پيءُ جي نالي پنيان شهرت حاصل ڪيائين.

شيخ متو: بکر جي معروف ماڻهن ۾

ڳڻيو وڃي ٿو. هيءُ شيخ محمد رضا جو فرزند ۽ شيخ ڦتو جو پاءُ هو. وڏي لياقت ۽ عزت وارو شخص هو.

سيد علي رضا: سيد عبدالقادر جيلاني جي اولاد مان پنهنجي دور جو عارف ڪامل هو. اڪثر سير و سياحت ۾ رهندو هو. هڪ وڏي جماعت هميشه ساڻس ساڻ هوندي هئي، سندس تاب و تجمل جو نمونو هيءُ هو ته جڏهن سفر ۾ نڪرندو هو ته اٺ ڪتابن سان لڏيو هو ۽ پاڻ گهوڙي تي سوار هوندو هو خاص خادم جهنڊو کڻي اڳ ۾ هلندا هئا. قسمت جي آب داڻي ڪيس بکر ۾ آندو جتي هميشه لاءِ رهجي ويو. هيءُ بزرگ حال ۽ قال جي نعمتن سان نوازيل سدائين فقيري حال ۾ گذاريندو هو.

سيد محمد بکري: هيءُ بزرگ سيد محمد ذڪريا جو فرزند ۽ سيد مير بزرگ جو پوٽو ۽ سيد مير معصوم بکري جو پڙپوٽو هو. پنهنجي وقت جو جليل القدر بزرگ ٿي گذريو آهي.

سيد مير علي شير بکري: هيءُ خدا وارو بزرگ سيد محمد جو پاءُ ۽ سيد محمد ذڪريا جو پٽ هو. حال ۽ قال جي صفن تي موصوف هو.

سيد مير عزيزالله: سيد مير عزيزالله ولد سيد مير محمد بن سيد مير محمد ذڪريا معصومي عارف ڪامل بزرگ هو. سڄي حياتي سلوڪ جي رستي تي گذاريائين.

سيد مير لطف الله: هيءُ سر تاج اولالياءُ، واصل الله بزرگ سيد مير عزيز الله جو پاءُ ۽ سيد مير محمد معصومي جو فرزند هو. معرفت الاهي جو مالڪ هو. سڄي زندگي فقر جر رستي تي گذاريائين.

مير ڪرم شاهه: سيد مير ڪرم شاهه بن سيد مير عزيزالله معصومي پنهنجي وڏن جي نقش قدم تي سلوڪ تي راهه اختيار ڪئي.

مير گلاب شاهه: هيءُ بزرگ مير عزيزالله معصومي جو فرزند ۽ مير ڪرم شاهه جو پاءُ هو. عارفن جي صف اول ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. هيءُ حال ۽ قال جو بزرگ هو.

سيد مير عزت علي: مير عزت علي ولد سيد مير لطف الله ولد سيد مير معصومي پنهنجيوقت جو خدا رسيده بزرگ هو.

سيد مير احسان علي: هيءُ بزرگ سيد مير لطف الله جو فرزند ۽ سيد مير محمد معصومي جو پوٽو هو. پنهنجن وڏن جي پيرويءَ تي الله وارن ۾ شمار ٿئي ٿو.

سيد مير عنايت الله بن سيد مير علي شير ولد سيد مير محمد ذڪريا معصومي پنهنجي وقت جو پرهيز گار ۽ متقي بزرگ هو.

سيد مير بزرگ: هيءُ اهل الله سيد مير علي شير جو فرزند ۽ مير محمد ذڪريا جو پوٽو هو. پنهنجن وڏن جي پيرويءَ تي خدا رسيده بزرگ هو.

سيد مير شهبازعلي: هيءُ بزرگ سيد مير بزرگ جو فرزند ۽ مير علي شير جو پوٽو هو. حال ۽ قال جو صاحب هو. بزرگيءَ ۾ سندس نالو مشهور هو.

سيد محمد ميرڪ اول: سيد مير عبدالباقي جي وفات ڪانپوءِ سندس گادي تي وينو. پنهنجي وقت جو اهل الله درويش هو. سندس بزرگي جي هاڪ پکڙيل هئي.

سيد مير تقي الدين: مير تقي الدين ولد ميرڪ محمد (اول) پنهنجي وقت جو عابد، زاهد ۽ پرهيزگار عارف ڪامل هو.

مير محمد افضل: مير محمد افضل بن سيد ميرڪ محمد (اول) پنهنجن وڏن جي نقش قدم تي هلد زهد ۽ تقويٰ ۾ پنهنجو نالو نروار ڪيو.

مير غياث الدين محمد: مير غياث الدين محمد ولد مير تقي الدين محمد اهل الله ۽ معرفت جو صاحب هو. بزرگي جي نعمت سان نوازيل هو.

مير قوام الدين: هيءُ بزرگ مير غياث الدين جو فرزند هو. نهايت پرهيزگار ۽ زاهد هو هيءُ سرتاج الاولياءُ ٿي گذريو آهي.

مير عرب شاهه: هيءُ حال ۽ قال جو بزرگ مير غياث الدين جو پٽ ۽ مير قوام الدين جو پاءُ هو بزرگي ۽ شان جو علمبردار هو.

مير رضي الدين محمد: هيءُ بزرگ مير تقي الدين محمد جو فرزند هو. معرفت الاهي جو واقف عارف ڪامل ٿي گذريو آهي.

سيد مير غلام عبدالقادر: هيءُ بزرگ سيد مير رضي الدين محمد جو فرزند هو. سلوڪ جي سلسلي ۾ عارف ڪامل ۽ واصل بالله بزرگ هو.

سيد مير عاقل شاهه: هيءُ اهل الله سيد زئي خاندان مان پنهنجي دور جو عارف ۽ خدا رسيده بزرگ هو. عظيم صفتن سان سينگاريلهو.

سيد مير اڪبر شاهه: هيءُ صاحب توفيق بزرگ، سيد مير عاقل شاهه جو فرزند هو. نهايت متوڪل ۽ پرهيزگار هو. حال ۽ قال جي نعمتن سان نوازيل هو.

سيد مير محمد حسين: هيءُ بزرگ سيد مير عاقل شاهه جو پاءُ هو. سيد زئي خاندان جي ساداتن مان وڏي عظمت جو مالڪ هو. بزرگي ۽ جلال ۾ سندس مرتبو نهايت جي حد کي پهتل هو.

سيد مير محمد محسن شاهه: هيءُ علم عرفان جو روشن ستارو، سيد مير محمد

حسين جو فرزند هو. پنهنجي وقت جو مشهور بزرگ هو.

سيد مير چراغ شاهہ: هيءُ سيد مير محمد حسين جو فرزند ۽ مير محمد محسن جو ڀاءُ هو. پنهنجن وڏن جي نقش قدم تي وقت جو عارف ڪامل ٿي گذريو آهي.

مولوي سيد رستم علي بکري (رامپوري): نسب جو سلسلو ڏهين امام حضرت امام علي نقيءُ سان ملي ٿو. هيءُ مقتدر جيد عالم سيد اسماعيل جو فرزند، سيد محمد اسحاق جو پوٽو ۽ سيد پير محمد ويسف بکري جو پڙپوٽو هو.

سيد اسماعيل بہ جيد عالم هو. هيءُ بکر جي سرزمين تان نڪري الله آباد (U.P) (هندستان) جي هڪ ڳوٺ جهان آباد ۾ آيو جتي سيد حاتم علي جي معصوم نياڻي سان شادي ڪيائين. انهيءُ بيبي نور مان مولوي سيد رستم علي پيدا ٿيو. 12 سالن جي عمر جو هيو تہ سندس والده وفات ڪري ويئي. سيد مولوي رستم علي فارغ التحصيل ٿيڻ ڪانپوءِ تصوف جي تعليم لاءِ فرخ آباد ويو اتان ڪجھ تعليم حاصل ڪري رامپور آيو جتي هن 1188ھ کان 1208ع تائين حضرت مولانا نور عالم ۽ مولانا امام بخش کان ڪيترائي ڪتاب پڙهيو. منطق ۽ فلسفي جي تعليم حضرت مولانا بحر العلوم وٽان حاصل ڪيائين. دستاربندي جي رسم ۾ هڪ عظيم اجتماع ۾ سندس پڳ جو پهريون پيچ حضرت مولانا سيدجمال الدين (شاگرد شاهہ ولي الله محدث دهلوي) ڏنو هو. سيد جمال الدين پنهنجي معصوم نياڻي سيد مولوي رستم علي جي نڪاح ۾ ڏني. مولانا سيد صاحب سنڌ جو خيال لاهي هميشہ لاءِ رامپور رهجي ويو. حافظ محمد امين ننوڙي (ضلعي بجنور) جي بيعت ڪري خلافت جو خرقو ڍڪيائين. رامپور جي والي نواب فيض الله خان وٽان ڪيس مقرر وظيفو ملندو هو جنهن تي گذران ڪندو هو. هميشہ درس و تدريس جو ڪم ڪندو رهندو هو. نهايت پرهيزگار، متوڪل عارف ڪامل بزرگ هو فيض الاهي لاءِ سندس دروازو کليل هوندو هو. هزارين ماڻهن ڪانئس فيض حاصل ڪيو. سندس تصنيفات ۾حاشيہ صدرا (فلسفہ) ۽ تقارير سبع قابل ذڪر آهن. هن بزرگ 21 ذوالقعد 1240ھ ۾ وفات ڪئي، سندس والد بزرگ حضرت مولانا اسماعيل شاهہ مڪشير (U.P) ۾ وفات ڪئي ۽ ڪيس خواجہ گنج بخش جي مقبره ۾ دفن ڪيو ويو.

سيد محمد اسحاق بکري: سيد محمد اسحاق بن سيد محمد يوسف بکري پنهنجي دور جو وڏي عظمت ۽ شان وارو معتمد بزرگ هو. پنهنجي خانقاهہ جو سجاده نشين هو. وقت جي حاڪمن طرفان ڪيس جاگير مليل هئي، جيڪا علي واهڻ (موجوده روهڙي جي لڳ) ۾ تقريبن هڪ لک ايڪڙ هئي. ننڍين ننڍين جاگيردارن جا ڪاتا سندس دفتر ۾ محفوظ هئا. بکر جي سيدن مان صحيح النسب هجڻ جي سَندَ بہ هيءُ بزرگ ڏيندو هو. يعني جنهن لاءِ هيءُ بزرگ سيد هجڻ ۽ نہ هجڻ جي سَندَ ڏيندو هو جنهن کي آخري حرف تسليم ڪيو ويندو هو.

صالح شامي: هيءُ بزرگ اصل شام جو رهندڙ هو. قسمت جي آب داڻي ڪيس بکر ۾ اچي رهايو. پنهنجي وقت جو اهل الله هو.

پير خيرالدين شامي: پير خيرالدين ولد صالح شامي پنهنجي والد بزرگ سان گڏجي سنڌ ۾ آيو ۽ بکر ۾ رهيو. هيءُ بزرگ حال ۽ قال جي صفتن سان سينگاريل هو. سندس مزار امرڪس جبل جي پٺئين پاسي ۾ آهي ۽ پنهنجي والد بزرگ جي پير ۾ دفن ٿيل آهي. مخدوم لقمان: هيءُ بزرگ مرزا جاني بيگ ترخان جي ڏينهن ۾ بکر جي شهر لاءِ محتسب مقرر ٿيو. شريعت جو پابند ۽ اعليٰ صفتن جو مالڪ هو. دينداري ۾ سندس نالو گهڻو مشهور هو. مخدوم عبدالجليل: هيءُ بزرگ مخدوم لقمان جو پوٽو هو. اعليٰ خصلتن جو جامع هو. هن کي ترخان حڪومت طرفان گذران لاءِ وظيفو ملندو هو.

مخدوم محمد سليم: هيءُ مخدوم عبدالجليل جو فرزند هو. فضيلت ۽ نيڪ خصلتن جو مالڪ هو. والد بزرگ جي وظيفي تي گذران ڪندو هو. مخدوم محمد اڪرم: هيءُ بزرگ مخدوم محمد سليم جو فرزند هو. پنهنجن وڏن جي پيروي تي هلندو آيو. مخدوم عبدالواحد: هيءُ بزرگ مخدوم محمد اڪرم جو پٽ هو سندس نالو وقت جي متوڪل ۽ صالح بزرگن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو.

مير عبدالله سلطان: مير عبدالله سلطان بن مير ابوالمڪارم بن مير غياث الدين محمد بکري، خانداني اميري ۽ فقيري جي لحاظ سان وڏي عزت ۽ عظمت سان مشهور هو. شهنشاهہ جهانگير جي عهد حڪومت ۾ مرزا غازي بيگ سان گڏ هوندو هو. جڏهن مرزا قنڌار ۽ ٺٽي جو حاڪم ٿيو تڏهن ايران جي بادشاهہ جي دربار ۾ وڪيل ٿي رهيو. ان ڪانپوءِ خراسان ۾حضرت امام رضا رضہ جي زيارت ڪري واپس آيو. مرزا جي وفات ڪانپوءِ ٺٽي جو نواب مقرر ٿيو. شاهجهان جي دور ۾ عهدو ڇڏي خدا تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول رهيو. جام تماچي سندس لاءِ پنجاهہ هزار دام ماهوار پگهار مقرر ڪئي، سندس اولاد هميشہ کان ٺٽي ۾ رهجي ويو. پنهنجي وقت جو سٺو شاعر هو. هن 1054ھ ۾ وفات ڪئي. *(هلندڙ)*

# تهذيب ۽ تعليم

سنڌيڪار: هدايت الله سومرو

پروڙ ۽ آگاهي علم کان سواءِ ممڪن ناهي. علم جو حصول ۽ ان جي پرچار ئي اهو مخصوص قدر آهي، جيڪو انسان کي انسان بڻائيندو آهي ۽ ڪيس ٻين جاندارن کان منفرد ۽ ممتاز ڪندو آهي.

لغت ۾ تهذيب جي معنيٰ سينگار، صفائي، سيبتائپ، شائستگي، خوش اخلاقي، اهليت ۽ لياقت ڄاڻايل آهي. يوناني ٻوليءَ ۾ "پائيڊيا" تعليم کي چوندا آهن، پر مٿانهين سطح تي ان جي معنيٰ تهذيب ۽ ثقافت آهي. دراصل يونانين جي نظر ۾ سموري تهذيب ۽ ترقيءَ جو بنياد تعليم تي هو ۽ حقيقت ۾ اها آهي ته تعليم ۽ تهذيب لازم ملزوم آهن.

جيڪڏهن اسان انساني زندگي ۽ ان جي ارتقائي مرحلن تي نظر وجهون ته اسان کي اهو ڄاڻي حيرت نه ٿيڻ گهرجي ته انسان ۽ ڌرتيءَ جا ٻيا ساهوارا گهڻو مختلف نه آهن. حيوان، پکي، جيت جڻا ۽ مڇيون پڻ اسان وانگر زندگيءَ جي بقا لاءِ ڪن بنيادي ضرورتن جا پابند آهن ۽ هڪٻئي تي غلبو حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۾ مصروف آهن. انهن ۾ به معاشرتي گروهه بنديون موجود آهن. اهي به پنهنجو مخصوص فنِ تعمير رکن ٿا. پنهنجي ماحول تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ لاءِ حيرت انگيز ايجادون ڪندا آهن. اهي به اسان جي ڪن وانگر دولت جا ڍڳ گڏ ڪندا آهن، پاڻ ۾ ويڙهه ڪندا آهن. محبت ۽ نفرت ڪندا، ڪيڏندا، ڪڏندا ۽ فرض سرانجام ڏيندا آهن. ڪي اهڙين قوتن جا مالڪ آهن جيڪي حاصل ڪرڻ ته پري رهيو انهن کي سمجهڻ به



ذڪيو آهي. اهي سڀ جيتوٽيڪ چالاڪي ۽ مڪاريءَ جون قسمين قسمين وصفون رکن ٿا پر تنهن هوندي به اجتماعي طور تي تمام گهٽ ڪا ڳالهه سکن ٿا ۽ انفرادي طور ڪجهه نٿا سکن. سندن هنر ذڪيا آهن پر محدود. سندن فن من موهيندڙ آهن پر رڳو اکين جوءِ. سندن ٻولي ڳُٽ جي ڪن اشارن ۽ آوازن تي مشتمل آهي، سندن يادگيرو تيز آهي پر گهڻ طرفو ناهي، سندن تجسس ابهروءِ سطحي آهي ۽ انهن حيرت انگيز وصفن جي ڏنڏلي ابتدائي شڪل آهي.

سکيا يا ڄاڻ حاصل ڪرڻ هڪ اهڙي غير محدود سرگرمي آهي، جيڪا انسان جي ارادي جي تابع هوندي آهي. اها ڳالهه فقط انسان ۾ ئي آهي ته هو انفرادي حيثيت ۾ سکندا، ڄاڻندا ۽ ياد رکندا آهن. نه رڳو اهو پر هو تحقيقي طور تي سوچيندا آهن.

سکڻ، ڄاڻڻ، ياد رکڻ ۽ سوچڻ جو تعلق ذهن سان آهي. ذهن هڪ اهڙي شئي آهي جنهن جو ڪم سوچ ويچار ۽ غور فڪر ڪرڻ آهي. اهو پنهنجي اڻ ڳڻين سرگرمين ڪان سواءِ قوت ارادي (همت) جو هنڌ آهي. تقدير تي حاوي ٿيڻ جي رڳو اهائي صورت ناهي ته انسان ان جي خلاف ويڙهه ڪري پر هي ته ان جون رمزون پڻ پروڙي وني. اها پروڙ ۽ آگاهي علم ڪان سواءِ ممڪن ناهي. علم جو حصول ۽ ان جي پرچار ئي اهو مخصوص قدر آهي جيڪو انسان کي انسان بڻائيندو آهي ۽ ڪيس ٻين جاندارن ڪان منفرد ۽ ممتاز ڪندو آهي. انساني ذهن جي اها خوبي آهي ته هو هر وقت سوچيندو رهندو آهي. ان جي جوڙجڪ جي گهرائيءَ ۽ تڪميل انسانن ۾ اختلاف پيدا ڪندي آهي. اهو اختلاف مختلف تهذيبن ۾ تمدنن کي جنم ڏيندو آهي. تهذيب ۽ تمدن جو اهو فرق درحقيقت تعليم ۽ سکيا جو فرق آهي. ڇاڪاڻ ته تعليم جي مقصدن ۾ اهو پڻ شامل آهي ته نوجوان طبقي کي ڪٽنب، سماج، قوم ۽ ملڪ جي دائري ۾ خوش اسلوبيءَ سان هڪ مقام ۽ مرتبو ناهڻ ۽ مناسب سانچن ۾ پلتجڻ جي سمجهه حاصل ٿئي. اُهائي تهذيب جي تقاضا آهي پر ان ڪان به مٿانهون ۽ اهم مقصد اهو آهي ته فرد جي ذهن جي مڪمل ۽ گهڻ قسمي تربيت ڪجي، منجهس غور فڪر ۽ سوچ ويچار جي عادت وجهجي. غور فڪر جو عمل جيتوٽيڪ پيدائشي ۽ اڻٽر آهي پر ان جو مطلب اهو ڪونهي ته ماڻهو پيدائشي طور تي مفڪر ۽ ذهني لحاظ ڪان گهٽ درجي وارا ٻڌجي ويندا آهن جنهن جي ذميداري تعليمي نظام ۽ تهذيبي ماحول تي لاڳو ٿئي ٿي. هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اهي ڪهڙا عوامل، ڪارڻ ۽ طريقا آهن جن وسيلي نوجوانن جي ذهني تربيت ڪجي ۽ سندن ذهني صلاحيتن کي هٿي وٺرائجي. ڏاهن وڏو عرصو غور فڪر ڪانپوءِ ڪجهه اهڙن طريقن جي نشاندهي ڪئي آهي جن تي عمل پيرا ٿي اهي مقصد وڏي حد تائين حاصل ڪري سگهجن ٿا. انهن مان به طريقا اهڙا آهن جيڪي وڏيڪ ڪارائتا ثابت ٿيندا آهن. پهريون هي ته شاگردن کي لڳاتار سرگرم عمل رکڻ جون تدبيرون اختيار ڪيون وڃن. سندن آڏو اهڙا مسئلا پيش ڪيا وڃن جن بابت هو غور فڪر ڪن. يا سندن حالتون اهڙيون ڏکيون بڻايون وڃن جو هُو اڻٽر طور غور فڪر ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃن. رمزن ۽ رازن جي پروڙ لاءِ ڪين همٿايو وڃي ۽ سندن فڪري نتيجن جي وک وک تي پرک ڪئي وڃي. ٻيو طريقو هي آهي ته ڪين ٻين ذهين ۽ داناءَ ماڻهن سان متعارف ڪرايو وڃي. ڪين اهڙين شخصيتن کي پڙهڻ جو موقعو ميسر ڪجي، جيڪي حقيقي معنيٰ ۾ عظمت رکندڙ هجن. ان سان سندن فڪري اسلوب ۾ بهتري پيدا ٿيندي، هو ايجادن ۽ تخليقي عمل ڏانهن مائل ٿيندا، مسئلن جا حل ڳوليندا، عمل جي ميدان ۾ لهندا ۽ پاڻ ۾ حالتن جو مقابلو ڪرڻ جي سگهه ۽ قوت پيدا ڪندا.

جيڪڏهن اسين مختلف تهذيبن جي عروج ۽ زوال جي تاريخ تي نظر وجهنداسين ته هڪ ڳالهه انهن سڀني ۾ نمايان ۽ گڏيل نظر ايندي اها هيءَ ته جيستائين ان تهذيب ۾ پرورش ورتل نوجوانن جا ذهن غور ۽ فڪر ۾ مصروف رهيا، اها تهذيب ترقيءَ جون منزلون وڏي تيزيءَ سان طئي ڪندي رهي. پر جيئن ئي انهن غور ۽ فڪر ڪان موڪلايو تهذيبي شعور تان هٿ ڪنيو ۽ عيش ۾ پئجي ويا اها تهذيب تنزل ڏانهن وڌڻ لڳي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي صفحه هستيءَ تان ايئن ميسارجي وئي جو ان جي عظمت ۽ حقيقت رڳو هڪ داستان ٻڌجي وئي. مطلب ته غور، فڪر ۽ سوچ ويچار جو عمل هڪ اڻٽر عمل آهي.

هيءَ ڳالهه انساني اختيار ڪان ٻاهر آهي ته ڪنهن ڪان سوچ سمجهه جي سگهه کسي وني ڇاڪاڻ ته انسان جي فڪري ڪمن تي پابندي لاڳو نٿي ڪري سگهجي.

انسان جي بدنصيبيءَ جي انتها غلامي آهي ۽ غلاميءَ جي بدترين شڪل جسماني نه پر ذهني غلامي آهي. انساني زندگي ڪيتري به ذڪي ۽ منجهيل ڇو نه هجي، حياتيءَ جو مقصد انساني نظرن ڪان لڪل ڇو نه هجي اسان ڪيس مان مرتبي وارو ۽ احترام

لائق بڻائي سگھون ٿا، بشرطيڪ اسين ذهني آزاديءَ کي برقرار رکون، ان کي هڪ خاص رستي تي هلايون ۽ ان کي تهذيبي ترقيءَ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيون.

ايئن ڪرڻ ڪا ڏکي ڳالهہ ناهي، ڇاڪاڻ تہ سوچ کي پابند بڻائي سگهجي ٿو، ان کي مقرر ڪيل راهن تي آڻي سگهجي ٿو ۽ اها ئي ڳالهہ گهڻو اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو فڪري عمل ۽ سوچ ويچار تعميري بہ ٿي سگهي ٿو ۽ تخريبي پڻ ۽ رڳو ذهني پڻ.... پر ڪنهن تهذيب کي اڳتي وڌائڻ لاءِ تعميري ۽ فقط تعميري سوچ ويچار ئي گهربل هوندو آهي، جيڪو تعليم جي هڪ مخصوص طريقي سان ئي حاصل ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ تعليم جو مقصد شخصيت جي تعمير ۽ تربيت آهي. پر اهو سوچي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي تہ صدين کان وٺي اسان جون حالتون ڪجهہ اهڙيون رهيون آهن جو اڻ ڳڻيا ذهين ماڻهو تعليم ۽ تدريس جي خامين سبب همت هاري ويٺا يا غلط رستن ڏانهن هليا ويا. ڪٿي ڪٿي تعليمي معيار ايترو تہ مٿانهون هوندو آهي جو عام سطح جي شاگرد لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ جي ڪا گنجائش ناهي هوندي. ڪيترن ئي شاگردن جون صلاحيتون دٻجي ضايع ٿي وينديون آهن. ڪڏهن ايئن ٿيندو آهي تہ اعليٰ تعليم ڪنهن خاص طبقي لاءِ وقف ٿي ويندي آهي ۽ باقي انسانن کي جهالت ۾ زندگي بسر ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويندو آهي. هونئن بہ اسان جو تعليمي نظام ڪجهہ اهڙي قسم جو آهي جو وڌيڪ زور نصابي ڪتابن تي ڏنو ويندو آهي، جن جو عملي زندگي ۽ ادب سان ڪو لڳ لاڳاپو ناهي هوندو، جنهن ڪري شاگرد عملي زندگيءَ جا مسئلا حل ڪرڻ کان قاصر رهجي ويندا آهن. هر سال اڳ کان وڌيڪ نوجوان هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ داخل ٿيندا آهن پر تعليمي معيار درجي بدرجي گهٽبو ويندو آهي، اهو ان ڪري نہ هوندو آهي تہ اسان جي تعليمي معيار ۾ شاگردن جي گهڻي تعداد کي جذب ڪرڻ جي صلاحيت ناهي پر رڳو ان لاءِ تہ نوجوانن جي ذهني صلاحيتن کي ڪم نٿو آندو وڃي ۽ اهڙيءَ ريت ماضيءَ جي قدر جوڳي ورثي کي ضايع ڪيو ويندو آهي.



# مخدوم ابوالحسن: سنڌي الفابيٽ جو مؤجد

طارق عزيز شيخ




سنڌي ٻوليءَ کي سندس نج ۽ مڪمل آوازن سميت شڪل ڏيڻ وارو پهريون عالم مخدوم ابوالحسن ڏاهري هو. ان کان اڳي سنڌي ٻولي جي الفابيٽ ڪونه هئي، بلڪ سنڌي ٻوليءَ کي مختلف لپين جو سهارو وٺڻو پوندو هو. جيئن سنڌ جي قديم شاعر قاضي قادن جو ڪلام، هندستان جي هڪ رياست هرياڻا جي ڪنهن صديون پراڻي، ڊنل جڳه جي ڪوٺائي مان مليو جيڪو تمام قديم ديوناگري لپيءَ ۾ "سنتون ڪي واڻي" جي نالي سان هڪ گرنٿ ۾ "ڪاجي ڪادن جي ڪِي سنڌي ساکي سنڌي" جي سري هيٺ لکيل مليا. جيڪو تحقيق بعد معلوم ٿيو ته سنڌي ٻوليءَ کي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيو ويو آهي.

اهوئي سبب هو جو سنڌي ٻوليءَ کي لکت ۾ مستقل بنيادن تي پنهنجي اصلوڪي شڪل نه ملي سگهي هئي ۽ مخدوم صاحب ان کي پنهنجي طور تي تجربو ڪري لکڻ شروع ڪيو. مخدوم ابوالحسن بنيادي طور تي مذهبي عالم، شاعر ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ڄاڻو هو. هن سنڌي طويل نظم تي مشتمل ڪتاب "مقدمة صلواة" پڻ تحرير ڪيو. هن جيڪي نظم لکيا انهن کي "مخدوم ابوالحسن جي سنڌي" ڪري سڏيو ويو. هي نظم اسلامي خيال کان ڇپيا ويا آهن، جن ۾ شرعي اصولن

جون سمجهاڻيون هيون. مثال: روزي، نماز، زڪوات، حج، ثواب، گناهه، شرڪ، ايمان وغيره جو بيان واضح ٿيل هو. هن 1700عيسوي ۾ ڪتاب لکيو ته ان طرز تي ٻين سنڌي شاعرن به ڪلام چوڻ شروع ڪري ڏنو. تڏهن ڪيترائي عالم فارسي لکندا پڙهندا هئا. سنڌ جي سرڪاري ٻولي به فارسي هئي. پاڻ حڪمران خط وڪتابت وغيره فارسي ۾ ڪندا هئا. ڪافي ماڻهو جيڪي ديوناگري ٻولي ۾ لک پڙهه ڪندا هئا سي وري ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي لکندا هئا. انهيءَ ڪري مخدوم ابوالحسن عربيءَ جي مدد سان سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط تيار ڪئي، جنهن سان سنڌي زبان جو پختو بنياد پيو. مخدوم ابوالحسن مذهبي عالم هو انهيءَ ڪري عربي ۽ فارسي ٻولين جي سني ڄاڻ رکندڙ هو. اهوئي سبب هو جو هن سنڌي الفابيٽ جوڙڻ وقت عربي ۽ فارسي ٻولين مان مدد ورتي. هن عربي ٻوليءَ جا 29 ۽ فارسيءَ جا 3 اکر شامل ڪري سنڌي الف بي ناهي. باقي هن نج سنڌي آوازن جا نوان اچار پڻ گڏي ڇڏيا. مخدوم ابوالحسن جي جوڙيل الفابيٽ مان جيڪي اکر سنڌي ٻوليءَ جي محققن هٿ ڪيا آهن سي هيٺ ڏجن ٿا.

موجوده صورتخطي، مخدوم ابوالحسن جي سنڌي

| | |
|---|---|
| ٻ | ب |
| ڀ | ٻه |
| ٿ | ته |
| ٽ | ت يا تر |
| ٺ | ته |
| ڦ | ف يا پهه |
| ڄ | ۽ جهه ج |
| ڃ | نج |
| ڇ | چھ |
| ڌ | ڊ يا دھ |
| ڏ | د |
| ڊ | ڊ |
| ڙ | ر |
| ک | کھ |
| ڳ | ۽ گھ گ |
| ڱ | نگ |
| ڻ | ن |

انگريزن جي دور ۾ جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي الفابيٽ جوڙڻ واري ڪميٽي گهڻن ڏينهن تائين ڪنهن فيصلي جو نتيجو نه ڪڍي سگهي هئي ته آخرڪار مخدوم ابوالحسن واري الفابيٽ کي ئي سهارو بڻائي باقي سنڌي ٻوليءَ جي نج آوازن جي شڪل ناهي وئي. سنڌس رسم الخط ڪميٽيءَ جي صدر مسٽر ايلس جنهن آخري فيصلو ڪيو هو تنهن عربيءَ جي اکرن کي شامل ڪرڻ جي حق ۾ فيصلو ڏيندي ابو الحسن واري سنڌيءَ ۾ تبديلي آڻي سنوارڻ بعد سنڌي ٻوليءَ جا ڪل 52 اکر مقرر ڪيا. جنهن جي صورت اڄ تائين قائم آهي.

ڪلهوڙن جي دور کان انگريزن جي دؤر تائين سنڌ ۾ مخدوم ابوالحسن واري رسم الخط استعمال هيٺ رهي. مخدوم ابوالحسن واري زماني ۾ نومسلمن لاءِ هن وٽ تبليغ ۽ اسلامي اصولن جي سمجهاڻ لاءِ پڙهڻ لکڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو به طريقو نه هو. مخدوم صاحب پاڻ ٺٽي ۾ معلم هوءِ درس تدريس جي پيشي سان واڳيل هو. سنڌ جا ڪيترائي عالم مخدوم صاحب جي مدرسي مان تعليم حاصل ڪري اڳتي وڌيا. مخدوم صاحب معلم هئڻ ڪري ڪيترائي نصابي ڪتاب لکيا هئا. پنهنجي مڪتب ۾ ”مقدمة الصلوة“ ڪتاب نصاب طور پڙهائڻ شروع ڪيو هئائين. جيڪو سنڌي کي لازمي ٻوليءَ واري تحريڪ جي تاريخ جو بنياد پڻ چئي سگهجي ٿو. مخدوم صاحب پنهنجن شاگردن کي سنڌي ٻولي لکڻ سيکاريندو هو جيڪو لکجڻ سان ’سنڌيءَ‘ ذريعي تعليم ڏيڻ واري تحريڪ جو هڪ نئون دور شروع ٿيو. هيءَ ڪتاب پڙهائڻ لاءِ ايترو سولوءِ مقبول رهيو جو مخدوم صاحب جي زندگيءَ وارن ڏينهن کان وٺي اهو سلسلو شروع ٿيو ته سندس شاگردن به ساڳيوئي سلسلو جاري رکيو. ٺٽي جي سمورن مدرسن ۽ مڪتبن


بسم الله الرحمن الرحيم
واحد کي وا کا ڻيان جو صاحب ربّ ستار
مولو مرن مخلوق جو خالق خلقنهار
ڏسي مري ڏيه ڏني برپاڪ اکينا
سميع سنيدڙ صانع سو برپاڪ ڪننا
مالڪ مرن ملڪنجو خالق تن سندو
جيڪي ڏسجي جتي ڪي مري مخلوق سو
پلو پلائي تنهن محمد مختار صلى الله عليه وسلم
شفيع سڀي جهانجو ار تن ادار صلى الله عليه وسلم
ختم نبين جو پلو بر پلو مرن ڪنا
لولاڪ تنهجي شان قادر ڪلاما
لک شکر شکور جا جنهن ايڏا کرم ڪيا
جن موکليا مصطفى رهبر رهنما
مرني خبر خليل ڏني سنڌي سبحانا
وصف مرني واحد جي ڪيا بيانا
ارڪان مرني اسلام جا پن ظاهر تنهن ڪيا
جو گا چار يار تنهجا پلا پر جلا
ابوبکر عمر پو عثمان حيدر شاه
ڪنا شيطان شومتي ڪن سڀي نگاه
آل احمد جا جو افضل ۽ اعلى
حسن حسين امام ٻئي ۽ فاطمة الزهرا
حب ڏجهم هي ۾ ان جي اکا
چوان صلوة رسول تي دائم مداما
مهدار مرن مرسل جو ڏيو ڏهنا

۾ ادائي سؤ سالن تائين پڙهايو ويو. مخدوم ابوالحسن جي سنڌي جي طرز تي بعد ۾ ٻين وڏن وڏن عالمن پڻ ڪتاب لکيا، جن ۾ مخدوم محمد هاشم، مخدوم ضياءُ الدين ۽ ٻيا ڪيترائي ناميارا عالم شامل آهن.

سنڌ ۾ انگريزن جي دور ۾ 1920ع ۾ هن ڪتاب جو جيڪو ڇاپو حيدرآباد مان شايع ٿيو، تنهن جي ديباچي مان ظاهر آهي ته ان وقت جي تعليمي نصاب ۾ پڻ هيءُ هڪ درسي ڪتاب طور پڙهايو ويندو هو. مخدوم صاحب هڪ سڄاڻ عالم هو، جنهن اهو ڪتاب خاص طرح شاگردن جي تعليمي ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ درسي ۽ نصابي ڪتاب طور لکيو هو. مخدوم ابوالحسن پنهنجي تصنيف ”مقدمة الصلواة“ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪتاب جي گهرج جو مقصد جيڪو بيان ڪيو آهي سو هنن لفظن ۾ آهي:

ابو عبدالعزيز پُٽر پڇي پڙهڻ ڪان
هيءُ مسئلا نماز جا، سارئا سنڌي واءُ
ته مان مومن تن ڪي سِکي سچ منجها
هن ڪميٽي ڪي ڪن ڪا، ڪارڻ ڏٽيءَ دُعا
الاهي ابوالحسن مڱي تو مان
موليٰ مهربان ڏٽي سائين سڀاجها
طلب ڏي توفيق سين، مومنين ميان
ته پڙهين پاڙهين سڀ هي مڙني مسئلا
ڪارڻ طلب طالبين رسالو لکيوم
”مقدمة الصلواة سنڌي“ نالو ڳنه رکئوم.

سنڌ جي ناميارِي محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ موجب: ”هن درسي ڪتاب تصنيف ڪرڻ بعد، سڀ کان اول مخدوم ابوالحسن پاڻ درسگاهه ۾ هن ڪتاب کي پڙهائڻ شروع ڪيو. ان وقت هي درسي ڪتاب ايترو ته مقبول ٿيو جو نه فقط وڏن عالمن ۽ استادن جي وچ ۾ ان جي موضوع ۽ مضمون بابت تحقيقي بحث مباحثو ٿيو پر مڪتبن ۽ مدرسن ۾ ويندي ادائي سؤ سالن تائين چاهه سان پڙهيو ۽ پڙهايو ويو“. ”مقدمة الصلواة“ ۾ مخدوم صاحب اسلامي اصولن ۽ پابندين بابت جهڙي ريت سمجهاڻيون ڏنيون آهن سي واقعي ساراهڻ جوڳيون آهن. مثال طور نماز پڙهڻ بابت چاڻ ڏيندي سمجهائي ٿو:

فتح القدير ۽ بحر ۾ هن پر ٿو چوي
ته ايڪيتاليهون اوچتي جي ڪنهن قيءِ اچي
سا وري پوءِ نه پڌري، پري وات وجهي
ته اهڙي قيءِ نماز پڙهيا چون ڀڃي.

اهڙيءَ ريت هڪ هنڌ وري ميت کي ڪفن ۾ ويڙهي ڏوليءَ ۾ قبر ڏانهن کڻي وڃڻ بابت سمجهاڻي ڏيندي مخدوم صاحب چوي ٿو:

ٻه ڪرائيون ٻنهي پارين، منيا تن ڪجن
موڪرائيءَ ۾ ميت کي، ويڙهي جئن وڃن
پر مڃيا پهرين چادر ۾، جيائون گهرجن
منجهين ۾ ناهه ڪو احتياج سندو تن
امداد الفتاح ۾ متانت ۾ انپر ٿا لکن.

مخدوم ابوالحسن نه فقط سنڌي رسم الخط جو مؤجد، پر مستقل طور رائج ڪيل سنڌي ٻوليءَ ۾ پهرين ڪتاب جو ليکڪ ۽ مدرسي ۾ سنڌي ۾ تعليم ڏيڻ وارو استاد هو. هو سنڌ جو پهريون تنقيد نگار پڻ هو. هن سندس دور کان ڪجهه عرصو اڳي گذري ويل عالم قاضي قادن جي بيت جي سٽ ”جوڳي جاڳايوس، ستو هئس ننڊ ۾“ تي اعتراض ڪندي لفظ جوڳيءَ بابت وضاحت ڏني. هن لفظ جوڳيءَ کي مرشد جي مرتبي تي اهميت ڪونه ڏني، ڇاڪاڻ جو هو بنياد پرست عالم هو جنهن کي جوڳي لفظ غير اسلامي لڳو ۽ قاضي قادن واري مفهوم موجب ان کي رد ڪيائين. سنڌ جي ناميارِي محققه ۽ ماهر لسانيات ڊاڪٽر فهميده حسين ان ڏس ۾ چوي ته: ”مولوي ابوالحسن جي ان اعتراف مان اسين اهو نتيجو ڪڍي سگهون ٿا ته ان وقت جي ماڻهن ۾ اهڙو تنقيدي شعور موجود هو جنهن سان هو شاعرن ۽ سندن شاعريءَ تي ڪا راءِ ڏئي سگهن.“ مخدوم ابوالحسن جي پڪي پختي سوانح تاريخ جي ڪنهن به ڪتاب مان ناهي ملي پر سنڌ جي ناميارِي محقق ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ تاريخي اهڃاڻن کي آڌو رکندي هيءُ سن ڪڍيو آهي: ”ميان ابوالحسن اندازو آهي ته 1010 هجريءَ ڌاري ڄائو ۽ جيڪڏهن وفات وقت سندس عمر 85 سال ڪن هئي ته پوءِ هن سن 1105 هجريءَ ڌاري وفات ڪئي.“ ان ڪري مخدوم ابوالحسن سنڌيءَ جي حوالي سان وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي ته جيئن سنڌيءَ جي الفابيٽ جي موجد جي سوانح حيات کان وٺي سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي حيثيت بابت وڌيڪ معلومات ملي سگهي.

| | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ا | ب | ٻ | ڀ | ت | ٿ | | | |
| ٽ | ٺ | ث | پ | ج | ڄ | | | |
| جھ | ڃ | چ | ڇ | ح | خ | | | |
| د | ڌ | ڏ | ڊ | ڍ | ذ | ر | ڙ | ز |
| س | ش | ص | ض | ط | ظ | | | |
| ع | غ | ف | ڦ | ق | ڪ | | | |
| ک | گ | ڳ | گھ | ڱ | ل | | | |
| م | ن | ڻ | و | ه | ء | ي | | |

# عبدالله خان ورياهه: سنڌ جي تاريخ سان پيار ڪندڙ

اعجاز علي خواجا



سچ تہ آئون ڪو وڏو اديب يا ادب جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جو ڄاڻو يا ماهر ڪونہ آهيان پر قسمت سان ناميارن ليڪڪن، اديبن، ادب جي پرک رکندڙن ۽ دانشورن کي ويجهو رهندڙ ۽ ادب جي صنفن کي سمجهندڙ ڪوڙ سارين معروف شخصيتن سان ڪڏهن قرب ڪچهرين، ڪڏهن رس رهاڻ تہ وري ڪڏهن جيل کان ٻاهر ۽ جيل جي اندر گڏ رهڻ، ڪائنٺ سکڻ، سمجهڻ ۽ پرائڻ جا موقعا ملندا رهيا آهن.

پنهنجي جيل جي سفر جي ساروڻين ۾ پنهنجي مهربان، شفيق ۽ وڻندڙ دوستن جي ذڪر خير ۾ ٽنڊي آدم سان تعلق رکندڙ محترم عبدالله خان ورياهہ پڻ شامل آهي، جنهن کي خانداني حوالي کان وڏيرو بہ سڏيو ويندو آهي تہ وري سندن خاندان جا بزرگ پاڻ کي فقيري واري لقب هيٺ فقير بہ سڏائيندا آهن. انهيءَ فقيري تخلص جو تعلق مخدوم نوح سرور عليہ رحمت جي درگاهہ سان آهي يا ان جو ڪو ٻيو پس منظر هجي، پاڻ انهيءَ کان بي خبر آهيون. ادب دوست، يارن جي يار، محبوبيت ۽ جاذبيت رکندڙ نوجوان، رفيق، هنڌيوال ۽ ڪولي وال جو بيان ڪرڻ ۽ مٿس بہ لفظ لکڻ صفا ضروري ۽ اهم ٿو سمجهان.

عبدالله خان ورياهه جي شخصيت سنڌ جي ادبي، سماجي، علمي ۽ سياسي حلقن ۾ چڱي ۽ نمايان حيثيت واري آهي. ڪشمور کان وٺندي ڪيٽي بندر تائين ڪو به تاريخي يا ثقافتي ميڙاڪو ۽ سيمينار هجي عبدالله خان کهي ان ۾ لازمي طرح شرڪت ڪندو. ڪتاب پڙهڻ جو صفا ڪوڏيو. تاريخ جي باريڪين جو ماهر، بهترين اديب، نثرنگار ۽ سهڻو شاعر آهي.

ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي سرپرستيءَ هيٺ هن وقت سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽري (PHD) جي ڊگري حاصل ڪرڻ جي تياريءَ ۾ رڌل آهي. سندس تحقيق جو موضوع آهي، ” سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب سڪن جي روشنيءَ ۾“. عبدالله خان سان منهنجي واقفيت ۽ لاڳاپو سال ١٩٧١ع کان هلندو اچي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ٺٽي مان قومي اسيمبليءَ جي ڪٽيل سيٽ خالي ڪئي هئي جتان وري سروري جماعت جي پيشوا مخدوم زادي محمد امين فهيم کي اها ٽڪيٽ ملي هئي. سروري جماعت سان وابستگيءَ سبب عبدالله خان ۽ سندس ٻه بزرگ مرحوم فقير غلام حسين ورياهه ۽ مرحوم فقير محمد شريف ورياهه ۽ جماعت جا ٻيا ماڻهو جن ۾ مرحوم حاجي فتح الدين شاهه چيف خليفو به شامل هو اسان جي ڳوٺ ميرپور بٺوري ۾ اچي لٿا هئا ۽ اسان جا مهمان ۽ اليڪشن مهم جا انچارج هئا. مخدوم زادي جي اليڪشن هئي جيڪو ٩ لکي گودڙيءَ جو مالڪ هو. سموري ضلعي ۾ سروري جماعت جا وڏا وڏا ۽ چيف خليفا، مريد خادم لهي ويا. سوين نيون نڪوريون ۽ ڏگهيون ڪارون ۽ جيپون. ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عاليشان اليڪشن ڪئمپون ۽ آفيسون قائم ٿي ويون. ٺاهوڪڙي ماني، سنا بورچي، چانهه ۽ ٻي خذمت عام جام، سچ پڇو ته اسين ٿورا ڏينهن اڳ ڊسمبر ١٩٧٠ع واري عام چونڊ جنهن ۾ قومي تڪ تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ صوبائي تڪ تي محترم محمد خان سومرو اميدوار هئا، اها چونڊ صفا بڪ ۽ سليماني چانهه تي ڪري چڪا هئاسين. ڀڳل ۽ پراڻيون جيپون ۽ ٻيو زور هو پنڌ تي. ان ۾ ڪو به گمان ڪونهي ته ڊسمبر ١٩٧٠ع واريون عام چونڊون جذبن جو ڪمال هيون، شهيد ڀٽي جي قيادت جو جادو هو جنهن عام ماڻهو جي ذهن کي پنهنجي سحر ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو هو. هڪڙو عجيب نشو هو جنهن ۾ بک، ڏئو ۽ رات ڏينهن جو ڪو به احساس ڪو نه هو. پر مخدوم صاحب واري اليڪشن ۾ سروري جماعت جو ٺٽ ٺانگر ڏسي ۽ زيرو ميٽر نين گاڏين ۾ ورڪ ڪندي اسان کي ڏاڍو عجيب پئي محسوس ڪيو. جماعت جي خليفن به دل کولي خرچ ڪيو. مخدوم صاحب به وڏي اڪثريت سان ٺٽي مان ڪامياب ٿيو. ڪارڪن لڏي به خوب پاڻ ملهايو ۽ سمجهيو پئي ته هاڻ ڪا ٺٽي وارن جي مالڪي ٿيندي پر اهو ديواني جو خواب هو.

مخدوم زادي صاحب وڃي ڪراچي ۽ اسلام آباد وسائي. ٺٽي جا رستا خراب ۽ ڀڳل هئا. سفري سهولت ڪا نه هئي. اهي ڏينهن هي ڏينهن ١٥-١۴ سالن جي عرصي ۾ منشي، مئنيجر يا ڪمدار ڪاراوي به اها سار ڪا نه ورتي ته ٺٽي ضلعي جا ماڻهو جن هيڏو وڏ ڪيو سي ڪهڙي حال ۾ آهن. ڪو ڏک سور نه اٿن يا سڄي ضلعي ۾ ڪير جون نديون ٿيون وهن! موٽي اچون ٿا پنهنجي موضوع تي. آڪاڻي جو رخ تبديل ٿي ويو. دراصل ان وقت کان ئي عبدالله خان سان اندر جا پيوند اهڙا ته ڪپي ويا آهن جو ائين ٿو لڳي ته هن سان ڪي صدين جان ازلي رشتا آهن. سال ١٩٧٩ع ۾ ضياءَ جي مارشل لائي دور ۾ هن ئي جيل ۾ B ڪلاس جي هڪ ڪوليءَ ۾ اسين گڏ رهندا هئاسون. هن دفعي MRDتحريڪ ۾ وري به ساڳئي جيل ۾ اچي گڏياسون. چاڪاڻ ته جڏهن به ملڪي سياست ۾ گرمي ۽ ماحول ۾ شدت پيدا ٿيندي آهي ته اسان سان گڏوگڏ محترم عبدالله خان جو نالو به يوسف جي خريدارن واري لسٽ ۾ بنا خرچ جي داخل ٿي ويندو آهي ۽ هي همراهه به مصر جي بازار ۾ پهچي ويندو آهي!

اهڙو انسان جنهن مان ڪو به ڏاريائپ محسوس نه ڪري. هر ڪو سندس پيار ۾ پاڳي پائيوار هجي. جنهن سان جڏهن به، جتي به ۽ جيڪو به ملي ته اهو ساڳيو ئي دلربائي وارو انداز ۽ رويو هجي، ڪليو پيو ڪيڪاريندو! ڪيترائي قربدار ماڻهو زندگي ۾ مليا آهن ۽ ڏٺا آهن، پر هن يار جي ڳالهه ئي نرالي آهي. پنهنجي ذات ۾ پاڻ ادارو ۽ انجمن آهي! جيل ملاقات هجي يا بحث مباحثو تقرير ڪرڻي هجي يا ڪا عام ڪچهري ۽ گفتگو نفاست، نزاڪت ۽ سنجيدگي سندس زندگيءَ جو حصو آهن. طبيعت ۽ مزاج ته انتهائي نرم ۽ شفيق پر نظرياتي ۽ فڪري حوالي سان به بنهه صاف، ڇٽو ۽ ڪرو ماڻهو

آهي. ڪنهن به موضوع تي راءِ ڏيندو ته پنهنجي سوچ ۽ راءِ کولي بيان ڪندو پوءِ ڀلي اها ڪنهن کي وڻي يا ڪوان ۾ رنج ٿئي!

ماڻهو ته ٿوري ڄاڻ هوندي به وڏي ڏاڙ هڻندا آهن پر هي دوست وسيع مطالعي، تاريخي ۽ علمي ڄاڻ، تحقيق ۽ زندگيءَ جي تجربن باوجود اهڙي ڪا به ڳالهه ڪو نه ڪندو جنهن مان سندس خودنمائي يا ذات پرستي ظاهر ٿئي. هميشه عجز ۽ انڪساريءَ سان پيش ايندو آهي. شرافت، نوڙت ۽ نهٺائي منجهس بي حساب آهي! ڪٺوڙو ڳالهائڻ سکيو ئي ڪونهي، نڪوئي وري ڪا دشمن جي ڪڍهن گلا يا نلائي ڪري! اعيب، خوبيون ۽ خاميون هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ هونديون آهن پر منهنجي راءِ ۾ هن جي اندر ۾ اوگڻ ٿورا ته گڻ وري اڻ ڳڻيا آهن.

عبدالله خان ورياهه اهڙو اديب، شاعر، دانشور، ڪارڪن، تاريخدان ۽ محقق آهي جيڪو پنهنجي وطن ۽ ڌرتيءَ سان وڏ ڪان وڏ جڙيل آهي. سندس سموريون آشائون، گڻ ۽ صلاحيتون سنڌ سان واڳيل آهن. ڌرتيءَ جا درد ڏسي سندس اندر ڪڙهندو ۽ پڇندو ٿو رهي ۽ اهو انهن ۾ پاڻ کي ڀاڱي ڀائيوار ۽ شريڪ ٿو سمجهي. سچ به اهو آهي ته جنهن به فنڪار، شاعر، اديب يا دانشور کي پنهنجي وطن ۽ ان جي مٽيءَ سان پيار ڪونهي، ان جو وجود ڌرتيءَ تي غير ضروري ۽ بار مثل آهي. انهيءَ ۾ ڪو به وڌاءُ ڪونهي ته جيڪو به نئون ماڻهو عبدالله خان سان هڪ دفعو ملندو سو سدائين لاءِ سندس دوستن ۾ شامل ٿي ويندو. هيءَ شخص جيل اندر هجي يا ٻاهر جي ڪليل فضا ۾، سدائين گل وانگر مهڪندو رهندو آهي. تمام وڏ گهراڻو نازڪ ۽ نفيس قسم جو انسان هوندي به جيل جي انتهائي تڪليف وارين ۽ مشڪل حالتن ۾ به سندس چهري تي ڪڏهن به ناگوار تاثر محسوس ڪو نه ڪيو.

هن خلوص واري انسان جي شخصيت هڪ کليل ڪتاب وانگر آهي. سندس اندر ۽ ٻاهر ۾ ڪو به فرق ڪونهي. جهڙو اجرو تن اٿس من به اوترو ئي شفاف اٿس. ڪردار ۽ گفتار جي سچائيءَ ۾ املهه انسان آهي. مون هميشه هن کان سکيو ۽ پرايو آهي. جيل ۾ سندس موجودگي نه رڳو سندس ضلعي سانگهڙ جي ڪارڪنن ۽ دوستن لاءِ پر جيل جي سمورن سياسي قيدي ڪارڪنن لاءِ اتساهه ۽ حوصلي جو سبب هئي. ڏاڍو متحرڪ ماڻهو هو سموري سنگت جي خبر چار رکندو هو ۽ سار سنڀال لهندو هو. ڪامريڊ عبدالرزاق سومرو سندس سياسي استاد ۽ ان جو فرزند بابو سومرو سندس گهاٽو دوست ۽ ڏک سک ۾ همراز رهندڙ آهن. جيل ۾ موجود سڀني پارٽين جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن ۾ گهڻي عزت هيس. جيل اندر انتظاميا ۽ قيدي ڪارڪنن ۾ اڪثر مسئلا پيدا ٿي پوندا هئا ته هي دوست انهن کي سلجهائڻ ۽ حل ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو هو. ڪو اختلافي بحث هلي پوندو ته هيءُ دوست صورتحال کي بهتر بنائڻ ۾ مک ڪردار ادا ڪندو هو.

سنڌ جي سماجي، سياسي، ادبي ۽ ثقافتي جوڙجڪ کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ لاءِ هن ساجاهه وند، سني مزاج ۽ پختي ارادي واري نوجوان مان ڪوڙ ساريون اميدون رکي سگهجن ٿيون. خدا شال کيس سگهه، همت، صحت ۽ مهلت عطا ڪري جو پنهنجي وطن جي تاريخ جا وڃايل ورق ڳولهي ڦولهي، نئين جوت ۽ جيوت سان ايندڙ نسل کي اربي سگهي. پنهنجي خلوص ۽ محبت سان سنڌ جي سنگهارن، پنهوارن، ميهارن، ڳنوارن ۽ ٻين ڏکويل طبقن سان سندن غمن ۽ گوندرن ۾ هم شريڪ رهي.

ويني جنين وٽ ڏکندو ٿئي ڏور،
تن تنين سين ڪٽ، اوري اچي پڪڙا.
(شاهه)

**نوٽ:**

عبد الله خان ورياهه سماجي، سياسي، ادبي ۽ ثقافتي حوالي کان ڏاڍو سرگرم ۽ متحرڪ انسان هو. سال ١٩٩٩ع ۾ دل جو عارضو لاحق ٿي ويس ۽ ان جو آپريشن به ڪرايائين پر زندگي سندس ساٿ ڪو نه ڏنو. اهڙي طرح ڪلندي، موڪلائيندي سنگت سان چرچا ڀوڳ ڪندي هي همراهه پيرين پنڌ آپريشن ٿيٽر ۾ ويو پر سندس مسڪرائيندي واپسيءَ جو رستو قدرت ٻاران بند ٿي چڪو هو. ١ جون ١٩٩٩ع تي اسان جو هي دوست ٤٩ سالن جي عمر ۾ پنهنجن سوين چاهيندڙ ۽ ڀائيندڙ دوستن ۽ عزيزن جي چهرن کي ڏکارو ۽ اکين کي آلو ڪري مالڪ حقيقيءَ سان وڃي مليو. دعا آهي ته مالڪ کيس بهشت ۾ جايون عطا ڪري. سندس فرزند تاج محمد ورياهه کي به اهڙوئي حوصلو سمجهه ۽ صلاحيت سان نوازي جو پنهنجي والد جون سڪون لاهي سگهي.

# ڪامريڊ دادا علي بخش خاصخيلي سنڌ جو ڪاھوڙي ڪردار

خاصخيلي عبداللطيف راولاٽي



سنڌ جي سياسي سماجي صورتحال تي نظر وجهنداسين تہ اسان کي انيڪ جاکوڙي ڪردار ملندا جيڪي پنهنجي دور دوران پنهنجي حصي جو ڪم ڪري تاريخ ۾ پنهنجو نالو لکرائي ويا اهڙن ئي يادگار ڪردارن مان ڪامريڊ دادا علي بخش خاصخيلي بہ پنهنجي تاريخ ٺاهي ويو. سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ سنڌ هاري ڪميٽي جو اهم رول رهيو آهي جيڪو عبدالقادر کوکر کان شروع ٿي اڳتي وڌي ٿو ۽ ان ۾ ڪيئي جاکوڙي ڪردار شامل ٿين ٿا. اها تحريڪ اڳتي وڌي ٿي جنهن جي اڳواٽي ان وقت جي ڪاموري سنڌ جي هارين سان ٿيندڙ ناانصافين ۽ زيادتين کي ڏسي ڪري پنهنجي ڪاموڪي نوڪري تان استعيفيٰ ڏيئي هارين جي عظيم جدوجهد ۾ شامل ٿي هميشہ جي لاءِ امر ٿي ويو ۽ اڄ ڏينهن تائين سندس نالو ڪيل ڪم شاندار انقلابي جدوجهد تاريخ جي صفحن تي موجود آهي اهو ڪردار ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هو جنهن چيو هو "جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ" انهي اٽانگي سفر جو ساٿي جنهن پڻ انهي رستي تي هلندي سڄي سنڌجي هارين کي منظم ڪيو ۽ جديد انقلابي نظرئي تي عمل پيرا ٿي ڪري پنهنجي جدوجهد جو آغاز ڪيائين. پاڻ وڏيرڪي چاپلوسي ۽ وائيٽ ڪالر سياست جي سخت خلاف هوندو هو سدائين سفر ۾ هوندو هو. سفر جي دوران ڪتاب مطالعي جي لاءِ پاڻ سان گڏ کڻندو هو. سنڌ جي هر وسنديءَ ۾ وڃي ليڪچر ڏيندو هو. ترقي پسند لڏي سان گڏ هئڻ ڪري ڪيس ڪامريڊ جو خطاب



مليو پر عام طور تي دادا جي نالي سان مشهور هو. جتي بہ ويندو هو تہ اتي ڪارڪن سندس نالو ڪونہ پڪاريندا هئا صرف ڪامريڊ ”دادا“ چوندا هئا. مسلسل سفر ۾ رهڻ جي ڪري ڪيس سنڌ جو ابن بطوط بہ چوندا هئا. سنڌ جو هي ابن بطوط هڪ ضلعي مان نڪري ٻئي ضلع ۾ پهچندو هو. ڪراچي ۾ سندس مرڪز شهر ۾ ايوب خاصخيلي ۽ ٻهراڙي ۾ ملير ۾ پروفيسر محمد ابراهيم خاصخيلي ۽ پروفيسر محمد رحيم راولاٽي جون اوطاقون هونديون هيون جتي پاڻ ائين رهائش اختيار ڪندو هو جڻ تہ پنهنجي ئي گهر ۾ پهچي ويو هجي. اڻ ڪٿ سفرسندس منزل هئي. پاڻ جدوجهد جي دوران جيل ياترا بہ ڪيائين. سنڌ ۾ ٻولي جا مسئلا هجن يا وري ون يونٽ جي يادگار جدوجهد هجي پاڻ هميشہ هر اول دستي جو ڪردار ادا ڪندي سنڌ جي هر مزاحمتي تحريڪ جو حصو رهيو آهي. ”جان جان هئي جيئري ورچي نہ ويٺي“ شاهہ جي هن عظيم ڪردار جيان پاڻ ڪڏهن بہ خاموش ۽ پوئتي نہ رهيو. سنڌ ۾ سنڌ هاري ڪميٽي کي منظم ڪرڻ ۽ سنڌ جي پوئتي پيل هارين کي هڪ پليٽ فارم تي آڻيندي کين باشعور بڻائي کين پنهنجا ڪسيل حق واپس ڏيارڻ لاءِ هاري ڪميٽي کي زنده رکندو آيو. اهڙا ڪردار تاريخ ۾ پنهنجو نالو ڇڏي ويندا آهن. تاريخ جي صفحن تي اهڙن ڪاهوڙي ڪردارن کي هيشہ لاء ياد رکيو ويندو. شخصيتن ۾ ڪردار جي وڏي اهميت ۽ افاديت هوندي آهي اڪثر ڪري سٺي ۽ عملي ماڻهو کي سندس ڪردارجي حوالي سان سڃاتو ويندو آهي. دادا هڪ چرندڙ پرندڙ تحريڪ هو. جتي بہ ويندو هو اتي ٿيندڙ ڏاڍين خلاف آواز بلند ڪندو هو.

جدوجهد تي قائم دائم رهيو. حالتن ۾ مختلف وقتن تي گرميون سرديون اينديون رهيون پر هو پنهنجي جواني کان وٺي پيري تائين ثابت قدم رهيو. پوئتي پير نہ هٽايائين ساڳئي تحريڪ ساڳي ئي انقلابي نظرئي تي عمل پيرا ٿي ڪري. 28 جولاءِ 2022ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيائين. ڪڏهن بہ ڪنهن بہ دور ۾ پاڻ ڪي وڪرو نہ ڪيائين سدائين غربت جي سادگي واري زندگي گذاريائين. اصولن تي سوديبازي نہ ڪيائين.

جان جان هئي جيئري ورچي نہ ويٺي
وڃي پون پيٺي سڪندي کي سڄڻي.

# پروفيسر مير محمد مقبول سومرو

## حقيقي مالڪ ڏانهن راغب ٿيڻ جو درس ڏيندڙ بزرگ ۽ شاعر

عبدالله نعيم



باب الاسلام سنڌ پنهنجي ڪُک مان ڪيترن ئي عالمن، اديبن، شاعرن، محققن، مفڪرن ۽ صوفي بزرگن کي جنم ڏنو آهي، جن دنياوي توڙي اخروي علمن ۾ پاڻ ملهائي سنڌ واسين جو نالو روشن ڪيو. ديني علمن جهڙوڪ علم، تفسير، حديث، فقہ ۽ تصوف تي عبور حاصل ڪيو. انهن مان محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم غلام عباس صديقي، پاٽائي، مخدوم ابوالحسن ڏاهري، شيخ محمد حيات سنڌي، مخدوم ضياءَ الدين ٺٽوي، محمد عابد سنڌي، مخدوم محمد معين ٺٽوي، فقير الله علوي، مولانا تاج محمود امروٽي ۽ مولانا عبيدالله سنڌي قابلِ ذڪر آهن. ان ڪانسواءِ ڪيترائي ناليوارا علماءِ ڪرام پنهنجي علمي ۽ ديني خدمتن سبب سڄي دُنيا ۾ مشهور ٿيا جن جي ڪيل علمي ۽ ديني خدمتن مان اڄ تائين ڪيترائي ماڻهو لاڀ پرائي رهيا آهن ۽ قيامت تائين حاصل ڪندا رهندا. اهڙن بزرگن ۽ مفڪرن مان هڪ نالو مفسر قرآن، فقيہ، نعت گو شاعر، عالمِ دين، محقق، تاريخدان ۽ هڪ بهترين اُستاد پروفيسر مير محمد مقبول سومرو هنگورجائي جو پڻ آهي جنهن سنڌي زبان ۾ تفسير رياض القرآن لکي علمي ۽ ديني حلقن ۾ پنهنجو نالو مڃرايو. هنگورجا شهر ناليواري بزرگ، عالم فقيہ، محدث غلام عباس پاٽائيءَ جي ڪري تمام گهڻي شهرت رکي ٿو هي بزرگ 16هين صدي عيسويءَ ۾ پاٽ (دادو) مان لڏي اچي هنگورجن ۾ سڪونت پذير ٿيو. اِهو ترخانن ۽ ارغونن جو دور هيو انڪري هنگورجن ۾ علم ۽ عرفان جو هڪ درياهہ جاري ٿي پيو. دُنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماڻهو اچي ڪانئس علم جو فيض پرائڻ لڳا. هزارين شاگردن ڪانئس تعليم ورتي. آخرڪار علامہ مخدوم صاحب 898 هجري ۾ 96 ورهين جي ڄمار ۾ رحلت فرمائي، سندس مزار شريف پڻ هنگورجن ۾ آهي. هونئن بہ هنگورجا هڪ قديمي شهر آهي، ماهر لسانيات پروفيسر غلام علي الانا 1971ع ۾ پنهنجي پي ايڇ ڊي ٿيسز ”لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ“ ۾ صفحو نمبر 384 تي لکي ٿو تہ: شيخ ابڙو هالاڻي ولادت 7 شعبان 577 هجري بمطابق 1181ع هالاڻي شهر ۾ پيدا ٿيو. اهو ئي سبب آهي جو ڪيس شيخ ابڙو هالاڻي سڏيندا آهن. سندس وفات 60 سالن جي ڄمار ۾ رجب 637 هجري بمطابق 1239ع ۾ ٿي، ان زماني ۾ سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت هئي. شيخ صاحب هنگورجن جي ارباب آري سمي جي ڌيءُ هاجره سان شادي ڪئي. هن بيبيءَ مان ڪيس پُٽ ڄائو جنهن جو نالو شيخ جڪرو رکيائون. الانا صاحب جو پروفيسر مير محمد مقبول سومرو لاءِ چوڻ آهي تہ ”ڪي ماڻهو

پهرئين ملاقات ۾ ڏسڻ ۾ ڏاڍا سادا سودا ۽ ابوجهه لڳندا آهن پر اهڙا ماڻهو ڏيکاءُ ڪونه ڏيندا آهن ته ڪي اهي اندر ۾ اونها، سياڻا، قابل ۽ ذهين آهن، اهڙن ماڻهن مان مير محمد مقبول سومرو هنگورجائي پڻ آهي. (تاريخ هنگورجا، صفحو 7)

مير محمد مقبول سومرو 3 جون 1946ع بمطابق 3 رجب 1365 هجري سومر ڏهاڙي الله بخش سومرو جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس تخلص مقبول ۽ ڪنيت ابو عبدالله. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول هنگورجا ۽ ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول هنگورجا مان حاصل ڪئي جڏهن ته انٽر ۾ سندس امتحاني مرڪز ممتاز ڪاليج خيرپور هيو ۽ پاڻ امتحان دوران ڪرنل شاهه هاسٽل خيرپور ۾ رهيا ان وقت تعليمي بورڊ حيدرآباد هوندو هو. سائين جن ايم اي مذاهب عالم 1977 ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪئي، ان سان گڏوگڏ هُن ايم اي اسلامڪ ڪلچر 1984ع ڌاري سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي. مولوي، فاضل عربي، خطيب، پيش امام جو ڪورس خط و ڪتابت ذريعي دعوت اڪيڊمي بين الاقوامي اسلامي يونيورسٽي اسلام آباد مان حاصل ڪيائون. تصوف جي حوالي سان مير محمد مقبول سومري جو لاڳاپو نقشبندي سلسلي سان تڏهن جُڙيو جڏهن هُن ناليواري شخصيت قطب الآفتاب حضرت قبله پير عبدالله جان (شاهه آغا)، سرهندي قدس سره العزيز جي هٿ تي بيعت ڪري سندن مريدن ۾ شامل ٿيو. هُن پنهنجي نوڪري 1966ع کان پرائمري اُستاد طور شروع ڪئي اُن وقت سندس پگهار 100 رُپيا هيو 1984ع ۾ عربي ٽيچر مقرر ٿيا ۽ 1985ع ۾ ڪميشن پاس ڪري اين اي بلوچ ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽي ايلسا قاضي ڪيمپس حيدرآباد ۾ ليڪچرار مقرر ٿيا. 3 جون 2006ع ۾ عمر 60 سال پورا ٿيڻ ڪري اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت سان رٽائرڊ ڪيائون. پاڻ 40 سال درس ۽ تدريس سان واڳيل رهيا. مرڻ گهڙيءَ تائين پڙهڻ پڙهائڻ ڪم جاري رکيائون. سندن لکڻين جو ذڪر ڪجي ته ڪين سنڌي، اردو، عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين تي عبور هيو. هُن پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا جن جو انگ 100 کان وڌيڪ ٿيندو. سندن مضمون ۽ مقالا مختلف وقتن تي مشهور اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا. مير محمد مقبول سومرو بهترين اُستاد سان گڏوگڏ پلوڙ شاعر، ليکڪ، اديب، محقق، تاريخدان، عالم ۽ مفسر قرآن پڻ هئا. سندن اهم لکڻين ۾ تاريخ هنگورجا، فضائل شب قدر (اردو) دستور الاسلاف في اصلاح الاخلاف (اردو) سلطاني سهاڳ، موتين جي مالها (سوانح مولوي الله بخش سومرو) تفسير رياض القرآن (پهريون سيپارو) شامل آهن. شاعريءَ جي صنف ۾ جذبات مقبول، سوغات مقبول، مفرح قلب، دليل الوصال قابل ذڪر آهن. پرفيسر مير محمد مقبول سومرو جي شاعريءَ مان ڪجهه سِٽون پڙهندڙن آڏو رکجن ٿيون جيڪي هن پنهنجي نياڻي (منهنجي پيڻ) جي وڇوڙي تي مرثيه طور لکيون هيون:

"واءِ ۾ صر صر ڪ تنهنجي باتڙي،  
ٻُري ڪنن ۾ ٻولي ابهم باتڙي،  
دير لاتي چو ائتي ايڏي پلاءِ؟  
وڃ سڳهو پائي گهران تون جهاتڙي.

ڪونه تو دل کي اچي آرام ڪو  
ويني ويني ٿي وڃي اڄ راتڙي.  
نيڻ تنهنجا نند ۾ آهن محو  
سوز ۾ منهنجي سڙي ٿي ڇاتڙي.  
قل پڙهي مون چار تو موٽي اچان،  
دل ملڻ خاطر رهي ٿي آتڙي.  
ياد ڪن توکي سمورا روز پيا،  
ڪانه وسري آهي تنهنجي تاتڙي.  
لحد تنهنجي رب ڪندو محلات پڻ،  
نور جي مٽس وسندي برساتڙي.  
مات ڪر "مقبول" آ فاني جهان،  
ڪير ڪونهي ڪو هميشه ساٿڙي.

حقيقت ۾ هي جهان واقعي به فاني آهي هت ڪير نه رهڻو آهي. مير محمد مقبول سومري جي تعليمات، لکڻيون ۽ شاعري به اهو ئي لافاني پيغام ۽ درس ڏين ٿيون ته انسان کي هر وقت پاڻ پتوڙڻ گهرجي ۽ خالق حقيقي ڏانهن راغب ٿيڻ جي پروڙ ڪرڻ گهرجي. مير محمد مقبول سومرو 24 مئي 2021ع بمطابق شوال 1442هه سومر ڏهاڙي صبح جو سوا چار وڳي هي فاني جهان ڇڏي دارالبقا ڏانهن روانا ٿيا، پاڻ صوم و صلوات جا بي حد پابند هئا. سچي ڄمار شريعت محمدي تي سختيءَ سان عمل ڪندي گذاريائون ۽ ٻين کي پڻ اهڙو درس ڏيندا رهيا. سندس جسد خاڪي وصيت مطابق درگاهه شريف نبهندو شاهه ٻاهران خدمتگذارن جي روضي اندر اولهه پاسي کان مدفن آهي. پاڻ هن درگاهه جي جامع مسجد ۾ بغير ڪنهن لوڀ لالچ جي رُڳو رب پاڪ جي رضا خاطر خطيب جي حيثيت سان ڪيترائي سال خدمتون سرانجام ڏنائون. بابا سائين مير محمد مقبول سومرو اسان کان وڇڙي ته ويو پر سندس پيغام سنڌ پرڳڻي سميت سڄي عالم ۾ زنده رهندو.




سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ صوبي ۾ هڪ هفتي جي ڊگهي پوليو مهم جي شروعات ڪرڻ تي
نيشنل انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ (اين آءِ سي ايچ) ۾ ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي.
صحت کاتي جي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ۽ عزيز ميمڻ پڻ ساڻس گڏ آهن.



سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه قائد اعظم محمد علي جناح جي مزار تي
اسڪولي ٻارن سان گڏ فوٽو ڪيرائيندي.

Monthly **PAIGHAM** Karachi



# ڪامريڊ دادا علي بخش خاصخيلي سنڌ جو ڪاهوڙي ڪردار

(خاص ليک اندر پڙهندا)

سنڌ جي سياسي سماجي صورتحال تي نظر وجهنداسين ته اسان کي انيڪ جاکوڙي ڪردار ملندا جيڪي پنهنجي دور دوران پنهنجي حصي جو ڪم ڪري تاريخ ۾ پنهنجو نالو لکرائي ويا ـ اهڙن ئي يادگار ڪردارن مان ڪامريڊ دادا علي بخش خاصخيلي به پنهجي تاريخ ناهي ويو. ـسنڌ جي سياسي تاريخ ۾ سنڌ هاري ڪميٽي جو اهم رول رهيو آهي جيڪو عبدالقادر کوکر کان شروع تي اڳتي وڌي ٿو ۽ ان ۾ ڪيئي جاکوڙي ڪردار شامل ٿين ٿا. اها تحريڪ اڳتي وڌي ٿي جنهن جي اڳواڻي ان وقت جي ڪاموري سنڌ جي هارين سان ٿيندڙ ناانصافين ۽ زيادتين کي ڏسي ڪري پنهنجي ڪامورڪي نوڪري تان استعيفيٰ ڏيئي هارين جي عظيم جدوجهد ۾ شامل ٿي هميشه جي لاءِ امر ٿي ويو ۽ اڄ ڏينهن تائين سندس نالو ڪيل ڪم شاندار انقلابي جدوجهد تاريخ جي صفحن تي موجود آهي اهو ڪردار ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي هو جنهن چيو هو "جيئي سنڌ جام محبت پيئي سنڌ" انهي اٽانگي سفر جو ساٿي جنهن پڻ انهي رستي تي هلندي سڄي سنڌجي هارين کي منظم ڪيو ۽ جديد انقلابي نظرئي تي عمل پيرا ٿي ڪري پنهنجي جدوجهد جو آغاز ڪيائين.